پروفيسر ڊاڪٽر غلام سڪينه شيخ

# ”بيداري“ جي ڪن اهم مضمونن تي تبصرو

”بيداري“ ماهوار منهنجي نظر ۾ هڪ ديني رسالو آهي. ۽ مان بيداريءَ جو مطالعو تمام گهڻي عرصي کان وڏي چاهه ۽ غور سان ڪندي آهيان. هميشه وانگر بيداريءَ جو هر مضمون پڙهڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ۽ عجيب قسم جي ڪشش ٿو رکي.

اردو ”بيداري“ ماهوار يا سنڌي بيداري ماهوار ۾ ڪجهه مضمون اهڙا شايع ٿيا آهن، گذريل مهينن جي دوران، جو پڙهندي ئي دل پرجي آئي.

خود احتسابيءَ وارو اوهان جو لکيل مضمون هڪ اهڙو صاف ۽ چٽو آئينو هو، جنهن ۾ هر فرد سچائيءَ جي نظر سان اگر ڏسي ته ان کي ان ۾ پنهنجو ئي عڪس جي نظر ايندو، خود احتسابيءَ تي مون به پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو، جن کي اوهان ”بيداريءَ“ جي جيءَ ۾ جاءِ ڏني. تنهن لاءِ ٿورا.

ادا سائين ! اوهان جو ”بيداري“ ماهوار سنڌي ۾ نومبر 2014 تي شايع ٿيندڙ مقالو.”موجوده دؤر جو چيلينج ۽ اساتذه ڪرام جون ذميواريون“ پڙهيم. مقالي جي هڪ هڪ سٽ دل تي اثر ڪيو.

جيئن ته مان به گذريل 23 سالن کان ان پيغمبري پيشي سام لاڳو رهي آهيان. ۽ روزانو الڳ الڳ مزاج رکندڙ استاد محترمن سان واسطو رهي ٿو. سچ پچ ته ڪجهه استاد اڃان به اهڙا موجود آهن، جيڪي پنهنجي ذميوارن کي فرض سمجهي سچائي سان اڄ به ادا ڪندا رهن ٿا. اڄ به هو محنتي شاگردن کي هڪ جوهريءَ وانگر تراشي هيرو بڻائيندا رهن ٿا. مان اهو چوڻ ۾ ڪا به هٻڪ نه محسوس نه ڪندس ته حقيقت ۾ استاد جون ذميواريون



والدين جي ذميوارين کان به وڌيڪ آهن. شاگرد جي زندگيءَ کي بدلائڻ جي صلاحيت جيڪو رکي ٿو، اهو استاد ئي آهي.

سٺو ۽ محنتي استاد صرف اهو نه آهي، جيڪو ڪلاس ۾ ٽائيم تي اچي ۽ ٽائيم تي نڪري ۽ صرف پنهنجي سبجيڪٽ جي رٽيل پراڻن نوٽس کي لکرائي يا رٽيل ليڪچر ڏي . بلڪ سٺو ۽ محنتي استاد اهو آهي، جيڪو پنهنجي سبجيڪٽ سان گڏو گڏ شاگردن کي بري ڀلي جي تميز سيکاري، ڪين رب کي سڃاڻڻ جو شعور ڏي. گناهه ۽ ثواب ۾ فرق سمجهائي. سندن ڪردار جي خرابين کي خوبين ۾ بدلائي ڇڏي. اڳيئين وقت جا اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن، جڏهن استاد نه فقط قابل ۽ محنتي هئا،پر هو ذهين ۽ محنتي غريب شاگردن جي سرپرستي به ڪندا هئا. سندن نه صرف پڙهائي جو سمورو خرچ ڪڻندا هئا، بلڪ انهن کي پنهنجن گهرن ۾ به رهائيندا هئا ته جيئن اهي غريب محنتي شاگرد ڪاميابيءَ سان منزل ماڻي سگهن ۽ پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن. استاد، اهڙن شاگردن جي دل کولي مدد ڪندا هئا. ۽ اڄ به اسان کي اهڙا انسان ڪٿي نه ڪٿي ضرور ملندا، جيڪي پنهنجي ڪاميابيءَ جو راز ٻڌائيندي، پنهنجن قابل ۽ محبت ڪندڙ استادن جو ذڪر ڪندي روئي پوندا آهن ۽ چوندا آهن ته اڄ اسان جنهن منزل تي آهيون، اهو اسان جي فلاڻي استاد جي محنت و محبت ۽ مدد جو ئي نتيجو آهي، جنهن پنهنجي اولاد وانگر اسان کي تعليم ڏني ۽ مالي مدد پڻ ڪئي.

اڄ ڪٿي آهن اهڙا استاد ؟؟

اهڙا استاد اڄ اڻلڀ آهن يا اٽي ۾ لوڻ برابر آهن.

اها حقيقت آهي ته موجوده دور جو جيڪو سڀ کان وڏو الميو ۽ بحران آهي، جنهن ۾ سڄي انسانيت وڪوڙيل آهي، سو اهو آهي ته اڄ علم جهڙي مقدس پيشي کي دولت ڪمائڻ، مان مرتبو حاصل ڪرڻ، مهارت کي غريبن کي پائمال ڪرڻ ۽ مهارت کي پنهنجي دولت جي حاصلات جو مقصد بڻجي

ويو آهي. تعليمي ادارن ۽ استادن جي، انسانيت ۽ ملت جي سڀ کان وڏي خدمت اها شمار ٿيندي تہ شاگردن کي ماديت ۽ دنيا ميڙڻ خاطر انسانيت کي پائمال ڪرڻ جي جنون کان بچايو وڃي.

تعليم جيتوڻيڪ علم وفن منتقل ڪرڻ جو بہ ذريعو آهي، پر تعليم جو اصل مقصد پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي معرفت جي حوالي سان پنهنجي رب کي سڃاڻڻ آهي. اهو سچ آهي تہ خود شناسي ۽ خداشناسي کانسواءِ علم محض فن بڻجي وڃي ٿو.

جديد تعليم يافتہ فرد، جنهن ۾ استاد هجي، ڊاڪٽر هجي يا تاجر هجي يا صنعتڪار،انتظامي عهدي تي فائز آفيسر هجي يا سياستدان يا حڪمران هجي، اهو نفسا نفسيءَ جو شڪار آهي. رشوت، ڦرمار، مهنگائي ۽ ڪاتي توڙ فيهن جي ذريعي مالدار ۽ خوشحال کان خوشحال تر بڻجڻ جي جنون کان سواءِ زندگيءَ ۾ هن جو ٻيو ڪو مقصد باقي نہ رهيو آهي.

اهو سڀ ان ڪري آهي،جو اڄ جو استاد پنهنجي شاگرد جي تعليم و تربيت تي اها توجهہ نٿو ڏي، جيڪا اڳ استاد ڏيندا هئا، ۽ ان جو اهو ئي نتيجو نڪتو آهي، جو اڄ معاشري مان محبت، احساس، قرباني، همدردي، صبر، برداشت ۽ رواداريءَ جهڙيون عظيم وصفون نڪري ويون آهن.

هاڻي اها سڀ کان وڏي ذميواري استاد جي آهي تہ هو شاگردن جي تعليم سان گڏو گڏ تربيت بہ ڪن، ڪين نفس کي ماري، دنياوي لذتن کان منهن موڙي، الله تعاليٰ جي محبت جا جزا داخل ڪن، ۽ اهو ئي ڪين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن تہ الله جي حڪم مطابق زندگي گذارڻ ۾ ڪيڏو نہ سڪون ۽ سرور آهي. جنهن جي بدولت اسان جا ٻئي جهان موچارا ٿي سگهن ٿا.

ذڪر ۽ مراقبن تي مشتمل اوهان جا ڪيترائي مضمون بيداريءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن ۽ شايع ٿيندا رهن ٿا.



جيڪي ڪيفيتون ذڪر ۽ مراقبي جون اوهان بيان ڪندا رهندا آهيو، اهي ڪيفيتون ذڪر ۽ مراقبو ڪندڙ فرد ضرور محسوس ڪندو هوندو. مراقبو، انسان جي طبيعت تي سڌو سنئون اثر انداز ٿئي ٿو. پابنديءَ سان مراقبو ڪندڙ ڏينهون ڏينهن پنهنجي اندر وڏي تبديلي محسوس ڪندو رهي ٿو. اجاين شوقن ۽ دنياوي دلچسپين کان آهستي آهستي دل کڄي ٿي وڃي. هيءَ دنيا هڪ تماشي کان وڌيڪ محسوس نٿي ٿئي.

مراقبو شيطان ۽ نفس کي مسلسل الله جي انوار حسن جي شعائن ذريعي نبل ڪري ٿو. مراقبو ڪندڙ فرد اهڙي تہ سرور و راحت واري حالت ۾ رهي ٿو،جو هن کي دنيا جا سڀ سرور ۽ راحتون اجايون ۽ بي معنيٰ ٿيون نظر اچن. جڏهن الله تعاليٰ جي خالص محبت دل تي غالب ٿي وڃي ٿي تہ مراقبي جا عجب اسرار ظاهر ٿين ٿا. الله جي عظمت وڪبريائي جا اهي نظارا ۽ مشاهدا دل جي اکين، نفسيات ۽ سڄي بدن کي بيدار ٿا ڪري ڇڏين ۽ ائين ٿو لڳي تہ سڄي ڪائنات الله ، ڪري رهي آهي، اها ڪيفيت بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

جيتوڻيڪ ذڪر و مراقبي جون منزلون طي ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي، پر جتي رب جي تات ۾ لڳل دل کي سواءِ ذڪر و مراقبي جي ٻيو ڪو ڪم ئي نہ هجي تہ اتي دل جو منزل ماڻڻ اهو فرد جو ڪم ناهي، بلڪ اهو ذمو الله تعاليٰ پاڻ کنيو آهي.تڏهن ئي تہ ارشاد رباني ٿيو تہ .

”جيڪو منهن جو ذڪر ڪري ٿو مان ان جو ذڪر ڪيان ٿو“ .

جيڪو مون کي دوست رکي ٿو، مان ان کي دوست رکان ٿو .

مان توهان کي توهان جي ساهہ جي رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهيان.

اسين جيڪڏهن پاڻ کي دنيا جي هزار پريشانين کان آزاد ڪرڻ چاهيون ٿا تہ ذڪر و مراقبو جو سهارو وٺڻ گهرجي. پنهنجا سڀئي ڪم الله جي حوالي ڪري ڇڏڻ گهرجن. ۽ الله جي محبت ۾ رنگجي وڃجي. ائين ڪرڻ سان دنيا جي سهارن جي ضرورت باقي نٿي رهي. جنهن الله جهڙي

هستيءَ کي پنهنجو دوست رکيو ته الله به ان کي پنهنجو دوست رکندو. عقل کان خالي فردن کي اجان به اها ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ته پوءِ الله تعاليٰ ئي هدايت ڪافي آهي .

ادا سائين، جئين ته مان خود حضرت قبلا و مرشد سائين منظور حسين سنڌي نقشبندي مدني جن جي هٿ تي بعيت ٿيل آهيان. ذڪر و مراقبي جي ڪيفيت کي چڱيءَ طرح محسوس ڪريان ٿي ( الحمد الله ). ۽ توهان جا ان موضوع تي لکيل تمام مضمون پڙهندي رهندي آهيان " جزاڪ الله " .

2014 جي بيداري اردو شماري ۾ محترم شمس الحق ندوي صاحب جن جو مضمون " موجوده حالات مين آپ کي اور هماري ذمہ داريان " هڪ بهترين مضمون هو. سڄو مضمون قرآن پاڪ جي " سورة العصر " تي مشتمل هو.

ترجمو: " زماني جو قسم بيشڪ انسان نقصان ۾ آهي سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا ۽ جن هڪ ٻئي کي حق جي وصيت ڪئي صبر جي نصيحت ڪئي." ( سورة العصر: اتا 3 )

هي مختصر مضمون پنهنجي اندر جامع پيغام ٿو رکي. واقعي اهي ماڻهو جيڪي نقصان کان پاڪ آهن ۽ آخرت ۾ جنت جا حقدار آهن، جيڪي خود حق چون ٿا ۽ ٻين کي به حق جي تلقين ڪن ٿا. جيڪي خود صبر ڪن ٿا ۽ ٻين کي به صبر جي تلقين ڪن ٿا.

اڄ ڪلهه جنهن کي به چڱي ڳالهه چئجي ٿي ته هو ڪاوڙجي وڃي ٿو ۽ سمجهڻ جي بجاءِ گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي. پر انهن ڳالهين جي پرواهه ڪرڻ بنا، اسان کي الله تعاليٰ جي حڪم مطابق اهو فرض ادا ڪرڻ آهي.

اوهين ڪنهن به اداري ۾ ڪم ڪيو ٿا، يا ڪنهن محلي ۾ رهو ٿا، يا ڪنهن جي گهر وڃون ٿا يا ڪنهن تعليمي اداري ۾ پڙهايو ٿا، اتي ضرور ڪا نه ڪا اهڙي ڳالهه ٿيندي ڏسندا هوندؤ جيڪا چڱي ڳالهه نه آهي ۽ ان



سان برائي ۽ گناهه يا حق تلفي ٿئي ٿي ته اوهان کي ضرور ڪنهن به نتيجي جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ محبت سان حق ڳالهه چوڻ گهرجي ۽ برائيءَ کان روڪڻ جي تلقين ڪرڻ گهرجي، اهو اوهان جو فرض آهي. ائين نه ڪيو ۽ ان برائي کي ٿيندو ڏسي، اوهين خاموش رهيو ته ان برائيءَ ۾ برابر جا شريڪ ٿي ويندؤ.

محترم ڊاڪٽر صفدر محمود صاحب جو "بيداري" اردو شماري ( نومبر 2014 ) ۾ " ملک کي حالت زار پر ايک نظر " مضمون پڙهي اکيون ڀرجي آيون .

جيڪو وطن اسان ايترين قربانين کانپوءِ حاصل ڪيو اڄ جڏهن اسان روڊن رستن تي نڪرون ٿا يا ڪنهن اداري ۾ وڃون ٿا ته لاقانونيت جو منظر نظر ٿو اچي. نظم و ضبط جو ته نالو و نشان ئي ڪونهي.

سرڪاري ادارا ۽ آفيسون رشوت خوريءَ جو ڳڙهه بڻجي چڪا آهن. ٺاٺو ڪلچر عام شهريءَ جي لاءِ عذاب بڻجي چڪو آهي، عوام ۾ انصاف جو فقدان، وي، آئي، پي ڪلچر، طبقاتي چڪتاڻ ڏوهن ۾ خوفناڪ حد تائين اضافي ۽ حڪمران طبقي جي هوس زر ۽ ڪرپشن نه صرف بي وسيءَ جي باهه ڀرڪائي ڇڏي آهي، بلڪ ماڻهن کي مايوسيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.

محترم ڊاڪٽر صفدر محمود صاحب به واقعا اهڙا بيان ڪيا آهن جيڪي اهم آهن.

قائد اعظم محمد علي جناح هڪ ٽيڊي پائي به ناجائز طور تي نه پاڻ ڪڏهن استعمال ڪئي، نه ڪنهن کي استعمال ڪرڻ ڏني. قانون جي پابندي اهڙي هئي، جو اڄ ان جو خيال ڪرڻ به محال آهي.

قائد اعظم محمد علي جناح جن جو اي_ ڊي _ سي ڪيپٽن گل حسن (بعد ازان جنرل ) لکي ٿو ته .

قائد اعظم پنهنجي سرڪاري رهائش گاهه کان ملير جي طرف وڃي رهيو هو. رستي ۾ هڪ ريلوي لائين جو ڦاٽڪ بند هو. جنهن ڪري ٽريفڪ رڪجي ويئي هئي. گاڏي اچڻ ۾ ڪجهه منٽ باقي هئا، مان اڳيان وڃي ڦاٽڪ کولرايو ته جيئن گورنر جنرل جي گاڏي اڳيان نڪري وڃي. واپس اچي گاڏي ۾ وينس ۽ ڊرائيورکي ڪار هلائڻ جو چيم ته قائد اعظم جن منع ڪري ڇڏيو ۽ چيائين: ڏس گل اگر مان اڄ قانون ٽوڙيندس ته منهنجي قوم قانون تي ڪيئن عمل ڪندي؟؟؟

هي ننڍڙو واقعو وڏي اهميت جو حامل آهي، اهي ليڊر ماڻهن جي لاءِ نموني جي حيثيت رکندا آهن. ۽ جڏهن اهي ئي شخصيتون پنهنجي عوام جي لاءِ قانون جي بالادستي کي چند ٽڪن جي عيوض وڪرو ڪري ڇڏين ته پوءِ انصاف ڪنهن کي ملندو؟

جڏهن به ڪنهن عورت سان گينگ ريپ جي خبر اچي ٿي ۽ هوءَ قانون ۽ انصاف کان مايوس ٿي، خود سوزي ٿي ڪري ته اتي ملڪ ۽ قوم جي نياڻين جي عزتن جو محافظ پهچي ٿو وڃي ۽ خاندان کي پنج، ڇهه لک ڏي ٿو ۽ ڪنهن مائيءَ جي مٿي تي هٿ رکي ڦوٽو ٿو ڪڍرائي ۽ خاندان جي بدناميءَ جي خبر ٽيلي ويزن تي ڏيکاري واپس موٽي ٿو وڃي. ان ڪانپوءِ ان خاندان سان ڇا ٿو وهي واپرائي يا انهن جو حال ڇا ٿئي ٿو انهن کي انصاف ملي ٿو يا نه، مجرم پڪڙجي ٿو يا نه؟ اهو سندس مٿي جو سور ڪونهي.!!

دل تي هٿ رکي ٻڌايو ته اهو واقعو ڇا اسان جي گهر جي نياڻيءَ سان ٿئي ته اسان اهي پنج، ڇهه لک وٺي ان درد جي اذيت کي وساري ڇڏينداسين؟



علي اڪبر راهمون

# موجوده دنيا جا ٻه تصور ۽
## پاڪستاني قوم جي حالت

اڄڪلهه جي دنيا ۾ ٻه قسم جا تصور رکندڙ ماڻهو ملن ٿا. هڪ اهي جيڪي سمجهن ٿا ته هن ڪائنات کي الله تعاليٰ هڪ خاص منصوبي سان ڪنهن مقصد جي لاءِ هڪ سهڻي ترتيب ڏيئي جوڙيو آهي. ۽ سموري مخلوقات ۾ انسان ذات کي خاص فضيلت ۽ شرف بخشيو آهي، انسان کي سوچڻ، سمجهڻ، ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيتن سان گڏ علم جي دولت سان پڻ مالا مال ڪيو آهي.

جيئين هو خالق ڪائنات جي منشا موجب هن دنيا کي انسان جي لاءِ سزا جزا جو نظام بڻائي، آخرت حشر جي ڏهاڙي هر ڪو ماڻهو اڪيلو اڪيلو پنهنجي علمنامي سان گڏ سندس حضور ۾ پيش ٿيندو جنهن سان پورو پورو انصاف ٿيندو. پر قومن ۽ ملتن متعلق هن دنيا ۾ تصور ۽ رويو ڌار آهي. جنهن جو قرآن مجيد ۾ بار بار ذڪر ٿيو آهي. الله تعاليٰ جي دربار ۾ قومن جي عروج ۽ زوال، انعامن ۽ آزمائشن جا ڪي ڪارڻ ۽ سبب هوندا آهن. جن جي ڪري ڪڏهن هو خوشحال ۽ سرفراز ٿينديون آهن. ڪڏهن بدحال ۽ برباد ٿي وينديون آهن. الله تعاليٰ اهڙو نظام هن ڪري خلقيو آهي، جو هيءَ دنيا سندس باغ مثل آهي. هن باغ جا باغبان، الله تعاليٰ انهن کي بڻائيندو آهي، جيڪي هن جي سهڻي سنڀال ڪندا آهن ۽ خوبصورت بڻائيندا آهن. جيڪڏهن ڪائڻ ذميواري ۾ ڪا غفلت ۽ ڪوتاهي ٿيندي آهي ته الله تعاليٰ کين مهلت ڏيندو آهي، جيئين هو پنهنجين غلطين جو احساس ڪندي، پنهنجي خالق ڏانهن رجوع ڪن. پر جيڪڏهن هو مهلت دوران وڌيڪ فساد پکيڙين، هن دنيا جي باغ ۾ رهندڙ خدا جي مخلوق جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏين، پنهنجن ظلمن ۽ بدڪارين جي گندگين ۽

ڪندڙ سان هن خوبصورت باغ کي پيري ڇڏين، تہ پوءِ مٿن الله تعاليٰ جو قهر ۽ غضب ڪڙڪندو آهي، جنهن کان انهن کي ڪير بہ بچائي نٿو سگهي، زلزلا، طوفان سيلاب، وباؤن ۽ تباهيون انهن ظالم قومن جي ڪردار جي ڪري، الله تعاليٰ جي پاران ايندڙيون آهن. ۽ اهڙي طرح ظالمن کي ظالمن سان ويڙهائي هڪ ٻئي کي تباهہ ۽ برباد ڪرائيندو آهي، اهڙي طرح الله تعاليٰ پنهنجي هن گلستان کي سندن ظلمن ۽ بدڪارين کان پاڪ صاف ڪندو آهي ۽ باغ جي سنڀال ٻين قومن کي عطا ڪندو آهي.

ٻيو تصور رکندڙ اهي ماڻهو آهن، جيڪي سمجهن ٿا تہ هيءَ ڪائنات دراصل هڪ سائنسي کيل آهي، جنهن جي سڀ کان وڏيڪ ڪامياب ۽ عظيم ايجاد انسان آهي. جيڪو سوچڻ، سمجهڻ ڳالهائڻ ۽ ڪائنات جي رازن تان پردو کڻڻ سان گڏ ان تي پنهنجو اختيار هلائڻ جي قدرت پڻ رکي ٿو. هو دنيا کي خوبصورت باغ بنائي سگهي ٿو ۽ چاهي تہ دوزخ بہ بنائي سگهي ٿو، دنيا جو ڪو بہ واقعو ڪم، ايجاد يا ترقي اهڙي ناهي، جنهن جو سبب ۽ ڪارڻ نہ هجي. سبب ۽ مسبب جو تصور__ اهڙا تصور رکندڙ سائنسدان دانشورن، فلسفين ۽ عالمن جي هڪڙي سوچ هيءَ بہ آهي تہ جيڪڏهن اهو فرض بہ ڪري ورتو وڃي تہ هيءَ ڪائنات خودبخود هڪ سائنسي عمل سان وجود ۾ نہ آئي آهي، پر هڪ اهڙي منظم ۽ ترتيب واري دنيا ڪنهن عظيم هستي يعني ڪائنات جي خالق خلقي آهي. تڏهن بہ هو دنيا کي خارجي وجود بخشڻ کان پوءِ هاڻي رڳو تماشو ڏسي رهيو آهي ۽ هن دنيا جي مخلوق ۽ انسان جي هن کيل مان لطف وٺي رهيو آهي. ان هستي دنيا کي هڪ اهڙي سائنس سان ترتيب ڏيئي ڇڏيو آهي، جو هاڻي اها از خود هلي رهي آهي، صرف سائنسي قانون جي پابندي آهي. هيءَ تصور رکندڙ ماڻهو چون ٿا تہ دنيا ۾ ڪنهن اڳواٽ سائنسي سبب ڪانسواءِ سيلاب، زلزلا ۽ قدرتي آفتون ڪونہ ايندڙيون آهن. اهڙيطرح انسان جيڪو بہ ڪردار ادا ڪري ٿو ان جو نتيجو هن دنيا ۾ ڏسي ٿو، ڪيس ان ڪم جي جزا سزا هتي



ئي ملي ٿي. هن دنيا ۾ انسان مڪمل با اختيار آهي. چاهي تہ عظيم شهر ۽ آباديون تباهہ برباد ڪري، پاڻ کي عظيم فاتح سڏائي. جي چاهي تہ انسان ذات کي ڏک، بک ۽ بدحالي ۾ مبتلا ڪري، ان کي غلام بڻائي، پوءِ بہ پنهنجي طاقت ۽ اثر رسوخ جي ٻل تي پاڻ کي عظيم بادشاهہ ۽ هاڪارو حاڪم سڏائي، اها ئي سوچ آهي، جيڪا دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ هر واقعي، ترقي ۽ تباهي جو ڀرپور سياسي، سماجي، ۽ سائنسي تجزيو ڪندي آهي. جنگون ڇو ٿيون ٿين، قتل، غارت ۽ معصوم انسانن جو رت ڇو ٿو وهايو وڃي. سيلاب، زلزلا، ڏڪار ۽ تباهيون ڪيئين ٿيون اچن، ملڪ ڪيئين ٿا ٺهن ۽ ڊهن، قومن جا قافلا ڪيئين ٿا اوپارا، لهوارا اچن ۽ وڃن، اهڙن سڀني واقعن ۽ مسئلن متعلق هن فڪر وارن جي اهڙن تجزين سان دنيا جا دفترن جا دفتر ڀريا پيا آهن.

دراصل اهڙو بي خدا ڪائنات جو تصور رکندڙ ماديت پرست طبقو برصغير پاڪ هند جي ورهاڱي کان پهرين ئي پيدا ٿي چڪو هو جيڪو تبديل ٿيندڙ تاريخي حالتن کي ڏسندي، پنهنجي روايتي منافقي ۽ چالاڪي سان تحريڪ پاڪستان جي قافلي ۾ شامل ٿي ويو پاڪستان جي ٺهڻ ۽ قائداعظم جي وفا کان پوءِ ترت ان جي انتظامي ۽ سياسي عهدن تي قابض ٿي ويو. ان ڏينهن کان وٺي ڪري ڊرائنگ روم سازشن سان حڪومتون ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ، باهمي سياسي چڪتاڻ جي ڪري حڪومتن کي غير مستحڪم ڪرڻ، اسلامي طرز زندگي جي بنيادن تي آئين يا دستور پاڪستان جي منظوري جي رستي ۾ طرح طرح جون رڪاوٽون وجهڻ ، بهانا تراشڻ ۽ تاخيري حربا هلائڻ، مارشلائن جي لاءِ ميدان هموار ڪرڻ ۽ جواز پيدا ڪرڻ، جمهوريت جي آڙ ۾ طبقاتي مفادن کي تحفظ ڏيڻ ۽ قومي خزاني جي ڦر لٽ ۽ ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙڻ، ملي يڪجهتي سان سياسي ۽ انتظامي ادارن کي ڪمزور ڪرڻ، ۽ ناڪام بنائڻ ۾ اڄ ڏينهن اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ لادين ۽ ماديت جو فڪر رکندڙ هي ٽولو تمام

گھٽ آهي، پر ارڙهن ڪروڙ عوام جي قسمت سندن هٿ وس آهي. طاقت ۽ دولت جي پوڄاري هن حڪمران ٽولي پنهنجي طبقي جي مفادن جي حفاظت لاءِ مغربي سياسي جمهوري نظام کي عوامي ۽ اڪثريتي امنگن ۽ خواهشن جي خلاف مٿن مڙهي رکيو آهي. جيڪو اڪثريتي عوام جي مفادن، عدل، انصاف ۽ مساوات جي بلڪل ابتڙ آهي اسان جو هيءَ حڪمران طبقو پاڻ کي لبرل سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو ۽ اسلامي طرز زندگي ۽ اسلامي خيال رکندڙ ماڻهن کي قدامت پسندي ۽ بنيادي پرستي جي علامت سمجهي ٿو. اهو هن ڪري ته پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ جلدئي هن طبقي جا دل دماغ ۽ وفاداريون عالمي سامراج ۽ سرمائيدار خريد ڪري ورتيون هيون، تنهن ڪري اوهين ڏسندا ته هن طبقي جا حڪمران، ڏاها، صحافي ۽ عالم روزانو ميڊيا تي مغربي جمهوريت، عورتن جي حقن ۽ وڌندڙ آبادي ڪنٽرول ڪرڻ جهڙن مسئلن تي دونها دار تقريرون ڪندي ۽ وڌندڙ مذهبي رجحان کي بنياد پرستي ۽ عالمي امن لاءِ خطرو قرار ڏيندي نظر ايندا.

اڄوڪين عالمي حالتن ۾ افسوس خدا پرست، مذهبي اڪثريتي عوامي طبقي جي حال تي آهي، جيڪو ڪافي عرصي کان غفلت جي ننڊ ستو پيو آهي، پنهنجون حالتون بدلائڻ جي خواهش کان بلڪل بي نياز آهي، اهڙي صورتحال جو آخرڪار نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ هن تي غور ڪريون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن قوم يا ملت جي حالت بابت الله تعاليٰ جي فيصلن جا ٽي درجا آهن. اسين پاڪستاني بحثيت قوم ٽنهي درجن مان آخري درجي جي تي پهچي چڪا آهيون. الله تعاليٰ سورة الرعد آيت 10 ۾ قومن جي حالتن بابت فرمايو آهي. پهرين حالت_ هر هڪ ماڻهو جي اڳيان ، پويان ٻه نگران مقرر ٿيل آهن، جيڪي الله تعاليٰ جي حڪم جي واري واري سان حفاظت ڪندا آهن“ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اسين ڪجهه عرصو خدا تعاليٰ جي هن نگراني جي سايي ۾ زندگي گذاريندا رهيا سين، ان وقت اسين



نهايت خوشحالي ۽ امن واري حالت ۾ هئاسين ٻي حالت_” يقين ڄاڻو ته الله ڪنهن قوم جي حالت ان وقت تائين ڪو نه بدلائيندو آهي، جيستائين هو خود پنهنجي حالت پاڻ بدلائڻ نه چاهي “ اها مهلت به اسان کي ملي، اسان تان فرشتن جي نگراني کنئي ويئي، اسان کي اسان جي حال تي ڇڏيو ويو ۽ اسان کي ڊگهو عرصو موقعو ڏنو ويو جيئين اسين پنهنجي قسمت بدلائڻ جي خواهش عملي طور ظاهر ڪريون، اٽلو انسان هن مهلت ۾ چورن، بدمعاشن ۽ ڦوروئن کي پنهنجا قائد ۽ اڳواڻ چونڊياسين. جن مذهب ۽ مذهبي زندگي کي چٽر ۽ مذاق بنايو. ٽئين حالت_” ۽ جڏهن الله ڪنهن قوم تي عذاب نازل ڪرڻ ( آزمائش ۾ وجهڻ ) جو فيصلو ڪري وٺندو آهي ته ان کي ٽارڻ ممڪن ناهي، پوءِ اهڙي قوم جو نگهبان يا ذميدار ان پاڻ کان سواءِ ٻيو ڪير به ناهي، “ هن حالت ۾ اسان جو مدد گار اسان پاڻ کانسواءِ ٻيو ڪير به ناهي هوندو. سورت الاعراف آيت 179 ۾ آهي ته ” انهن جون دليون آهن، پر منجهائن سمجهڻ جو ڪم ڪو نه ٿو ورتو وڃي، سندس ڪن آهن پر انهن کان ٻڌڻ جو ڪم ڪونه ٿو ورتو وڃي، اهي ماڻهو جانورن وانگر آهن بلڪ انهن کان به بدترين“. اها آهي اڄ اسان جي حالت، جنهن تي سڀ ڏاها ۽ اهل نظر متفق آهن.فرق صرف ايترو آهي ته دنياوي ڏاها اسان جي فقط تباهي ۽ بربادي جا نقشا ٺاهي رهيا آهن ۽ انتظار جون گهڙيون ڳڻي رهيا آهن، جڏهن ته خدا پرست ۽ مذهبي خيال رکندڙ ڏاها اسان جي سيڪت ۽ آزمائش کانپوءِ اسان جي اصلاح ۽ خير جي موسم تبديل ٿيڻ جي پڙ خوشخبري ڏيئي رهيا آهن.

عاشق مغيري

# پاڪستان کي عالمي سرمائيدارن

## جي حوالي ڪرڻ جي روش

جيڪڏهن باريڪ بينيءَ سان ڏٺو وڃي ته اڄڪلهه آمريڪي آشيرواد، تائيد ۽ حمايت سان گڏ يهودي ايجنڊا مطابق حڪمران طبقي جي ذريعي پاڪستان ۾ نالي ماتر جمهوري نظام جي بساط وڇائي، قائد اعظم جي پاڪستان کي عالمي وياج ۽ امداد ڏيندڙ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي براهه راست اجاره داريءَ حوالي ڪيو ويو آهي ۽ مستقبل قريب ۾ اهو انديشو ۽ انومان حالتن جي ڪک مان سرجي رهيو آهي ته دنيا جي معيشت تي عالمي شاهوڪار پنهنجي منظور نظر حڪمرانن جي ذريعي با اختيار حيثيت اختيار ڪري وٺندا، ٻين لفظن ۾ غير ملڪي گهڻ قومي ڪمپنيون جلد ئي اسان جي معاشي زندگيءَ جي گذر جي وسيلن تي قابض ٿي وينديون ۽ ملڪ جي 95 فيصد هيٺين ۽ وچولي طبقي جي خون ۽ پگهر کي نپوڙيو ويندو.

هن ملڪ جو هر باشعور شهري ان حقيقت کان چڱيءَ ريت واقف آهي ته هن دنيا جي معدني دولت سان مالا مان خطي کي برطانوي سامراج کان پوءِ تازه دم آمريڪي سامراج جي سپرد ڪيو ويو ۽ هاڻي ته وري اسان جون معاشي ۽ سياسي پاليسيون 8 جي ملڪ ترتيب ڏين ٿا، ان سان گڏ گڏو جي ايٽ ملڪن جي آڇيل پاليسين تي آءِ ايم ايف، ورلڊ بينڪ، ڊبليو ٽي او ۽ اي ڊي بي جا نمائندا عمل در آمد ڪرائن ٿا ۽ پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ان سڄي عالمي سرمائيداراڻي ڪساد بازاريءَ جي راهه هموار ڪندي رهي ٿي، جڏهن ته اسان جي بيورو ڪريسي وري ان عالمي سرمائيدارن جي معاشي دهشتگرديءَ کي پر اسرار طريقي سان ليجتمائيز ڪري رهي آهي.



هن ملڪ اندر مروج جمهوري ملڪ پڻ لولي لنگڙي ڪيفيت جو اظهار ڪري رهيو آهي. هر روز حڪومتن جي تبديليءَ توڙي پيچ ڊاهه جي لازمي نتيجي طور معاشي عدم استحڪام ۽ سياسي سفو ڪيشن مستقل روڳ جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي. ۽ آمريڪي معاشي ۽ سياسي مفادن لاءِ رانديڪي وانگر استعمال ڪري رهيا آهن، جنهن جو اگرو نتيجو اسان جي مٿان شديد غربت، بک، بدحالي، بي روزگاري، بي يقيني، عرياني ۽ بدامنيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي. روزانو سون جي تعداد ۾ اخبارون خود ڪشين، ڦر لٽ ، ڌاڙن، چورين، قتل و غارتگري، فحاشي توڙي ٻارڙن ۽ عورتن جي اغوائن ۽ جنسي ڏاڍائي وارين ڏکوئيندڙ خبرن سان پرجي اچن ٿيون. معاشي تنگدستيءَ جي رفتار ڏينهون ڏينهن وڌيدي رهي ٿي. فاقه ڪشيءَ سبب بي وس مائرون پنهنجا لخت جگر معصوم ٻچڙا بازارن ۾ و ڪڻي رهيون آهن، عام ماڻهوءَ جي قوت خريد ۽ معيار زندگي ايترو ته پستيءَ طرف هليو ويو آهي، جو اسان جي هيٺين طبقي جو ماڻهو ڳاتي توڙ مهانگائي ۽ يوٽيليٽي اگهن جو بردن کڻي نه ٿو سگهي ۽ پيٽ سان پٿر ٻڌڻ تي مجبور آهي،جو ته اسان اسان جي خوشحال زندگيءَ جي وسيلن کي عالمي سرمائيندا ڪمپنين سئو سالن جي مدي لاءِ ٺيڪي ۾ وٺي چڏيو آهي۔

اڄڪلهه اسان جي صنعت، تجارت، زراعت ۽ معدنيات جا سمورا وڏا منصوبا غير ملڪي سرمائيدارن جي حوالي ڪيا پيا وڃن، اسان جي هر پيداواري شيءِ جو ويليو گهٽائي،يهودي لابيءَ جي ملٽي نيشنل ڪمپنين جي اجاره داري قائم ڪئي وئي آهي، اسان فقط ملازم آهيون يا انهن جا ڪنٽريڪٽر آهيون. افسوسناڪ حقيقت اها آهي ته اسان جا حڪمران ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي، پرڏيهي سرمائيدارن کي ته سيڙپڪاريءَ جون دعوتون ڏيندا آهن، پر اهي پنهنجي ملڪ جي اندر موجود هزارين صنعت ڪارن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ انهن کي مراعتون ڏيڻ جي حوالي سان قطعي طور تي تيار نه هوندا آهن، چو ته انهن جو حقو پاڻي هميشه کان وٺي

مغرب سان رهيو آهي ۽ مغربي اثرات سبب انهن جا ذهن ۽ ضمير فالج زده بڻجي چڪا آهن. مغربي اثر هيٺ اهي اٿن ويهن ۽ سمهن ۽ جاڳن ٿا ۽ مغربي نموني سان سوچين ۽ فيصلا ڪن ٿا.

جمهوريت جو حقيقي سرچشمو عوام هوندي آهي، پر هنن جي جمهوريت عوام جي معاشي استحصال تي ٻڌل آهي. عالمي سامراج ۽ ان جا حواري مغربي اسٽائيل ۾ پنهنجي ايجنڊا مطابق ليڊرشپ تيار ڪري رهيا آهن. جنهن ملڪ جا ٻار ۽ ٻڍا قرض جي آڪٽو پيس ۾ جڪڙيل هجن، بيروزگاري، بدامني، بک، پس ماندگي ۽ جهالت عوام جو مقدر بڻيل هجي، اتي ڪهڙي عوامي راڄ ۽ ڊيمو ڪريسيءَ جي ڳالهه ڪجي؟ اهڙي ڳنڀير صورتحال ۾ ڪيئن چئجي ته هن ملڪ ۾ خود ڪفيل اسلامي ڀائيچاري، سلامتي ۽ رواداريءَ وارو آفاقي نظام مروج ٿي سگهي ٿو؟ تنهن ڪري اهو سڀ ڪجهه ممڪن بڻائڻ لاءِ اسان سڀني کي هڪ ڳري ۽ اهم ذميواري اون ڪرڻي پوندي، عوام کي ديني ۽ اخلاقي تعليم، روشني شعور ۽ آگاهيءَ وسيلي بيدار ڪرڻو پوندو. آمريڪا ۽ يهودين جي با اختيار سرمائيدار قوتن جي معاشي هڪ هٽيءَ کي منظم اسلامي تبليغ وسيلي ٽوڙڻو پوندو. عوام الناس کي وياج خور سرمائيدارن جي امداد جي نالي ۾ ملندڙ قرض جهڙي مرض کان بچائڻو پوندو .

جاڪاڻ ته انهيءَ غير منصفاڻي ۽ باطلانا استحصالي نظام جو انت ان وقت ئي ممڪن بڻجي سگهي ٿو جڏهن اسان الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙي، قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ هلڻ سکنداسين ۽ دين نبويءَ خلاف ٿيندڙ سمورين سازشن جو مقابلو ڪرڻ جي پاڻ ۾ سگهه پيدا ڪنداسين. اڄ اسلامي دنيا کي معاشي طور تي ڪنگال بڻائڻ لاءِ عالمي سرمائيدار قوتون ترقيءَ جا خواب ڏيکاري، سيڪيولرازم ۽ جمهوريت جا نلها جهانسا ڏئي، اسان جي معيشت جون پاڙون کوٽڻ ۾ رڌل آهن ۽ اهي قوتون وڏي ديده دليريءَ جي دنيا کي دهشتگرد ۽ پاڻ کي ساڌ سمجهي،



معاشي دهشتگريءَ جي دنيا جي سلامتيءَ لاءِ هاڃيڪار حڪمت عمليءَ تي عمل پيرا آهن. ان ڪري اڄ مسلم دنيا کي باطل قوتن جي ان اڀرندڙ خطري جي پيش نظر ڀرپور نموني متحد ۽ منظم ٿيڻو پوندو.

سنڌيڪار: عبدالهادي ٽيپو

# هندو ڏاها

## اسلام جي شاهراه تي

### محمد اسجد صاحب سان ملاقات

### (اڳوڻو نالو ونود ڪمار)

احمد اواه: السلام عليڪم ورحمةالله وبرڪاته

محمد اسجد وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاته

سوال : اسجد ڀاءُ، ماشاء الله توهان سان ملاقات ٿي آهي، هن شڪل صورت ۾ ڏسي، آئون بيان نٿو ڪري سگهان ته مون کي ڪيڏي نه خوشي ٿي آهي .

جواب : احمد ڀاءُ توهان کي ايڏي خوشي ٿي آهي ته اندازو لڳايو ته جڏهن آئون پاڻ کي آئيني ۾ ڏسندو آهيان ته ڪجهه وقت لڳايو آهي، اتي ڪيترا پيرا رسول الله صلي الله عليه وسلم جو هي فرمان پڙهو اٿم ته ڪو زمانو ايندو، جڏهن ماڻهو صبح جو مومن هوندو ته شام جو ڪافر ٿي ويندو ۽ شام جو مومن هوندو ته صبح جو ڪافر ٿي ويندو، يعني هر ڏينهن ۽ هر رات ۾ ايمان بچائڻ مشڪل ٿي ويندو . هي انهيءَ زماني ۾ منهنجي الله، مون ڪميٽي کي، ڪنهن طلب کانسواءِ ايمان سان نوازيو آهي، آئون ڪئين پنهنجي رب جو شڪرانو ادا ڪريان ! آئينو ڏسڻ وقت اڪثر مون تي اهو احساس ڇانئجي ويندو آهي، وري خيال ٿو ٿئي ته جنهن گهر مان مون کي اها مايا ملي آهي، ته آئون بي اختيار پنهنجي رب جي حضور ٻاڏائي هٿ کڻي دعا ڪندو آهيان ته هن گهراڻي کي قيامت تائين ماڻهن جي هدايت جي ڪم ۾ قبول فرماءِ، مولانا ڪليم صاحب جي هڪڙي تقرير ٻڌڻ کانپوءِ



آئون دليئون دعائون ڪرڻ لڳيس ته اي الله سائين , تون هن خاندان کي عالم نه، پر عالمين جي هدايت لاءِ قبول فرماءِ .

سوال : توهان جهڙي ڀلي ۽ نيڪ پاڪ ماڻهوءَ جي طرفان دعا اسان لاءِ وڏي دولت آهي. شال الله سائين اها دعا قبول فرماءِ آمين_ اسجد ڀاءُ، ارمغان رسالي جي لاءِ به توهان سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻي آهي!

جواب : احمد ڀاءُ , ضرور ضرور ڪريو.

سوال : سڀ کان اڳ توهين پنهنجو خانداني تعارف ڪرايو ؟

جواب : منهنجو ملڪ نيپال آهي، کاٺمانڊو کان ڏهه ڪلو ميٽر پري هڪڙو ڳوٺ آهي. 21 مئي 1980ع تي آئون اتي پيدا ٿيو هوس.

اسين ذات جا برهمڻ آهيون. ننڍپڻ ۾ منهنجو نالو ونود ڪمار هو پر پيار مان مون کي سڀ گبو سڏيندا هئا. شروعاتي تعليم نيپال ۾ ئي حاصل ڪيم. والد صاحب جي وفات کانپوءِ اسان جو هڪڙو مائٽ مون کي دهلي وٺي آيو. ٻارهين ڪلاس جو امتحان هتي ڏنم. جلدئي اسان جو اهو مائٽ به گذاري ويو، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ مشڪل ٿي پيو . تنهن ڪري آئون جام نگر اوکلا جي علائقي ۾ توهان جي گهر جي ويجهو هڪڙي دڪان تي سيلز مين جي نوڪري ڪرڻ لڳس ۽ جامعه ۾ بي ڪام ڪلاس ۾ به داخلا ورتم، اتان ئي الله سائين مون تي رحم فرمايو ۽ هدايت جي واٽ نصيب ٿي.

سوال: ماشاء الله_ عجب جي ڳالهه آهي، جو بابا سائين جي شادي انهيءَ تاريخ تي ٿي، جنهن تي توهان پيدا ٿيا هئا، يعني 21 مئي 1980ع

جواب : هائو , اها واقعي عجب جي ڳالهه آهي، الله سائين اهو عجيب جوڙ جوڙيو آهي.

سوال : چڱو، هاڻي توهين پنهن جي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو ٻڌايو؟

جواب : اها ته توهان کي خبر ئي آهي، ته توهان جي گهر جي پرسان هڪڙي جنرل مرچنٽ جي دڪان تي آئون نوڪري ڪندو هوس. توهان جو ننڍو ڀاءُ اسجد ميان منهنجي سامهون پنج ئي وقت پابنديءَ سان نماز پڙهڻ

ويندو هو. واٽ ويندي ٻين ٻارن کي نماز تي هلڻ لاءِ چوندو هو. جڏهن نماز پڙهي موٽندو هو تہ پاڙي جا ٻيا نمازي بہ هن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪندا هئا. ڪو چوندو هو تہ اسجد ميان اسان سان ڇانهن پيو. ڪو چوندو هو تہ ماني ڪائي وڃو. هو شرمائي پڇي ويندو هو. توهان جي بلڊنگ جو هڪڙو چوڪيدار مسلمان هوندو هو، پر هو نماز ڪونہ پڙهندو هو. اسجد ميان هن کي بہ نماز پڙهڻ لاءِ چوندو هو. هڪڙي ڏينهن مون بہ هن کي چيو تہ روزانو تون اسجد کان واعدو ڪندو آهين، پر نماز تي ڪو نہ ويندو آهين. ڪجهہ مون چيو مانس، ڪجهہ اسجد ميان هن کي دوزخ کان ڊيڄاريو. هو نماز لاءِ ويو. نماز کان واپس وريو تہ سندس چپل چوري ٿي وئي. اسجد ميان گهران پئسا وٺي آيو ۽ هن کي نئون چپل خريد ڪري ڏنائين ۽ چيائينس تہ ڏس، الله توکي نماز جي پڙهڻ تي پراڻي چپل جي بدران نئون چپل ڏنو آهي.

سوال : امان، ٻڌايو پئي تہ هن جي چپل چوري ٿي وڃڻ تي اسجد گهر اچي ڏاڍو رنو ۽ چوڻ لڳو " امان هاڻي هو نماز ڪونہ پڙهندو. هو سمجهندو تہ نماز پڙهڻ ۾ نقصان ٿئي ٿو. جيڪڏهن اڄ توهين مون کي پئيسا ڏيندا ۽ نئون چپل اچي ويندو تہ هو هميشہ لاءِ نمازي ٿي ويندو " ۽ ضد ڪري امان کان پئسا وٺي ويو ۽ نئون چپل هن کي وٺي ڏنائين.

سوال : اڳتي ڇا ٿيو؟

جواب: هو نمازي ٿي ويو. هاڻي منهنجو وارو هو. اسجد ميان کي خبر ڪانہ هئي تہ آئون ڪو هندو آهيان. آئون هن کي پيار مان السلام عليڪم چوندو هوس.ان تي هو چوندو هو تہ گڏو پاءُ، توهين دڪان تي ويٺا هوندا آهيو. بانگ ٻڌندا آهيو ، پر نماز لاءِ ڪونہ ويندا آهيو. اذان ٻڌي نماز لاءِ نہ اٿڻ تي مسجد ان کي پٽيندي آهي. آئون اسجد ميان کي چوندو هوس، توهان هلو ، آئون ڪجهہ دير سان ايندس". بہ هفتا ائين ئي گذري ويا. هو روز عصر مغرب ۽ عشاء ٽيئي وقت تقاضا ڪندو هو پر آئون ڪو نہ ڪو بهانو ڪري ٽاري ڇڏيندو هوس، هڪڙي ڏينهن عصر نماز وقت هو مون کي پاڪر پائي



چنبڙي پيو "گڏو پاءُ اڄ تہ توهان کي نماز لاءِ وٺي ويندس، مون اسجد ميان کي چيو" توهان مون کي سڄاڻو نٿا تہ آئون ڪير آهيان. منهنجو نالو ونود ڪمار آهي ۽ آئون مسلمان ڪو نہ آهيان، هندو آهيان،ان تي هو چوڻ لڳو تہ پوءِ تہ توهان لاءِ وڏي مشڪلات آهي، توهين بي نمازي آهيو. تمام وڏي خطري ۾ آهيو " مون چيو. سو ڪيئن؟ هو چوڻ لڳو تہ " بي نمازي دوزخ ۾ سڙندو ۽ نيٺ هڪڙي ڏينهن جهنم ۾ هليو ويندو ۽ ايمان بنا هميشہ جهنم ۾ هوندو. گڏو پاءُ، ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي وڃو" " اسجد توهان جي جماعت نڪري ويندي " مون چيو ، هو چوڻ لڳو. " جماعت منهنجي نڪري ويندي، پر انهيءَ وچ ۾ توهان جي جيڪڏهن جان نڪري وئي ۽ هندو ڌرم تي ئي مري ويا تہ ڪيڏو نہ نقصان ٿيندو ، مون چيو ،چڱو توهان نماز پڙهي اچو. پوءِ ٿا ڳالهايون. هو نماز پڙهڻ ويو ۽ اتان آيو ۽ اچي منهن جي دڪان اڳيان ويهي رهيو ، گراهڪ بہ شيءِ شڪل وٺڻ لاءِ آيا پئي، پر هي اتان هٽي ئي نہ ! ۽ پيري پيري زور ڏيندو رهيو تہ گڏو پائي، اسين توهان وٽان سودو وٺندا آهيون، توهين مون سان ڪافي ڳالهيون ڪندا آهيو.

آئون ڪلمو پڙهائڻ بنا هرگز ڪو نہ ويندس، توهان کي مسلمان ٿيڻو پوندو مون چوندو رهيس تہ اسجد توهين هينئر وڃو ، وري پوءِ ڳالهيون ڪنداسون، هو چوڻ لڳو تہ ڪهڙي خبر اڄ ئي توهان کي موت اچي وڃي يا آئون مري وڃان. هو جڏهن گهڻو ضد ڪرڻ لڳو تہ مون سوچيو تہ ننڍو ٻار آهي. احمد پاءُ، اسجد جي عمر هينئر ڪيتري آهي؟ ٻارنهن سال. ان وقت جڏهن هن جي عمر اٺ سال يا اڃا بہ ننڍو هو. مون کي خيال آيو تہ ٻار جي دل رکڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي.؟ ڪلمي جي لفظن اچارڻ سان ڪو آئون مسلمان ٿورو ئي ٿي ويندس. مون هن کي ٽارڻ يا دل رکڻ لاءِ چيو تہ. چڱو پلا ، ڪلمو پڙهايو. هن مون کي ڪلمو پڙهايو مون بہ ڪلندي ڪلمو پڙهيو. چوڻ لڳو گڏو پائي هاڻي توهين پنهنجو مسلمان نالو رکو. مون چيو ، نالو مٽائڻ بہ ضروري آهي ڇا؟ اسجد چوڻ لڳو تہ بابا سائين چوي ٿو تہ نالو بدلائڻ ڪو

ضروري ڪونهي، پر چڱو آهي، جڏهن توهان ڪلمو پڙهيو آهي ته نالو به بدلائي ڇڏيو. مون چيو ته، ”پلا ٻڌايو ته منهنجو نالو توهين ڪهڙو رکندا؟“ اسجد چوڻ لڳو. توهين پنهنجي پسند تي ڪو مسلمان نالو رکيو“ مون چيو ته مون کي توهان وارو نالو پسند آهي. آئون ته محمد اسجد نالو رکندس “ چوڻ لڳو ته ” ٺيڪ آهي، اسجد نالو سٺو آهي، ان جي معنيٰ آهي گهڻا سجدا ڪرڻ وارو. ڏاڍو سٺو نالو آهي.

”مون چيو ته پوءِ توهان کي پنهن جو نالو بدلائڻو پوندو. چوڻ لڳو ته. مون کي چو بدلائڻو پوندو. ساڳئي نالي وارا گهڻا ماڻهو هوندا آهن. مغرب جي نماز جو وقت ٿي ويو. اسجد چوڻ لڳو ” هاڻي توهين مسلمان ٿي ويا آهيو. هلو نماز تي، مون ٽاريو ته منهنجا ڪپڙا خراب آهن. آئون نوان ڪپڙا پائي ايندس ۽ نماز پڙهندس، اسجد نماز پڙهڻ هليو ويو. نماز ڪانپوءِ گهران توهان جي والد صاحب جو ڪتاب ” توهان جي امانت“ کڻي آيو ۽ چوڻ لڳو. اسجد پائي، توهين هن ڪتاب کي غور سان پڙهجو ته جئين توهان کي خبر پوي ته الله توهان کي مسلمان بنائي، توهان تي ڪيڏو نه ڪرم ڪيو آهي. ڏسجو. هن ڪتاب کي گهڻا دفعا پڙهجو. مون ڪتاب اسجد کان ورتو ۽ دل ۾ خيال ڪيم ته هي عجيب ٻار آهي، ڄر وانگر چهٽي پيو آهي. منهنجي اندر مان آواز آيو. ڪنهن چيو پئي ته هي معصوم ٻار آهي، ڪا ته ڳالهه آهي، جو هو توهان کي ايڏي همدردي ۽ تڙپ سان ڪلمي ۽ نماز لاءِ چوي پيو. مون اسجد کي چيو ته آئون هي ڪتاب ضرور پڙهندس، اسجد چيو. پڪو واعدو آهي، مون چيو. پڪو واعدو آهي.

وقت تي دڪان بند ڪري، آئون ڪمري ۾ هليو ويس. ماني ڪائي سمهي رهيس _ ٿوري دير ڪانپوءِ خواب ۾ ڏٺم ته باهه جو وڏو مچ آهي، ان مان باهه جا الا پيا نڪرن ۽ ماڻهو ان ۾ سڙن پيا. باهه جون ڇپيون ڪڏهن اپيون ته ڪڏهن جهڪيون پيون ٿين، شعلا آسمان تي پيا پهچن. وڏي خطرناڪ باهه آهي، سڙڻ وارا رڙيون پيا ڪن. اسجد پري بيٺو آهي ۽ مون کي پيو چوي



ته گڏبو پائي، هي دوزخ آهي، جنهن کان الله توهان کي ڪلمي پڙهڻ جي ڪري بچائي ورتو آهي. منهنجي اک کلي پئي، آئون بيان نٿو ڪري سگهان. هن باهه جو مون تي اهڙو ڊپ طاري ٿي ويو. جو ڪمري ۾ ستل ٻين ساٿين جو خيال ڪرڻ ڪانسواءِ لائيٽ ٻاري، ” توهان جي امانت “ ڪتاب وري پڙهيم. ٻيو دفعو پڙهيم. ٽيون ڀيرو پڙهيم. اتي دل ئي دل ۾ سوچيم ته اسجد منهنجو خيرخواهه آهي، اسجد. توهان ڏاڍو سٺو ڪيو. مون کي ” ونود ڪمار “ مان ” اسجد “ بنائي ڇڏيو: دل مان آواز آيو ته مون عصر وقت ڪلمو پڙهيو آهي، مون تي جيڪي نمازون فرض ٿيون آهن، سي به ضرور پڙهڻ گهرجن. اسجد ٻڌايو هو ته هڪڙي نماز قضا ڪرڻ تي به ڪروڙ اناسي لک سال جهنم ۾ سڙڻو پوندو. ڪمري جي ساٿي فريد کي اٿاريم ۽ پڇيم ته شام ڇهين بجي کان وٺي هيستائين مسلمان ڪيتريون نمازون پڙهندا آهي، هن چيو به. مون چيو “ مون کي اهي نمازون پڙهائي ڇڏيو. آئون توهان جي پويان پڙهندو ويندس. هو چوڻ لڳو. ” سمهي رهو. منهنجي ننڊ خراب نه ڪر. پر مون خوشامد برآمد ڪندي، سندس پير دٻائڻ شروع ڪيا. زور ڏيندو رهيس، تان جو هن کي مون تي رحم اچي ويو. هو اٿيو. مون کي وضو ڪرايائين ۽ مغرب ۽ عشاء جون نمازون پڙهايائين، مون به آڏا ابتا رڪوع ۽ سجدا ڪيا. نمازون پوريون ڪيم.ٻئي ڏينهن صبح جو دڪان تي ويس. جڏهن اسجد اسڪول مان موٽيو ته مون دڪان مان اٿي اسجد کي سڏيو. اسجد کي چيم ته توهين ڪتابن جو ٿيلهو رکي، ماني ڪائي جلدي مون وٽ اچو. مون کي توهان سان ضروري ڳالهه ڪرڻي آهي. هو جلدي نماز ۽ ماني وغيره کان فارغ ٿي، دڪان تي آيو. مون چيو ته ڪالهه مون توهان کي ٽارڻ ۽ جند ڇڏائڻ لاءِ ڪلمو پڙهيو هو. هاڻي مون ” توهان جي امانت “ پڙهيو آهي ۽ اسلام کي سمجهيو اٿم. هاڻي توهين مون کي سچي طرح ڪلمو پڙهايو ۽ مسلمان ڪريو. اسجد مون کي ڪلمو پڙهايو. ان ڪانپوءِ مون مسجد وڃي، نماز پڙهڻ شروع ڪئي. دڪان جو مالڪ ويچارو عام مسلمان واپاري هو.

ٻہ ٽي ڏينهن هن مون کي نماز لاءِ ايندي ويندي ڏٺو تہ چوڻ لڳو تہ " اڙي گڏهہ تون مسجد ڇو ٿو وڃين؟ مون چيو اسجد ضد ڪيو پئي تہ مسجد هل، سو آئون هليو ويس، مون چيو تہ نماز پڙهي ڏسجي، چوڻ لڳو " تنهنجو مٿو خراب آهي، هتي گراهڪ انتظار پيا ڪن " منهن جي دل ڏاڍي پڳي تہ هي ماڻهو مون کي جانورن وانگر چڙٻون پيو ڏئي. " توهان جي امانت " ڪتابڙو مون پڙهيو هو تہ مسلمان لاءِ نماز بيحد ضروري آهي ۽ هڪڙي نماز قضا ڪرڻ جي سزا جيڪا مون کي اسجد اهڙي ٻڌائي هئي جو نماز نہ پڙهڻ منهنجي لاءِ نہ رڳو ڏکيو هو، پر نا ممڪن هو، اذان جو آواز ايندي ئي، جيئن تہ مون الله جي غلاميءَ جو اقرار ڪيو آهي، سو آقا. سڏي پيو، پنهنجي دربار عالي ۾ اچڻ لاءِ ۽ هي ادنيٰ غلامي حاضر نہ ٿئي، ان کان وڌيڪ نالائقي جي ٻي ڪهڙي ڳالهہ ڇئي سگهجي ٿي، اهو خيال دماغ ۾ آيو، تہ هي دڪان جو مالڪ برابر آهي، پلي هجي، پر منهنجو مالڪ تہ ڪونهي، مون کي دڪان جي مالڪ جي بہ، پر پنهنجي حقيقي مالڪ ۽ آقا جي ڳالهہ مڃڻ گهرجي، آئون غلام ۽ بندو دڪان جي مالڪ جو تہ نہ آهيان، پر ساري جهان جي مالڪ ۽ پنهنجي مالڪ جو غلام آهيان، آئون نماز لاءِ ويندو رهيس، ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن، رات جو عشاء جي نماز پڙهي آيس تہ دڪان جو مالڪ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي آيو ۽ چوڻ لڳو.

”تون صبح جو مندر ۾، پوڄا لاءِ وڃي نٿو سگهين، سو هندو ٿي ڪري، ناپاڪ مسجد ۾ ڇو ٿو وڃين، منهنجا ڪيترا گراهڪ دڪان بند ڏسي هليا ويا. مون چيو تہ صاحب! آئون هاڻي هندو ڪونہ آهيان، مسلمان ٿي ويو آهيان، اهو ٻڌي مون کي گهر ۾ اندر وٺي ويو ۽ اندر وڃي ڏاڍيون گاريون ڏنائين ۽ گندا لفظ ڳالهايائين ۽ جوتن سان ڏاڍي مار ڏنائين ۽ مون تي زور ڏنائين تہ مسلمان نہ ٿي، نہ تہ علائقي ۾ فساد پيدا ٿي ويندو، مون چيو مانس تہ هي علائقو مسلمانن جو آهي ۽ منهنجو گهر نيپال ۾ آهي ۽ منهنجو پنهنجي گهروارن سان هاڻي ڪو بہ واسطو ڪونهي، توهين ڇو ٿا ڊڄو؟ مسلمان ٿيو



آهيان ۽ پاڻ رسڪ کنيو اٿم، بهرحال هو تمام گهڻو ڪاوڙيو ۽ منهنجي بحث ڪرڻ تي ماڳهين پير مان جوتو لاهي وري مون کي مارڻ لڳو چئي، آئون تو کي هاڻي مسلمان ڪريان ٿو، ڏاڍيون گاريون ڏنائين ۽ جوتن سان ڏاڍو ڪٽيائين، مٿي تي جوتو لڳڻ جي ڪري ڪل ڦاٽي پئي ۽. رت وهڻ لڳو پر هن بس ڪا نہ ڪئي، چوڻ لڳو تہ هينئر ئي هتان هليو وڃ، منهنجو سامان ڪمري مان ڪڍي، ٻاهر اڇلائي ڇڏيائين، فيبروري جي رات هئي. مينهن بہ پئي پيو، منهنجا سڀ ڪتاب پسي ويا. مون بہ مٿي لڪائڻ لاءِ ڪا بہ ڊڪ ڊوڙ ڪانہ ڪئي، البتہ دل ئي دل ۾ رب سائين کي ٻاڏائيندو رهيس. " اي منهنجا مالڪ، آئون تنهنجو غلام آهيان. تنهنجي غلاميءَ ۾ مون کي ساهہ ڏيڻو پوي تہ بہ مون کي منظور آهي، فقط منهنجو ايمان قبول فرماءِ“

سوال : اسجد ڀاءُ، اسان کي تہ بلڪل خبر ڪا نہ هئي تہ توهان سان ڪو ايڏو ڪهر ٿيو آهي. وڌيڪ ڇا ٿيو؟

جواب: ٻئي ڏينهن مون پنهنجو سامان کنيو، هڪڙي شيڊ هيٺان هيٺ رکي ڇڏيم، اتي هڪڙو صاحب ڪار سان آيو پنهنجي ڪنهن دوست سان ملڻ لاءِ، هن شيڊ وٽ گاڏي بيهاري ڇيو، هتي ڇو ويٺو آهين. مون چيو " ايئن ئي ويٺو آهيان“هو چوڻ لڳو تہ سچ سچ ٻڌاءِ، مون کي شرم پئي آيو تہ الله ڪانسواءِ ڪنهن مخلوق سان پنهنجا ڏک بيان ڪريان، هن چيو تہ " الله مون کي پيدا ڪيو آهي. هتي گاڏي روڪڻ لاءِ مون کي توهان تہ ڪونہ چيو هو، الله مون کي هتي بيهڻ لاءِ مجبور ڪيو. توهان کان پڇڻ لاءِ بہ الله منهنجي دل ۾ ڳالهہ وڌي . سڀ ڪم الله ٿو ڪري، پر هن دنيا ۾ سببن جي شڪل ۾ الله ڪم ڪرائي ٿو. “ هن جي تمام گهڻي زور پرڻ تي مون ڪيس پنهنجو حال ٻڌايو، هن منهنجو سامان ڪار جي ڊگي ۾ رکيو ۽ چوڻ لڳو تہ اڄ کان تون منهنجو پٽ آهين_ مون کي اولاد ڪونهي. مون چيو تہ توهين مون کي اولاد بنائي پابند ڪري ڇڏيندا. آئون هاڻي الله ڪانسواءِ ڪنهن جي غلامي نٿو چاهيان، چوڻ لڳو تہ ائين ڪونہ ٿيندو، آئون بہ الله جو ٻانهو آهيان، مون چيو

تہ ” هڪڙي شرط تي توهان سان هلي سگهان ٿو. تہ توهين مون کي نماز ۽ دين جي ڪنهن ڪم کان نہ روڪيندا. منهنجي ڳالهہ ٻڌي هو روئڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ ڪنهن مسلمان بي سمجهي ائين ڪيو آهي، توهين سمجهو ٿا تہ زمين تي ڪو مسلمان آهي ئي ڪونہ. آئون هن سان جعفر آباد هليو ويس. هو اتي سچن موتين جو واپار ڪندو آهي ۽ الحمدالله وڏو واپاري آهي. مون بي ڪام پاس ڪيو. موڪلن ۾ آئون ٽن چلن لاءِ بينگلور هليو ويس. اسان جو اڳواڻ بينگلور جو هڪڙو عالم هو. هو مولانا ڪيلم صاحب کي سڃاڻندو هو. هن جماعت ۾ منهنجي وڏي خدمت ڪئي، هو سيني ساٿين جي وڏي خدمت ڪندو هو ۽ وقت بہ بلڪل اصولن مطابق لڳارائيندو هو. الحمد الله. منهنجو اتي ڏاڍو سٺو ۽ مبارڪ وقت گذريو. موٽي اچڻ ڪانپوءِ مون ايم بي اي ۾ داخلا ورتي. ايم بي اي پاس ڪيم تہ مون کي هڪڙي آمريڪي ڪمپني ۾ نوڪري ملي وئي، اسسٽنٽ مئنيجر جو عهدو مليو. الحمد الله. اڄ ڪلهہ آئون گڙ گائون ۾ سرورس ڪريان ٿو. ۽ اوپر دهلي ۾ فليٽ خريد ڪيم اٿم، اتي رهان ٿو.

سوال : بابا سائينءَ سان توهان جي ملاقات ڪڏهن ٿي؟

جواب : دڪان تي تہ اسين هر روز گڏبا هئا سين. هو مون کي اڳي ئي سڃاڻندو هو. ٽي چلا پورا ڪري آئون آيس تہ هڪڙي ڏينهن نظام الدين (محلو) ويس.

مولانا صاحب جو ڪو مهمان نظام ۾ ترسيل هو. هو ان سان ملڻ لاءِ آيو هو. نظام الدين جي وڏي گيٽ وٽ مون کيس ڏٺو. ملاقات ڪيم. هو مون کي سڃاڻي نہ سگهيو. مون جڏهن چيو تہ آئون گڊو آهيان، سامهون دڪان تي ڪم ڪندو هوس. اهو ٻڌي هو مون سان وڏي محبت سان ڀاڪر پائي مليو. ۽ دعائون ڪيائين. حيرت مان پڇڻ لڳو تہ ڪئين مسلمان ٿيا. مون سربستو احوال ٻڌايو تہ هن مون کي گهر هلڻ لاءِ چيو . آئون سندن گهر ويس. اتي اسجد مون سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو. چوڻ لڳو تہ ” نفيس مون کي ٻڌايو تہ



دڪان جي مالڪ توهان سان وڏو ظلم ڪيو هو. آئون روئي خدا پاڪ کان توهان لاءِ دعائون ڪندو هوس، تہ الله سائين، هن جي دنيا بدلائي سٺي ڪري ڇڏ. ويچاري پرديسي، مسلمان سان دڪان جي مالڪ ظلم ڪيو آهي.

الله سائين هن کان توهانجو بدلو ورتو. ڪن بدمعاشن هن جي دڪان تي قبضو ڪري ورتو. سڀ سامان گهٽيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيائون. جتي ڪاڏي جو سمورو سامان ڪنو ڏپ ڪري ويو. ڪنگال ٿي ويو آهي. پاڙيوارا کيس ماني پاڻي ڏيندا آهن. مون الله سائين جي درگاهہ ۾ دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ کيس معاف ڪري، هن وٽ نہ گهر آهي، نہ گهاٽ آهي، ۽ گريجويٽ آهي.

سوال: توهان جا اڄ ڪلهہ ڪهڙا حال آهن.

جواب: الحمدلله. منهنجي شادي ٿي وئي آهي گهرواري ديندار آهي.

پراڻي دهلي جي پنجابي خاندان جي ڇوڪري آهي. عورتن جي جماعت سان وقت لڳائي چڪي آهي.

مون هڪڙو چلو ڪينيا ۾ بہ لڳايو آهي.

سوال : پنهنجي مائٽن ڏانهن بہ ڪا نظر ڪئي اٿو؟

جواب : گهر واري ان ڏانهن ڌيان ڇڪارايو آهي. آئينده مهيني اسين سڀ ڪاٺمنڊو وڃڻ وارا آهيون.دعا ڪريو تہ سفر سٺائو ٿئي.

سوال : اسان جي رسالي ارمغان لاءِ بہ ڪو پيغام ڏيڻ چاهيندا ؟

جواب : هن حقير جي حياتيءَ جو احوال ئي هڪڙو پيغام آهي ۽ عبرت جو سامان پڻ آهي، اسان جي پياري نبي صلي الله عليہ وسلم جي زماني ۾ مسلمانن کي غير مسلم ستائيندا هئا. تہ مسلمان ڇو ٿيا آهيو. اڄ ڪلهہ اسلام جي دعوت تي مسلمان اسان نو مسلمن کي مارين ٿا تہ مسلمان ڇو ٿيا آهيون، جيئن مون سان ٿيو. انهن حالتن ۾ اسان کي دنيا جي سرداري ڪيئن ملي سگهي ٿي.

مولانا ڪليم صاحب گذريل هفتي فرمائي رهيا هئا تہ الله جو ٻچ ماڻهن جي دلين مان نڪري ويو آهي، دعوت جو ڪم ڪو ماڻهو ڪري ٿو تہ پاڙيوارا ڏچن ٿا، گهر وارا ڏچن ٿا، افسوس جي ڳالهہ آهي

سوال : اسجد صاحب توهان جي وڏي مهرباني، ٻڌو اٿئون تہ توهين دعوتي ڪيمپ ۾ ڦلت ۾ ڏهن ڏينهن لاءِ اچڻ وارا آهيو؟

جواب : حضرت مولانا صاحب کان پڇندس تہ ڇا پروگرام آهي.

هوڏانهن نيپال بہ وڃڻو آهي ۽ هتي ڪيمپ بہ آهي. اسان تہ بيعت ڪري دنيا وڪڻي وينا آهيون.

سو جيئن حڪم ملندو، تيئن ڪنداسين، انساء الله

سوال: سائين، توهان جي وڏي مهرباني، السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاتہ

جواب : وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاتہ،

**(ورتل ارمغان ڦلت تان ورتل)**



محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

# مهاڳ

هن ڪان اڳ "بيداري" ۾ شاه ڪريم بلڙي وارن جي ڪلام جي تشريح اچي چڪي آهي. هينئر قاضي قادن رحہ جي ڪلام جي تشريح ڏجي ٿي. اهي مضمون اصل ۾ اسان جي اردو ڪتاب "سنڌ جي اڪابر بزرگ شاعرن جي ڪلام" ڪتاب مان ورتل ويا آهن. قاضي قادن جي ڪلام کان اڳ ڪتاب جو مهاڳ ڏجي ٿو.

" قاضي قادن، " سنڌي ٻوليءَ جو سڀ کان پهريون، قادر ڪلام شاعر آهي، جن نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ کي شاعريءَ جو قالب ڏنو بلڪ، پنهنجي شاعريءَ کي محبوب حقيقيءَ سان محبت ۽ معرفت جي صورت ڏني، ۽ الله جي محبت جي پيغام کي، ايڏي وڏي واڪي پيش ڪيو، جو پوءِ اچڻ وارن سمورن شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ سندن اتباع ڪري، سنڌي شعر کي محبوب حقيقيءَ جي محبت جي رنگ ۾ رنگڻ جي ڪوشش ڪئي.

" قاضي قادن " جي ڪلام جا جيڪي شعر هٿ اچي سگهيا، اهي ڪل ست هئا، جيڪي شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جي ڪلام بيان العارفين ۾ شامل هئا، پر اج کان، ٽيهہ سال کن پهرين، ممبئي ۾ " هيرو نڪر " قاضي قادن جا وڏيڪ بيت ڳوليا ۽ ان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي ممتاز محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب، " قاضي قادن " جي ڪلام تي وڏيڪ تحقيقي ڪم سر انجام ڏنو ۽ ڪلام جي صحيح تلفظ، الفاظ جي معنيٰ ۽ توضيح جو ڪم ڪيو ۽ پنهنجي تحقيقي ڪم کي ڪتابي صورت ڏني.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب، سنڌي ٻوليءَ جو سڀ کان وڏو محقق ۽ ماهر لسانيات آهن، موصوف هن کان پهرين شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جي صحيح تعين ۽ ان جي ڪلام جي ڪيترن ئي نسخن جي

پيٽائتي جائزي ۽ مطالعي کانپوءِ صحيح ڪلام تي مشتمل رسالو شايع ڪيو ۽ شاھہ جي رسالي جي ڏکين لفظن جي " لغت " تيار ڪئي، سندن اھي خدمتون سنڌي علم وادب جو ناقابل فراموش حصو آھن.

شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، جيڪو شاه عبداللطيف ڀٽائي جو ڀڙ ڏاڏو آھي ۽"مخدوم نوح رح ھالائيءَ " جو ھمعصر ۽ صحبت يافتہ آھي، جيڪو سنڌ جو ممتاز عارف ۽ نالي وارو شاعر آھي. سندن ڪلام تي سنڌي ٻوليءَ ۾، سيني کان سنو ۽ مؤثر ڪم، ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ڪيو آھي .

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب، سنڌي، اردو، ۽ انگريزي سان گڏوگڏ عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جي بہ ڄاڻ رکي ٿو . موصوف، شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات ۽ شاعري جي ڪتاب " بيان العارفين وتنبيھہ الغافلين" جو فارسي مان سنڌي ۾ مڪمل ترجمو ڪيو ۽ تعليقات لکيون ۽ شاه جي ڪلام جو، جديد سنڌيءَ ۾ نثري ترجمو بہ ڪيو. سندن انھيءَ علمي ۽ تحقيقي ڪم، سنڌ جي باذوق اھل علم حضرات جي علمي اڃ اجھائڻ جو موقعو فراھم ڪيو. اسان، " شاه عبدالڪريم بلڙي واريءَ " جي ڪلام جي تشريح ۾، محترم عبدالغفار سومرو صاحب جي نثري ترجمي مان، استفادو ڪيو آھي.

" خواجا محمد زمان " لواري وارا جيڪي، نقشبندي سلسلي جا سنڌ جا، سڀ کان وڏا بزرگ سمجھيا وڃن ٿا، جن جي زيارت ۽ ملاقات جي لاءِ، "شاھہ عبداللطيف ڀٽائي" پاڻ ، انھن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ھئا، ۽ ڪانئن، بيعت جي درخواست ڪئي ھئي، پر سماع جي عادت سبب خواجا صاحب، ڪين پنھنجي سلسلي ۾ شامل نہ ڪيو. خواجا محمد زمان جا اشعار انھن جي خليفي، " مخدوم عبدالرحيم گرھوڙي " " ابيات سنڌي " جي نالي سان، ڪتاب ۾ مرتب ڪيا ھئا، انھن بيتن جي فارسيءَ ۾ تشريح بہ ڪئي ھئي.



" ابيات سنڌي " ڪتاب جي سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليقات ۽ اشعار جي نثري ترجمي جي ڪم ڪرڻ جو شرف بہ، محترم عبدالغفار صاحب کي حاصل ٿيو آھي، سومري صاحب، ھڪ وڏو تحقيقي ڪم جيڪو ڪيو آھي، اھو، اھو تہ، تصوف ۽ اھل تصوف جي حوالي سان، سوين عربي فارسي ۽ اردو ڪتابن جا حوالا ڏيئي، قيمتي معلومات کي ھڪ جاءِ تي گڏ ڪيو آھي، اھڙي قسم جي معلومات، اردو ڪتابن ۾ بہ گھٽ ملي ٿي، اھڙي طرح موصوف، پنھنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري، سنڌي ادب جي ٻي مثال خدمت انجام ڏني آھي، ۽ پنھنجي صلاحيتن جو صحيح استعمال ڪري، ٻين اھل علم حضرات کي پڻ، پنھنجي عمل سان اھو پيغام ڏنو آھي تہ ھو، "وقت ۽ علم" جو قدر ڪري، قوم کي ان مان فيض پھچائن. اسان، " ابيات سنڌي " ۾ شامل اشعار جي تشريح ۾، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب " جي نثري ترجمي مان استفادو ڪيو آھي.

ھتي ھن ڳالھہ جو ذڪر ضروري آھي تہ مذڪوره، وڏن بزرگن جي اشعار جو سمورو تعلق، عشق جي اونھائين، سلوڪ جي منزلن، قبض ۽ بسط جي قلبي وارداتن، ۽ " انوار الاھي " جي نزول، ان جي ورود ۽ سلبي جي ڪيفيات، ۽ عشق جي گھري سمنڊ ۾ ٽٻي ھڻڻ سان آھي، ان ڪري، انھن بيتن ۾ لڪل " معنيٰ ۽ ان جي روح " کي " علم ۽ عقل " جي مدد سان، سمجھڻ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آھي، البتہ، بيتن جي ظاھري ترجمي تائين رسائي ٿي وڃي ٿي تاھم، ظاھري ترجمي سان، شاعر جي " ڪلام جي روح " تائين پھچي، سندن حقيقي پيغام کي سامھون آڻڻ تمام مشڪل آھي .

اسان وٽ، صوفي بزرگ شاعرن جي ڪلام جي ظاھري مفھوم کي پيش ڪري جيڪا، گمراھي ڦھلائي وئي آھي، ان جي ڪري اسلامي شريعت جو تقدس مجروح ٿيو آھي، ۽ صوفي شاعرن جي ڪلام ۾، "وحدت الوجودي" رنگ جي غلبي سبب، " شرڪ " جوبہ غلبو ٿيو آھي، ۽ اسلام جي سڌي ۽ صاف تعليمات ۽ عقائد " متاثر ٿيا آھن، انھن حالتن ۾ ضرورت ھئي تہ، سنڌ جي

وڏن بزرگ شاعرن جي ڪلام جي حقيقي تشريح ڪئي وڃي ۽ سندن، ڪلام ۾ موجود " عشق جي روح " ۽ محبوب حقيقيءَ جي لاءِ فدائيانه رنگ، توحيد جي عقيدي ۽ سلوڪ جي منزلن جي باري ۾ ڪيل نشاندهي، جي، جديد اسلوب ۾ تشريح ڪئي وڃي، هن ڪم جي لاءِ ظاهري علمي صلاحيتن سان گڏ، جيڪي باطني ۽ روحاني صلاحيتون گهربل هيون، هي عاجز ان جي ڪنهن حصي تائين به رسائيءَ کان قاصر هئو الله جو فضل آهي جو هن وڏن بزرگن جي ڪلام جي تشريح جو ڪم ورتو. انهيءَ سعادت ۽ انعام جي لاءِ رب العزت جو جيترو به شڪر ادا ڪجي، گهٽ آهي. اهو سمورو ڪم، ٻن، ٽن مهينن جي مختصر عرصي ۾ مڪمل ٿيو آهي.

جي وقت مليو ته انشاء الله، سنڌ جي، مزيد، وڏن بزرگ، جن ۾، " شاهه لطف الله قادري " " مخدوم عبدالرحيم گر هوڙي " وغيره شامل آهن. انهن جي ڪلام جي به اردو ۾ تشريح جي ڪوشش ڪئي ويندي .

اسان جي وڏن بزرگن جي ڪلام جي، خود سنڌي ٻوليءَ ۾، هيستائين، روحاني ۽ باطني " نوعيت جي تشريح نه ٿي سگهي آهي. انشاء الله هن سڄي ڪم کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ به، منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي .

زير نظر ڪتاب ۾، هر بزرگ شاعر جي ڪلام جي شروع ۾ " تعارف" جي عنوان سان، مختصر طور انهن جا حالات پيش ڪيا ويا آهن. سنڌ جي علمي حلقن ۾، هي ممتاز روحاني شخصيتون ڪنهن قسم جي تعارف جون محتاج نه آهن، هر سنڌي اهل علم انهن جي نالي کان واقف آهي.

محمد موسيٰ ڀٽو



# قاضي قادن جو ڪلام

## ۽ ان جي تشريح

### معرفت جو سبق

زيران، زبران، آيتان، اڪرانت نه پار
هيڪڙيو ايمان ۾، لهن سيني سار

زير و زبر ۽ الفاظ جو علم، بيحد ۽ بي حساب آهي، يعني ڪتابي علم، ختم ٿيڻ وارو ڪونهي، ڪروڙين ڪتاب آهن. انهن ڪي آخر، ڪيستائين پڙهندين ؟ ايمان جي لفظ اندر، لڪيل معنيٰ، يعني " توحيد جي تصور " کي راسخ ۽ مضبوط ڪر، حقيقي محبوب سان سچي محبت جي تڙپ پيدا ڪر ته سيني لفظن ۽ مڙني ڪتابي علمن جي حقيقت تائين پهچي ويندين ۽ سڄي حياتي، الفاظ جي ناهه ٺوهه ۾ منجهڻ ۽ ڪتابي علمن ۾ ٽٻيون هڻي، حقيقت تائين رسائي کان محروم ٿيڻ کان، بچي ويندين.

جي جو بارهه لک، ڪوڙين ڪتيبان جي پڙهئه.
ايهه سڀائي سک، جان، جان پريان نه مڙيئه.

سموري حياتي، ظاهري علمن ۾ مصروف رهي، آخر ۾ عرفان جي دولت سان فيضياب ٿيڻ وارن جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته اڻ ڳڻت ڪتابن جي مطالعي سان ۽ انهن ۾ گم ٿي وڃڻ سان، عام طور تي محبوب نه ملندا آهن، ماڳهين اهي علم عقليت ۾ واڌارو ڪري، دل کي علميت جي دعويٰ سان سرشار ڪري ڇڏين ٿا.

اهڙي طرح دل ۽ عقل جي وچ ۾، فاصلو وڌڻ لڳي ٿو ۽ ، " ان الله يحول بين المرءِ وقلبه " ( بي شڪ الله، انسان ۽ ان جي دل جي وچ ۾ حائل ٿي وڃي ٿو ) وارو قول، ثابت ٿي وڃي ٿو.

ظاهري علم جو حصول، جيتوڻيڪ فرض جي حيثيت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته اسان کي، الله سائينءَ جي حڪمن ۽ تعليمات جو علم نه هوندو ته انهن حڪمن تي، عمل ڪيئن ٿيندو؟ پر جڏهن ”ظاهري علم“ مقصد بڻجي وڃي ۽ اهو عالمن ۽ دانشورن جي لاءِ ذهانت ۽ پاڻ پڏائڻ وارا نمائشي جذبا وڌائڻ جو باعث ۽ نفس پرستي ۽ نفس پروري جي سطح کان بلند ٿي، الله جي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ ۽ سچائيءَ سان نيڪ عمل ڪرڻ جي راه ۾ رڪاوٽ بڻجي ته اهڙي علم کان بس ڀلي.

عارف شاعر جو چوڻ آهي ته هن قسم جي ظاهري علمن کان اڳتي وڌي، خود شناسي ۽ خدا شناسي تائين پهچو ۽ باطني بيمارين جو شعور حاصل ڪري، محبوب جي انوار حسن تائين رسائي حاصل ڪريو ته ڪاميابي ماڻيو.

ڪنز قدوري، ڪافيا، ڪي ڪين پڙهيام
سو ڏيهو ئي ڪو ٻيو جان ئي پرين لڌام

” ڪنز قدوري، ڪافيا “ ۽ ٻين درسي ڪتابن تي مون اڪتفا نه ڪئي (جيتوڻيڪ قاضي قادن ظاهري ديني علمن جا فاضل هئا پر هو انهن علمن جي نفي ڪن ٿا، ڇو ته ظاهري علمن جي ڪري، نفسي قوتون بلند ٿي، محبوب تائين رسائيءَ جي راه ۾ سندس رڪاوٽ بڻيون، جيئن عام طرح ٿيندو آهي) چون ٿا ته اها دنيا ئي ڪا ٻي آهي.

( معرفت جي دنيا ) جنهن جي ذريعي، علمن ۾ پوشيده اصل نور تائين رسائي حاصل ٿئي ٿي، معرفت جي هن دنيا ۾ داخل ٿيڻ لاءِ شروع ۾ علمن ۽ سيني شين کان يڪسو ٿي، فنائيت جو مظاهرو ڪرڻو پوي ٿو.

پڙهيندو پئي ويو ڪوڙين لک قرآن
لکي لوڪ نه سگهيو پاڻي اندر پاڻ



( عام دينيدار ماڻهن جي حالت جي عڪاسي ڪندي چون ٿا ) جيتوڻيڪ هو قرآن به پڙهن ٿا (عالمن کي قرآن سان خاص تعلق آهي) پر قرآن سان هن تعلق جي باوجود، عام طور تي سندن ” نفس “ ۽ ” دل “ جو سڌارو نٿو ٿئي، دين جي نالي تي تعصب ۽ هڪٻئي تي الزام تراشي جي روش عام آهي، ڪين اهو اندازو ئي ناهي ته قرآن ۾ پوشيده نور تائين رسائي، تيسين حاصل نه ٿيندي، جيستائين دل کي نفساني قوتن ۽ خواهش کان ڇوٽڪارو ڏياري، محبوب جي انوار لاءِ خالي نه ڪبو. مٽ مان، جيستائين گندو پاڻي هاري، ڌوئي صاف ڪري، نل جي هيٺان نه رکبو تيستائين ان ۾ صاف پاڻي داخل ٿي نٿو سگهي.

جي گهر گهڙي نه ڪينهه، سائين تو ديدار کي
ڪيهي حج ڪرينهه، سووي پهنچون رب ڏانهن

اهي افراد، جيڪي، سچي حياتي، محبوب جي حقيقي طلب کان وانجهيل آهن، جيڪي، سدائين نفسي قوتن جي سمونڊ ۾ ٽٻيون ٿا هڻن، جن جي دل ۾، هڪڙي پل جي لاءِ به، محبوب جي وصال جي طلب پيدا نٿي ٿئي، انهن کي هن ڳالهه جو ڪو حق نه آهي ته هو مادي عقل ۽ ڪتابي علمن ذريعي محبوب حقيقيءَ جي قرب ۽ مشاهدي جي خواهش ڪن. اهي ماڻهو جيڪي ماديت تي فدا ۽ نفسا نفسيءَ ۾ مبتلا آهن، تن جي حالت اها آهي ته علم جي دعوي جي باوجود، ڪين نفس جي، هڪڙي به خواهش تي ڪنٽرول ڪونهي، اهي، ڪيني ۽ حسد جي باهه ۾ سڙن پچن ٿا ۽ باهمي تعصب ۾ غرق رهن ٿا. اهڙن ماڻهن کي توحيد پرستيءَ جي دعوي نٿي سونهي، اصل مقصد ته اهو آهي ته بجاءِ نفس کي ” معبود “ بنائڻ جي، الله رب العالمين کي معبود ۽ محبوب بڻائجي.

ستو وينو اٿيو ڳالهائيندو ڳيندو
اسان، تسان جي تاتڙي واتڙئين ويندو

محبوب جي هستي، اهڙي لازوال حسن واري آهي، جو سالڪ جو تہ بس هڪڙو ئي ڪم هئڻ گهرجي، اهو هي تہ، اٿندي، ويهندي، هلندي ڦرندي، ستي جاڳندي، ڳالهائيندي ٻولائيندي، هر گهڙي حقيقي محبوب جي ياد ۾ ان جي ذڪر ۾ ٻڏل هجي، دل کي، هڪ پل جي لاءِ بہ محبوب جي ياد کان غافل نہ ٿيڻ کپي .

لاڳيتن مجاهدن کان پوءِ آخرڪار، فرد جي اها حالت ٿيندي آهي جو ”دل ڏٿيءَ سان ۽ هٿ ڪمن ۾ مصروف “ جنهن جي نشاندهي هينين بيت ۾ ڪئي وئي آهي.

اکر ٻيا وسار، الف اڳهون ئي ياد ڪر
سو تون ڏيئو ٻار، جو نہ اجهائيہ ڪڏهين

عارف شاعر، تلقين ڪري ٿو تہ، تون دل جي گهرائيءَ ۾ ان لفظ کي جاءِ ڏي، جنهن جي اڳ ۾ ” الف “ آهي، (يعني لفظ ” الله “ کي ) جيستائين هن لفظ جي ذريعي، دل جي خشڪي دور نہ ٿئي، تيستائين اڳيان نہ وڌ. جيستائين، هن شمع کي نہ ٻارين، جنهن سان، دل روح، عقل ۽ نفس جي دنيا هر وقت منور رهي ٿي، هن لفظ ( الله ) جو ذڪر جڏهن اندر کي اجرو ڪري ٿو تہ ظاهري علمن بہ، خير ۽ برڪت جو ذريعو بڻجن ٿا، سيئي علم الله تعاليٰ جي بابرڪت ذات مان ئي ڦٽي نڪتا آهن. ان هستيءَ سان مضبوط تعلق جي نتيجي ۾، ٻيا علم بہ محبت جو ذريعو بنجڻ لڳن ٿا، ۽ الله جي وحدانيت جي رنگ کي غالب ڪرڻ جو موجب بہ ٿين ٿا.

” دل کي الله جي ذڪر سان روشن ڪري، پوءِ ڪتابي علمن ۾ فنا ٿي وڃ “

لائي لام الف سان، ڪاتب لکن جيئن
مون هينئڙو پريان سان، لڳو آهي تيئن

جهڙي طرح ڪاتب يا لکڻ وارو ” الف “ کي ” لام “ سان ملائي لکي ٿو، اهڙي طرح الف جي لام سان قربت ٿي وڃي ٿي، منهنجي دل جي بہ اها حالت ٿي وئي آهي،جو هن جي ۽ محبوب حقيقيءَ يعني الله تعاليٰ جي وچ ۾، ڪو



فاصلو باقي نہ رهيو آهي، منهنجي دل، هر وقت الله جي ياد ۾ ذڪر سان آباد رهڻ لڳي آهي. منهنجي دل ۾ محبوب جي درميان فاصلا ختم ٿي، قربت ۾ معيت جي مستقل ڪيفيت پيدا ٿي وئي آهي، اها منتهي صوفيءَ جي حالتن جي عڪاسي آهي، جيڪو هر وقت حقيقي محبوب جي انوار سان فيضياب ٿيندو رهي ٿو.

جان پاٽان جو پڌرو، ٻڌو آءِ سڏ
مون هينئڙو تان ئي ڪيو، سپريان سنئون گڏ.

جڏهن کان مون پنهنجي اندر ( دل ) مان محبوب جي صدا ٻڌي آهي يعني جڏهن کان منهنجي دل، عقليت ۽ علميت جي دعوي کان دستبردار ٿي، محبوب جي انوار حسن سان منور ٿي آهي، مسلسل محبوب جي راه تي گامزن آهي.

محبوب جي انوار حسن جي مشاهدي کانپوءِ سالڪ جي دل، انهيءَ حسن تي ايتري تہ فدا ٿئي ٿي. جو ان مان ( هل من مزيد ) جون صدائون بلند ٿيڻ لڳن ٿيون، محبوب سان آشنا دل، سڀني محبتن کي ڇڏي، انهيءَ محبت ۾ مستغرق رهڻ لڳي ٿي.

پهريون ئي پريانم جا، مون سان ئي سوڙان
هينئڙو هيج پنڌ ڪري، لڳو ڪہ ڪيٽان

جڏهن کان هن حقير طالب کي، محبوب جي محبت جي دنيا سان واقفيت ٿي آهي، تڏهن کان، هن سالڪ تي محبوب جي انوار ( انعامات ) جي بارش ٿيڻ لڳي آهي، هاڻي حالت اها آهي تہ دل، محبوب جي راه ۾ اچڻ واريون سڀئي مشڪلون ۽ ( قبض ۽ هيبت ) جا سڀئي تير خوشيءَ سان برداشت ڪرڻ لڳي آهي، محبوب سان محبت جو سمورو سفر ( راه سلوڪ ) پنهنجي سمورين تڪليفن جي باوجود. خوشيءَ سان طئي ٿيڻ لڳو آهي (بعض سالڪن تي جڏهن محبوب جي انوار حسن جون شعائون ڪرڻ لڳن ٿيون تہ انهن تي محبوب جي لاءِ فدائيت جو رنگ غالب ٿيڻ لڳي ٿو ۽

سلوڪ جو هماليہ جبل کان بہ دشوار گذار سفر، هو خوشيءَ سان طئي ڪرڻ لڳي ٿو) .

نہ سولا هو نہ سرو، نہ آر وار، نہ پار
موڙهو وتين تن کي، سومن منجهہ نهار

محبوب جي هستي اها آهي، جنهن جي، نہ ابتدا آهي نہ انتها، نہ ان کي ڪا جهت آهي يا سمت آهي، اها پاڪ هستي ، مادّي عقل جي پيمانن سان، ماپ، تور ۾ اچڻ واري ناهي، فرد استدلال، علم، ۽ عقل جي ذريعي هن جي، انوار حسن سان فيضياب نٿو ٿي سگهي.

تون حقيقت تائين پهچڻ جي لاءِ، عقل کي ڊوڙائيندو رهين ٿو ۽ استدلال جي عمارتن مٿان عمارتون اڏيندو رهين ٿو، پر، محبوب حقيقي، جيڪو ڪائنات جو خالق آهي، تون، ان جي انوار حسن جو مشاهدو رڳو دل جي اکين سان ئي ڪري سگهين ٿو.

دل اندر درياو، پڇئہ ڪيا سمندر ڪل
ماٽڪ آهہ، سرياو ڇڳي چوکي نہ ڪٽي

تون علم جي سمنڊ جي ڳولا ۾ آهين، ان علم جي گهراين ۾ ٽٻيون هڻڻ چاهين ٿو، حالانڪ، حقيقت جو درياه، تنهنجي دل جي گهراين ۾ موجزن آهي، انوار جي اها وسيع ترين دنيا، تنهنجي دل جي سمنڊ ۾ موجود آهي، هن سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻ تہ، ڪائنات جي راز کان آگاه ٿي وڃي .

حديث شريف ۾ آهي تہ، الله تعاليٰ توهان جي صورتن ۽ توهان جي مال کي نٿو ڏسي، بلڪ، توهان جي دلين ۽ (اخلاص سان ڪيل) اعمال کي ڏسي ٿو، الله جا انوار، دل ۾ ئي سمائجن ٿا، ۽ دل کي الله جي انوار سان سجائڻ ڪانپوءِ ئي زندگي، اخلاص ۽ بي نفسي سان سرشار ٿيڻ لڳي ٿي ۽ هر عمل، سون کان بہ وڌيڪ قيمتي ٿئي ٿو .



ڪايا مهہ ڏيئي، پيٺا جي درياو ۾،
پسندا سيئي، ماٽڪ اکڙين سين.

جيڪي ظاهري اکين کي بند ڪري، باطني اکين جي ذريعي، حقيقي محبوب جي وحدت جي دريا مستغرق ٿيا، مراقبي جي ذريعي، باطن جي درياءِ ۾ غوطہ زن ٿيا، انهن کي اها، سعادت عظميٰ حاصل ٿيندي، جو اهي، اونهي درياهہ ۾ لڪل سچا موتي ماڻي سگهندا، يعني محبوب جي انوار حسن جي مشاهدي سان بهره ور ٿي سگهندا، ۽ نفس، دل ۽ روح جي وسيع ترين دنيا جي اسرار کان آگاه ٿيندا، نفس ۽ مادي جي سرحدن کان اڳتي وڌي، دل جي ذريعي، محبوب جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ، ڪانپوءِ فرد، جتي، انساني جوهر سان نوازيو وڃي ٿو، اتي، حقيقي محبوب جي اهڙي، عجيب وغريب ۽ حيرت انگيز ڪائنات جو مشاهدو ڪرڻ لڳي ٿو جو سائنسدان پنهنجي سموري جستجو جي باوجود، ان جي ذري تائين بہ نٿا پهچي سگهن

در پورا گر سي گهران حقيقتا هنجهہ
ڪو ڙين هنڌان چڳن، سر پاٽيءَ جي منجهہ،

آئون، انهن عارفن جو ساٿ گهران ٿو ، جيڪي هرپل (حقيقت) جي اونهي درياءَ ۾ ٽٻيون ٿا هڻن ۽ (روحاني) نعمتن جي موتي ۽ جواهر سان مالا مال آهن، اهڙن عارفن جي صحبت سان ئي مادي ۽ نفسي حجابات کان نجات جي سعادت ملي ٿي، ۽ ماڻهوءَ جي لاءِ حقيقت جي دنيا جا دروازا کلڻ لڳن ٿا، ۽ علم و عرفان ۽ عقل ۽ دل جي وچ ۾ حائل پردا کلي پون ٿا.

وڃي آيو ڪير، ڪنهن ڏنو منهن لاهوتين
اچي ڪندو ڪير، ڳالهيون رب پرتيان

جيڪو فرد محبت جي راه تي گامزن آهي يا، جنهن کي محبوب سان وصال جي منزل ملي، اهو، لازوال حسن جي مشاهدي کانسواءِ نٿو رهي

سگهي، اهو وڏيڪ انوار حسن مان محفوظ ٿيڻ لاءِ مشتاق رهي ٿو اهو ”هل من مزيد “ جي حرص ۾ غلطان رهي ٿو.

هن طرح جا ڪامل درويش، وجداني طور تي عجيب حالتن ۾ رهن ٿا، فقر، استغنا، دنيا کان بي نيازي، رڳو هڪڙي فڪر ۾ گم رهڻ جي سندن دل جي دنيا اهڙي هوندي آهي، جنهن سان هن دنيا جا مادّہ پرست انسان آشنائي ڪونهن، اهي، ٻين کي بہ، پاڻ جهڙو، نفس پرست ۽ عام انسان ئي سمجهڻ جي غلط فهميءَ جو شڪار رهن ٿا، حالانڪ اهي ( درويش )حقيقي محبوب جي انوار حسن جي تجلين سان سرشار رهن ٿا.

محبوب جي وصال جي دولت عظميٰ کان واقف ٿيڻ ڪانپوءِ، هن وصال جي لذت ۽ مشاهدي جي ڪيفيات ۽ روحاني دنيا جي مڪاشفات جي اطلاع ڪير ڏيئي سگهي ٿو ( سچ تہ اهو آهي تہ ) حق تائين رسائيءَ ڪانپوءِ فرد جي زبان گنگ ٿي وڃي ٿي ۽ هو ۽ فرد محبوب جا راز ۽ ( ڳجها اسرار ) کولڻ کان قاصر رهي ٿو.

هن سر سندا هنجڙا اتي ئي آهين
ڳالهيون رب پرتيان، جو منگي سو ڏين

هن دنيا جا رازدان، عارف، عاشق صادق هتي موجود آهن، اهي، محبوب سان محبت جون ڳالهيون ٻڌائين ٿا، جي تنهنجي اندر محبوب جي طلب موجود آهي تہ اهي، محبوب جي محبت جي جزن سان تنهنجي دل کي سيراب ڪري سگهن ٿا، تنهن ڪري انهن جي صحبت ۾ وڃي، پنهن جي سچي طلب جو مظاهرو ڪر تہ جيئن هو تنهنجي اڄ کي اجهائي سگهن.

سر هڪ ڙي وسن، ڇر ۾ نينهن نہ
گڏيو سار نہ سالورن، مٿي ڪنول ڦلاريو.

ڪنول جو گل ۽ ڏيڏر، ٻئي هڪڙي تلاءَ جي پاڻيءَ ۾ رهن ٿا پر، ٻئي هڪٻئي سان تعلق نہ جوڙي سگهيا، ڏيڏر کي اها خبر ئي ناهي تہ ان جي ويجهو تلاءَ جي ٻئي ڪپ تي، ڪنول جا فرحت بخش گل بہ موجود آهن.



جي سالورو سڏ لهي، ڪنولان سندي ڪاءِ
تو پيو پاتال ۾ هوند نہ مٿي ڪاءِ

هن بيت ۾ جيڪو وڏو نڪتو بيان ڪيو ويو آهي، اهو هي تہ الله تعالىٰ هن مختصر زندگيءَ کي تضادات سان پري ڇڏيو آهي، هڪ طرف تہ مادي دنيا جون لذتون، انهن جو حسن ۽ ان جون دل فريبيون آهن ۽ لذت، تفريح ۽ فريب نظر جو ايترو سامان موجود آهي، جو ماڻهو دنياوي ساز وسامان ۽ ان جي لذت ۾ گم ٿي، دنيا جي انهيءَ زندگيءَ کي ئي شعوري يا، غير شعوري طرح، حقيقي زندگي سمجهڻ لڳي ٿو اهڙي طرح هو مادي حسن تي ايئن ڪري پوي ٿو جو دنيا جي هر شئي سندس دل کي، محبوب کان پري ڪرڻ ۽ دنياوي سازو سامان مٿان فدا ٿيڻ جو ذريعو بڻجي ٿيـ پر، دنيا کي جنت جو منظر بنائڻ جي سڀني ڪوشش جي باوجود فرد جي لاءِ ڏک ۽ صدمي، بي يقيني جي ڪيفيت ۽ ” خود اعتمادي جي کوٽ “ کان بچڻ نا ممڪن آهي.

هڪ طرف تہ اها حالت آهي، ٻي طرف، انهيءَ زندگيءَ ۾ فرد جي داخلي دنيا ۾، اهي ” امله جوهر “ بہ رکيا ويا آهن، جن جي سجاڳيءَ سان، فرد جي لاءِ، ”حقيقي سعادت “ جا دروازا کلڻ لڳن ٿا، اهي ” امله جوهر “ ڪهڙا آهن؟ اهي آهن، ” زهد “ فقر، استغنا، ۽ دنيا ۽ ان جي شين کان بي نياز ٿي صرف، الله جي لاءِ جيئڻ جي دولت عظميٰ آهي، جيڪا، دل کي محبوب حقيقيءَ جي محبت سان سرشار ڪرڻ جي نتيجي ۾ ملي ٿي، ان دولت عظميٰ مان حصو ملڻ ڪانپوءِ، فرد کي اها زندگي ملي ٿي،جنهن کي ”حياة طيبه “ جو نالو ڏنو ويو آهي، من عمل صالحا من ذکر او انثىٰ وهو مومن فلنحيينه حياة طيبه “.

”حياة طيبه“ اهڙي زندگي آهي، جنهن تان، دنيا جون سموريون نعمتون قربان ڪري سگهجن ٿيون، مثلا، اعتماد ذات جو بحران ختم ٿي وڃي ٿو ۽ فرد، خود اعتماديءَ سان سرشار ٿيڻ لڳي ٿو زندگي جي هر موڙ تي،ڪيس سڪون ۽ سڪينت، جي ڪيفيت طاري رهي ٿي، دنيا جو وڏي کان وڏو

مسئلو بہ هن جي سڪون کي متاثر ٿيڻ نٿو ڏئي. " فقر وفاقي جي زندگي " کي هو محبوب جي رضا جو ذريعو سمجهڻ لڳي ٿو. زهد سان هنجي طبعي مناسبت پيدا ٿيڻ لڳي ٿي. هو مادي لذتن مان، بس ان حد تائين فائدو وٺي ٿو جنهن سان، رب تعاليٰ جي حقن جي ادائيگي جي صورت پيدا ٿئي ۽ جسم ۾ عبديت جي لاءِ توانائي موجود ۽ قائم رهي.

زندگيءَ جي باري ۾ سندس جو اهو يقين مضبوط ٿيڻ لڳي ٿو ته، زندگي هڪ تسلسل جو نالو آهي، سموري مادّي زندگي، چند لمحن کان وڌيڪ نه آهي. قرآن شريف جون اهي به آيتون ان يقين کي مستحڪم ڪن ٿيون. جن ۾ فرمايو ويو آهي ته قيامت، اک ڇنڀ ۾ واقع ٿيندي يا ان کان بہ وڌيڪ ويجهو.

وما امرا لساعة الا كلمح البصر او هو اقرب

و يوم تقوم الساعة يقسم المجرمون مالبثوا غير ساعة .

( جڏهن قيامت جو ڏينهن واقع ٿيندو ته، گنهگار قسم کڻي چوندا ته اسان دنيا ۾ نه رهيا هئاسين مگر، هڪڙو پل ) انهي ڳالهه جو ڌيان ۽ تصور ته " هيءَ مادي حياتي فاني آهي ۽ عارضي ۽ چند لمحن جي آهي ۽ اصلي حياتي آخري آهي، جيڪا هميشه رهڻ واري آهي" ماڻهوءَ جي اشتياق کي وڌائي ٿو ۽ هاڻي هن کي راتو ڏينهن  اهو شوق ۽ انتظار دامنگير رهي ٿو ته ڏسون، ڪڏهن ٿي محبوب سان ملاقات نصيب ٿئي.

انهيءَ وضاحت کانپوءِ جڏهن، اهو بيت پڙهبو ته، معنيٰ بالڪل واضع ٿي ويندي.

جيڪڏهن، ڏيڏر کي اها سُڌ هجي ها ته سندس، ويجهوئي تلاءِ ۾ ڪنول جو گل موجود آهي ته، انهيءَ جاڻ کانپوءِ، هو مٽيءَ تي هرگز گذارو نه ڪري ها. هو مٽيءَ تي ائين موهت نه ٿئي ها. جي هو ڄاڻندو هجي ها ته ڪنول جو گل ڪيڏو نه خوش ذائقہ ۽ طاقت ۽ توانائي وارو آهي پر جيئن ته



هو ڪنول جي گل جي لذت کان واقف ئي ناهي، ان ڪري هو مٽيءَ جهڙي حقير شئي تي اڪتفا ڪري رهيو آهي.

جيڪڏهن مادي مان پيدا ٿيل شين تي، " فدا " ٿيڻ وارن کي اهو اندازو هجي ها ته انهن نفسي لذتن کانسواءِ ( حقيقي روحاني ) لذت ۽ لازوال حسن کان بهره ور ٿيڻ واري ٻي دنيا بہ انهي مادي جسم سان گڏوگڏ موجود آهي ته هو . ان صورت ۾ پنهنجي طاقتن کي، مال ۽ شهرت جي چاهت ۽ زبان جي لذت جهڙي، خصيص مقصدن جي لاءِ هرگز خرچ نہ ڪري ها.

هن بيت جو ٻيو مفهوم اهو بہ آهي ته اگر مادي تي گذارو ڪرڻ ۽ مادي شين سان محبت ڪرڻ وارن کي اهو معلوم ٿي وڃي ته سندن آس، پاس اهڙا عارف، عاشق صادق بہ موجود آهن جيڪي بظاهر ته هن دنيا ۾ رهن ٿا، پر باطني طرح اهي، روحاني دنيا جي لذتن ۽ نعمتن سان بهره ور آهن، ته هن جاڻ کان پوءِ هو ماده پرستي جي ٻوڙ ۾ مادي مفادن جي ڪشمڪش تان هٽ ڪٽي، ٻي دنيا جي لذتن ۽ نعمتن سان فيضياب ٿيڻ لاءِ عارفن جي صحبت اختيار ڪرڻ لاءِ ٻوڙندا اچن ها.

ڪي ويجهائي ڏور، ڪي ڏورئي واها
هو جي جر سالور لڏي نہ ڪنولا نهہ ڪر

معاشري جي فردن جي حالتن جي عڪاسي ڪندي چون ٿا ته، ڪجهه ته اهي فرد آهن، جيڪي، جسماني طرح اسان کي گهڻو ويجها آهن، اسان جا عزيز واقارب آهن، دوستيءَ واري تعلق جا دعويدار آهن، اسان سان محبت جا دعويٰ ڪن ٿا، پرهو جسماني قربت جي باوجود، وجداني طور تي، اسان کان گهڻو پري آهن، چاڪاڻ ته، حقيقي محبوب جي طلب نہ هجڻ جي ڪري هو، ذڪر و فڪر جي مجاهدن لاءِ آماده نہ آهن.

جڏهن ته گهڻا ماڻهو اهڙا بہ آهن، جيڪي، جسماني دوريءَ جي باوجود، اسان جي دل ۽ روح جو حصو آهن، چو ته، اهي حقيقي محبوب جي لاءِ بي تاب آهن، سندن دليون، الله جي ذڪر سان روشن ۽ آباد آهن .

اک اندر سريو جاڳي پس جو اڻ
منجيئي مکو ٿيو منجهيئي ملتاڻ

نيئن نسل کي تلقين ڪندي چون ٿا، تہ اي نوجوان! غفلت جي خواب مان جاڳي پؤ ۽ دل جي گهراين ۾ تہي هٽي، دل جي ذريعي مشاهدي جي صلاحيت پيدا ڪر تہ مکي ۾، محبوب حقيقيءَ جي جن انوار جي برسات ٿي رهي آهي، يا ملتان ۾، جن وڏن بزرگن جي مقبرن تي جيڪي انوار وسن ٿا، اهي انوار، توهان کي پنهنجي دل جي گهراين ۾ موجود نظر ايندا. چو تہ، محبوب جي حقيقي تجلي گاه بندهء مؤمن جي ”دل“ آهي. دل کي، ذڪر ۽ مراقبي جي ڪثرت جي ذريعي، نفس جي يرغماليءَ کان ڇوٽڪارو ڏيار. ان کي،”تون ۽ آئون“ جي پردن کان بلند ڪر تہ توکي، سڀ ڪجھ پنهنجي اندر ۾ محسوس ٿيندي نظر ايندو.

اکيون آڪا سانهہ فوجون ڪري الٿيون،
سوڙهي گليءَ منجهان سوجهي پرين لهنديون

ظاهري اکين، محبوب جي ڳولا ۾ آڪاش تائين سفر ڪيو ۽ هو بيچين ٿي محبوب کي ڳوليندي رهيون. پوءِ انهن تي، اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ ظاهري اکين سان محبوب جو مشاهدو ممڪن ڪونهي، ان کان پوءِ معاملو دل جي اکين جي حوالي ٿيو هاڻي دل جو محبوب ڏانهن سفر جاري آهي، اهي هاڻي جلدئي محبوب جي مشاهدي جي مقام تي فائز ٿينديون .

شهباز باز ٿيو پنکي نہ ماري
اک کوڙي عرش ۾ لڏ مناري

هڪڙو نفس پرست فرد، جڏهن محبوب حقيقيءَ جي راه تي گامزن ٿيو تہ سخت مجاهدن جي ذريعي هو واصل باالله ٿيو هاڻي هن جي شڪار جو رخ، عام ماڻهن وانگر، ” مادي شڪار “ نہ رهيو هاڻي هن جي نگاه آسمان ڏانهن رهي ٿي، هن جي روح ( دل ) جي طلب آسماني ( روحاني ) غذا آهي، هڪ دفعو آسماني غذا کان آشنا ٿيڻ کانپوءِ دل ۽ روح، پنهنجي سموري



توانائي سان، ” نفسي قوتن سان مزاحمت “ جي راه تي گامزن ٿيڻ لڳن ٿيون. اهڙي طرح، نفس جو اهو سفر، ” نفس اماره “ کان شروع ٿي،”نفس مطمئنہ “ جي مقام تائين پهچي ٿو .

جنهين جان جدا ڪي، تون مهہ تنهين پس
لتا ڙين لتن سي، اٿئي پهر عرس.

عارف شاعر، طالب کي، نصيحت ڪندي چون ٿا تہ اهي عاشق صادق ۽ عارف، جن فنائيت جا آخري مقامات طئي ڪري، محبوب جو وصال ماڻيو آهي، توکي کپي تہ انهن جي، صحبت اختيار ڪر، انهن جي صحبت جي ذريعي، نفسي حجابن کان بلند ٿي، محبوب جي راه تي تيزيءَ سان گامزن ٿي، اهي (عارف ) اهي هستيون آهن، جيڪي بظاهر تہ دنيا ۾ رهن ٿيون پر، باطن ۾ انهن جي دل، هر وقت، حقيقي محبوب سان رهي ٿي، انهن جي روح، مادي سرحدن کان بلند ٿي، محبوب تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪي آهي .

واحد هنڌين، دائرين، هيڪڙيو ميئي
جنهين جان جدا ڪي، پسندا سيئي.

محبوب ” واحد “ هر جاءِ تي موجود آهي، هن جا انوار، عارفن جي خانقاهن ۾ موجود آهن، فنافي الله کان بقاباالله جي مقام تي فائز هر شخصيت جي خانقاه محبوب جي انوار جو مرڪز آهي، جيڪڏهن، محبوب جي انوار سان فيضياب ٿيڻ گهرين ٿو تہ، ” خودي “ ۽ ” خود سري “ جي جذبن تان هٽ ڪٽي، انهن عارفن سان تعلق مضبوط ڪر تہ، محبوب حقيقيءَ جو مشاهدو ماڻين .

حقيقي مون سيڻ، وسن شهر حقيق ۾
ڳالهہ چون حقيقيان، چون حقيقي ويڻ.

منهنجا مرشد، هر وقت، محبوب جي انوار جي دنيا ۾ ئي رهن ٿا. انهن تي هر پل، محبوب جي محويت طاري آهي، سندن زبان مان نڪرندڙ هر لفظ، محبوب جي انوار سان لبريز هوندو آهي، جيئن ته سندن دل، محبوب حقيقيءَ جي انوار سان منور ٿي چڪي آهي، انهي ڪري انهن جي زبان، محبوب جي حسن جي صدا ۽ انهن جي حق ۽ صداقت جي ڳالهين ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن شيءِ ڏانهن متوجہ نٿي ٿئي، جيڪا دل، ساري ڪائنات جي حسن جي حقيقي خالق هستيءَ جي حسن مان لذتياب ٿي چڪي هجي، ان دل جي لاءِ ”مادي حسن“ ڪهڙي معنيٰ ٿو رکي؟ هن کي مادي حسن ڪئين فريب ڏيئي سگهي ٿو؟

سفيفي مون سيڻ، وسن شهر سفاف ۾
ڳالهہ چون سفافيان چون سفافي ويڻ.

منهنجا محبوب ( مرشد ) وجداني طور تي اهڙي دنيا ۾ رهن ٿا، جتي مشاهدهءِ حقيقت جي راه ۾ حائل سڀ رڪاوٽون، ختم آهن.ان ڪري، سندن زبان مان نڪرندڙ هر ڳالهہ اهڙي آهي، جو دل ۾، ” انوار “ داخل ڪرڻ جو ذريعو آهي، انهن جي گفتگو صاف وشفاف آهي، اها، ٻيائي ۽ تضادن کان پاڪ آهي، سندن گفتگو، نفس ۽ عقل جي سرحدن مان لنگهي، دل ۾ طوفان برپا ڪرڻ جي موجب آهي.

جڏهن فرد، غير معمولي مجاهدن سان نفسي ظلمات ۽ اونداهين کان گهڻي حد تائين، ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٿو وٺي ته، هن جي نظر ۽ گفتگوءَ ۾ اها، تاثير پيدا ٿي پوي، جيڪا، دلين ۾ انقلاب آڻي سگهي ٿي.

جنهين مک مراڻ، امي التي اکڙئين
تنهين جي ڳالهاءِ، معدوئي ساڃو ٿيو.

اي ماءُ! آئون جنهن محبوب لاءِ صبح اٿندي ئي، تڙپندي هئس، جن جي ڏسڻ لاءِ، منهنجيون اکيون اداس هونديون هيون، هاڻي، هنن جي ذڪر ۽ يادگيريءَ ۾ قرار ملڻ لڳو آهي، انهن جي انوار حسن جي مشاهدي سان،



سڪون ملڻ لڳو آهي، منهنجي ” اندر جي اڄ “ اجهامڻ لڳي آهي ۽ دل جي تسڪين جو سامان ٿيو آهي.

مبتدي سالڪ جڏهن، ” وڇين حالت“ ۾ اچي ٿو ته، هن جي جذبات جي، گهڻي حد تائين تسڪين ٿيڻ لڳندي آهي، البتہ ” مبتدي “ طالب جي حالت، رحم جوڳي هجي ٿي، مبتديءَ کي محبوب حقيقيءَ جي ذڪر جي لاءِ، نفسي قوتن تي جبر ڪري، دل کي آماده ڪرڻو پوندو آهي، ۽ متوسط جي لاءِ ذڪر، ان جي ” غذا “ بڻجي وڃي ٿي، ان جو گهڻي کان گهڻو وقت، هاڻي ذڪر جي حالت ۾ گذري ٿو، ڪيس محسوس ٿيندو آهي ته، ڄڻ، هن جي سيني جذبن جي، تسڪين ٿيڻ لڳي آهي.

ڪنجي ڏيئي جهليو جنهين روح رساو،
تنهين سندي تلهڙي، سونهاري سياو.

جن منهنجي نفسي قوتن کي روڪي، منهنجي ” روح جي پرواز “ کي بلند ڪيو، روح کي ” نفس جي قيد “ مان ڪڍيو، آئون انهن جي رهنمائيءَ ۾ سفر ڪري، هن ماڳ تي پهتس، جتي مون کي فطرت سان هم آهنگي جي سعادت نصيب ٿي آهي، اها سعادت، پنهنجي ” علم “ پنهنجي ” ذهانت “ ۽ پنهنجي ذاتي ڪوشش سان حاصل ڪرڻ دشوار هئي، مرشد، وک، وک تي منهنجي رهنمائي ڪندي، مونکي ” نفس “ جي سرڪش طاقتن کان خبردار ڪندي، محبوب تائين پهچايو .

جي لوڙي تي نہ لهان الوڙي دي ڍير
توڙي ڏسڻ سهڻي، انبان تل نہ ٻير.

دنيا جي بازار جو ذڪر ڪندي چون ٿا ته، جواهر ۽ موتي، جن جي گهرج آهي، اهي، هٽ نٽا اچن، غير ضروري سامان سان، بازار پريا پيا آهن. ” ٻير “ ڏسڻ ۾ ڪيڏا بہ سهڻا هجن، پر انبن جي برابري نٿا ڪري سگهن ، دنيا ۾ مادّي زيب و زينت ۽ ظاهري حسن و وجاهت جي اعتبار سان افراد،

ڪيڏا بہ سھڻا ۽ پرڪشش ڇو نہ ھجن، پر اھي، ”معنوي حسن رکندڙ صاحب عرفان “ ھستين جي سامھون (اھڙي حيثيت رکن ٿا جھڙي ”موتي ۽ جواھر “ جي مقابلي ۾ ” پٿر ۽ ٺڪر “ جي حيثيت آھي ).

سوني سرپ نہ لوڙيان، جي لوڙيان تان لک،
مون تنھان سندي بک، جنھين مستڪ مٽي پلئہ

مون کي اھڙي فقير جي صحبت ۽ معيت نہ ٿي گھرجي، جيڪو ظاھر ۾ تہ فقيراڻي لباس ۾ ھجي ۽ ھنجو باطن، ” موتي جواھر “ کان خالي ھجي، اھڙا فقير تہ لکن جي تعداد ۾ لين ٿا، مون کي اھڙي درويش جي ڳولا آھي، جنھن جي دل،محبوب جي انوار سان سرشار ھجي، جيڪو حقيقي ”فقر“ يعني الله ڪانسواءِ سيني کان بي نيازي جي دولت سان، بھره ور ھجي، ان طرح جا درويش ئي پنھنجي چاھڻ وارن ۽ ” معرفت حق “ جي طالبن کي، بي بھا ”روحاني موتي جواھر“ سان نوازي مالا مال ڪري سگھن ٿا.

عين قصر در لک، ڪوڙين سھسين ڪرڪيان
جان ئي ڪرين پرک، تان ئي سڄڻ سامھان.

محبوب حقيقيءَ جي جنھن دنيا سان، ” دل جي ذريعي “ آگاھي ٿئي ٿي، ان جي نشاندھي ڪندي، شاعر عارف فرمائين ٿا تہ دل جي اکين جي ذريعي جيڪو محل کلي ٿو ، ان محل ۾ ( لکين، ڪروڙين دروازا ۽ سوين دريون آھن، جتان ڪٽي نھاريون، اتان، محبوب جو جلوو ئي سامھون آھي. )

محبوب حقيقيءَ جي مشاھدي جي راه ۾ اصل رڪاوٽ ، ” نفس “ جون مادي قوتون ئي آھن، جڏھن، مجاھدن جي ذريعي ” نفسي قوتون “ پائمال ٿين ٿيون تہ ”دل“ انوار الاھيءَ سان سرشار ٿيڻ لڳندي آھي، پوءِ فرد جي اھا حالت ٿئي ٿي، جو ڪيس محبوب جي ھر تخليق ۾ ان جا ئي جلوا نظر اچن ٿا.



پھرين پاڻ پرک، پرين پرکڻ ساڪڙا
در پيي سوئي رک جتان ڏڪانہ لھين.

چون ٿا، سڀ کان پھرين، خود بينيءَ تان ھٿ کڻي، خودشناس “ بنجي وڃ (پاڻ کي ڪا ” شئي “ سمجھڻ کان دستبردار ٿي، پنھنجي ” حقيقت“ کي سڃاڻ ) ”محبوب حقيقيءَ تائين رسائي جي راه “ تي وک بہ، تڏھن ھلي سگھندي، جڏھن، خود شناسيءَ جي ذريعي، پنھنجي اصل ھستي يعني، روح جي خاصيتن کان واقفيت حاصل ٿيئي، ” انساني روح “ جيڪا، انسان جي اصل شخصيت آھي، اھا سدائين قائم ۽ دائم رھي ٿي، ھي جسم تہ لباس وانگر، پراڻو ٿي آخر، ختم ٿي ويندو ، پرھن روح جو ”روح مطلق ھستيءَ“ سان اھڙو تعلق قائم آھي، جيڪو انسان کي اندر ۾ بيچين رکي ٿو انساني روح لڳاتار ان جي لاءِ تڙپندي رھي ٿي، اھڙي ڪامل ھستي، ھٿ ڪر،جيڪا تو کي در تان نہ ڌڪاري، اھڙي ھستيءَ جي غلامي قبول ڪر، جيڪا توکي، سڀني جي غلاميءَ کان آجو ڪري.

پھرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي سولھي
من اندر مھ پاءِ، توئي اندر سپرين.

محبوب حقيقيءَ جي محبت جي دنيا اھڙي آھي،جيڪا، پنھنجي وجود جي نفي ۽ پنھنجي ذات کي ”فنا“ ڪرڻ ڪانسواءِ، حاصل نٿي ٿي سگھي، پنھنجي ھستي جي فنائيت جا مقامات طئي ڪر تہ تو کي، محبوب جو وصال حاصل ٿيئي، محبوب جي قرب جي مقام تائين پھچڻ جي سعادت، انھن کي حاصل ٿي سگھندي، جيڪي اندر ۾ ٽبي ھڻي، مراقبي جي ذريعي، دنيا جي ڏوکي ۽ ٻيائي جي فريب مان نڪري، محبوب جي انوار حسن مان فيضياب ٿيندا.

تون ويرون ئي وير، جوڳي سو جو جڳ ۾
ڏون اسان جو پير، سوڏي ڏيئين سرير ۾

عاشق صادق جو ذڪر ڪندي چون ٿا ته، تون محبوب حقيقيءَ جي انوار سان، سرشار آهين، تو مٿان هر دم، انوار الاهيءَ جو نزول ٿئي ٿو "عاشق صادق" اهو آهي جيڪو هن مادي دنيا ۾ رهندي، دنيا کان بي نياز هجي، ۽ محبوب حقيقيءَ جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول هجي، تون ئي اسان جو مرشد آهين، تنهنجي صحبت، رابطي ۽ تعلق جي نتيجي ۾ اسان جون دليون، محبوب جي انوار جو لطف ماڻين ٿيون.

ستو هوس ننڊ ۾، جوڳيءَ جاڳا يوس
مر وڃايائين مون منان، تت وڪايوس.

آئون ظاهري علم جي حصول ڪانپوءِ به، غفلت جي ننڊ ۾ ستل هوس، "خود شناسي" ۽ " خدا شناسي " جي دولت کان محروم هوس، نفس کي " پالڻ ۽ پوڄڻ " جي وسيع دنيا ۾، مستغرق هوس، جوڳيءَ ( درويش ) اچي مون کي هن غفلت جي ننڊ مان جاڳايو ۽ مونکي نفس جي معرفت ۽ ربّ جي معرفت جي راه تي گامزن ڪيو، ان کان پوءِ ئي، دل تي چڙهيل، نفس پرستيءَ جي " ڪٽ" لهڻ لڳي، ۽ حقيقت تائين رسائي جي، سعادت عظميٰ حاصل ٿئي.

اپري ۾ پير، ڪنهن لڌو پيريئين
ته پوسندو پير، ڪوڙين منجهين ڪولهي

لکن ڪروڙن ماڻهن ۾، تمام گهٽ، اهڙا خوش نصيب افراد هوندا آهن، جن کي، محبوب سان محبت جي راه حاصل ٿيئي ٿي، ان ۾ به، فنائيت جا مقامات طئي ڪري، بقا جي مقام تي فائز ٿيڻ جي سعادت ته، تمام ٿورن ماڻهن کي حاصل ٿيندي آهي.

معرفت جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ ان ڪري به، ڏکيو لڳي ٿو جو رياست ۽ معاشري جا سيئي ادارا، فردن کي، رات ڏينهن، ماديت جي وسيع سمنڊ ۾، غرق ڪرڻ جي ڪڍ لڳل آهن ۽ جيڪي ماڻهو هڪ دفعو ماديت جي وسيع



سمنڊ ۾ داخل ٿيا ته پوءِ ان کي نفس جي سمنڊ کان سواءِ ٻي ڪا دنيا نظر ئي نٿي اچي .

جي مهراڻ ميا ڪري، ته ساگرو سهي نه سٽ
يون پريان سندي ڳالهڙي، رهي نه اندر گهٽ

جڏهن درياء سنڌ ۾، طغياني اچي ٿي ته ان سان جڙيل ننڍيا واه، ان طغيانيءَ جي سٽ سهي نٿا سگهن يعني، پاڻي ايڏو گهڻو ٿو هجي، جو ٻنهي ڪنارن تان وهڻ لڳي ٿو.

محبوب حقيقيءَ جي انوار جي مثال به ائين ئي آهي ته جڏهن دل تي، انوار حسن جي بارش ٿيڻ لڳي ٿي ته دل، ان جي سٽ سهي نٿي سگهي ۽ بي خود ٿي وڃي ٿي.

اها، " متوسط " سالڪ جي حالت آهي، جو هو محبوب جي انوار جي لاءِ بيتاب ٿي وڃي ٿو ۽ ان بيتابيءَ جي ڪري، اڪثر اوقات هو قابوءَ کان ٻاهر ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي دل مان، دانهون نڪريو وڃن ۽ اهو هن کان، بي ساخته سر زد ٿئي ٿو.

ساڳي طرح، " منهنجي " دل تي جڏهن اها بارش ٿئي ٿي ته ان انوار کي، ٻين ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ مضطرب ٿي وڃان ٿو .

الان جيهي ال تسان نه اسان جيتڙي
پريان جامع ال، تسان ٻيائي الهن.

متوسط سالڪ کي مخاطب ٿيندي، شاعر، چون ٿا ته، آتش عشق سان تنهنجي دل، اڃان سڙي ڪانهي، پوري طرح منور نه ٿي آهي، هن سان اڃان تنهنجي دل ۾ محبت جو مچ ناهي ٻريو، محبوب جي هستي ان انوار جي مرڪز آهي، جڏهن تون، ان جي حسن جي انوار سان سر شار ٿي ويندين، تنهنجي دل، انوار الاهيءَ سان، پوري طرح منور ٿي ويندي ته پوءِ ان مان، اهڙا

الا نڪرندا. جيڪي ٻين جي دلين ڪي سوز عشق سان لبريز ڪرڻ جو موجب بڻجندا.

لڳي وڃان پير، دانهان ڪندي ڏونگر
سوئي سڄڻ ميڙ، جنهين هئون ڏڪٽي.

محبوب جي لاءِ جبل جي چوٽي سرڪرڻي پوي ٿي ، جبل جي ڏکين پٿرن تي، پيرين پنڌ سفر ڪندي، دل مان اها صدا نڪري ٿي ته شال، ڏٽي اهي سڄڻ ملائي، جنهن جي لاءِ دل ماندي ۽ بيتاب آهي.

متوسط صوفيءَ جي حالتن جي عڪاسي آهي. جيڪو محبوب سان وصال جي لاءِ مسلسل سفر جي حالت ۾ آهي، يعني ذڪر وفڪر ۽ مراقبن ڪانسواءِ ان ڪي خوشي ۽ سڪون جالمحا مسير نٿا اچن، هن جي دل مان بس هڪڙي ئي صدا نڪري ٿي ۽ اها محبوب سان وصل جي ئي صدا آهي.

تون، تون تد ڪريھ، لڱنداءِ ڪر ڦند جيئن
سائين سنڀاريھ جن يھ روح سرجيا

جڏهن دنيا جي ڏڪن، تنهنجي لاءِ سڀ رستا بند ڪري، توکي محبوب حقيقيءَ جي راه تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو ته، ان ڪان پوءِ تنهنجي اندر مان بي اختيار محبوب جون صدائون بلندٿيڻ لڳيون.زماني جي ستم ظريفي، تنهنجي روح ڪي، رب تعاليٰ ڏانهن راغب ڪيو ۽ توکي روح مطلق هستي تائين پهچائڻ جي صورت پيدا ڪئي، حديث شريف ۾ آهي ته الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي ڪرڻ چاهيندو آهي ته ان تي، مصيبت نازل فرمائيندو آهي، هن مصيبت جي سبب، ٻانهو پنهنجي گذريل گناهن واري زندگي ڪان توبه تائب ٿي، محبوب جي راه تي هلڻ لڳي ٿو_

( حديث پاڪ جا الفاظ ته ٻيا آهن پر، مفهوم هن سان ملندڙ جلندڙ آهي ).



سور جنهون ڪي هوءَ، ليهان تنهين اپرن
ڪاٽي ڪِوءِ ڏنوءِ، دانهان ڪندو سورين.

ڏکن جو ماريل انسان ئي، روئندو رڙندو آهي، درد ڪانسواءِ ڪير آهي جيڪو روئي .

(جڏهن بيوسي انتهائي درجي تائين پهچي ۽ ڏک جي جذبي جي اظهار لاءِ الفاظ ڪٽي پون، تڏهن اکين مان ڳوڙها ڪرندا آهن ) دنيا ۾ اهو دستور آهي ته جڏهن، محبوب جي لاءِ درد ۽ عشق ۾ بيتابي وڌي ٿي، تڏهن دل مان دانهون نڪرن ٿيون، اها " متوسط " صوفيءَ جي حالت آهي، جنهن جي دل مان، بي ساخته طور تي، محبوب حقيقيءَ لاءِ آهون ۽ دانهون نڪرن ٿيون، جنهنڪي ٻڌي ماڻهو ڏکيو وڃن.

ڪاگد ڪالي اکرين، مون سان مون سيڻين
گهوري ڪٽي وڃائيان، وي مندي نيڻين

ڪتابي ڪاغذ جو مس جي ڪارن اکرن سان جيڪو تعلق آهي، اهي هڪ ٻئي جي لاءِ لازم ۽ ملزوم هوندا آهن. بالڪل اهڙي طرح جو تعلق مون ڪي پنهنجي محبوب سان آهي، محبوب حقيقيءَ منهنجي دل جي تختيءَ تي، پنهنجي نالي جي نقش ڪي اهڙو چٽو لکيو آهي، جو هاڻي اهو نقش، جدا ٿيڻ جو نالو نٿو وٺي، منهنجا پرين منهنجي دل جو حصو . بلڪ قيمتي ورثو بڻجي چڪا آهن. منهنجي ابدي حياتي انهن سان وابسته آهي، منهنجيون اهي " اکيون " جيڪي، محبوب جي مشاهدي ڪان قاصر آهن. اهي، ان قابل آهن. جو ڪين ڪيڏي ۽ اڇلائي ڇڏجي_ يعني جيڪي اکيون، محبوب ڪانسواءِ ٻين ڪي محبت سان ڏسن ٿيون. اهي، دل جي اکين جي سڄاڳي جي راه ۾، رڪاوٽ آهن. ۽ محبوب ڪانسواءِ ٻين شين ۾ مصروفيت جو موجب آهن. اهڙين اکين جي مونکي ضرورت ڪانهي. بلڪ، اکيون ته ڇا، محبوب جي لاءِ آئون، هر شئي فدا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان .

كاگد كالي اكرين مٿن واچيندا اڻ وڏو
سجڻ اچين اكرين مٿن لوڙيندي لڌو.

كتابي كاغذ تي نقش ٿيل كارا اكر اهڙا آهن، جن كي آئون سولائيءَ سان پڙهي سگهان ٿو. اهڙيءَ طرح منهنجي محبوب جي پاڪ نالي وارو لفظ بہ جيڪو منهنجي دل تي نقش آهي،ان کي مون، دل تي چٽيل سيئي نقش مٽائي، پڙهڻ جي صلاحيت حاصل كئي آهي، دل جي اونهاين ۾ لكل محبوب جي هن نقش كي مون دل جو حصو بڻايو آهي، هاڻي، دل مان ٻيا سڀ نقش مٽجي ويا آهن، دل ۾ بس، محبوب جا انوار باقي بچيا آهن، هن مقصد جي لاءِ مون كي ڊگهي عرصي تائين مجاهدا كرڻا پيا، تنهن كان پوءِ وڃي اها، " سعادت عظميٰ " حاصل ٿي ـــ.

ليهان لک كيام، پسڻ كي پاٽان پرين
سوجهي سيڻ لڌام، من منهنجين ئي سپرين

محبوب جي مشاهدي جي لاءِ مون كي طويل مجاهدا كرڻا پيا، لكين مصيبتن ۽ تكليفن مان گذرڻ كانپوءِ وڃي، مون كي محبوب جي معرفت جو اهو مقام حاصل ٿيو. جتي هاڻي دل ۾، محبوب ئي محبوب وسي ٿو ـــ محبوب كانسواءِ، سڀ خواهشون ختم ٿيون، منهنجا محبوب حقيقي تہ، هميشہ كان منهنجي دل جي گهراين ۾ موجود هئا، دل كي ماديّ كثافتن كان پاک كرڻ كان پوءِ، محبوب جا انوار حسن، صاف نظر اچڻ لڳا آهن، محبوب جي وصال جي مستقل سعادت جي لاءِ مون كي، هماليہ جبل جيڏيون چوٽيون چڙهڻيون پيون، ان رستي ۾، ايڏين تكليفن مان لنگهڻو پيو جو بيان كان ٻاهر آهن.

روئي م كر پڏرو، هٿ منجهيئي حال
جان، جان پريان نہ مڙءِ، تن كاٿيءَ جيئن ٻال

ماڻهن جي سامهون روئي، پنهنجي دل جي حالت كي ظاهر نہ كر، محبوب جي راه تي، استقامت سان هلندو رهہ. جيستائين، محبوب سان



حالت وصال جو مقام نٿو حاصل ٿئي، تيستائين، " عشق جي باهہ " ۾ سڙندو رهہ ".

عارف شاعر، متوسط صوفيءَ كي نصيحت كندي چوي ٿو تہ متان، محبوب جي لاءِ انجو اضطراب ۽ بيچيني، ماڻهن جي سامهون، ظاهر ٿي وڃي، محبوب جي لاءِ جي رت جا ڳوڙها بہ ڳاڙڻا پون تہ اهو كم، اكيلائيءَ ۾ كر، ماڻهن كان، پنهنجا اندروني حالات، جيترا لكائي سگهين اوترا، لكاءِ، ڇو تہ محبوب جي ڏک كي ظاهر كرڻ ۽ ان جي راز كي كولڻ جا، فائدا گهٽ ۽ نقصان وڌيک آهن. ان سان، ماڻهن ۾ شهرت حاصل ٿئي ٿي ۽ پنهنجي ذاكر هجڻ جي دعويٰ جو خطرو لاحق ٿئي ٿو ـــ

هسئن كٽ سهجڙي روئن كي ناهين
پريان پسڻ جوڳيان، اک تو ناهين.

حيرت آهي تہ محبوب كان محرومي، انكان دوريءَ جي حالت جي باوجود تون، پنهنجي باطني حالتن تي ڏک كرڻ بدران، كلندو رهين ٿو ۽ اجايون ڳالهين ۾، وقت وڃائين ٿو. توكي تہ پنهنجي حالت تي روئڻ گهرجي، ڇو تہ تنهنجي " دل " جيكا، محبوب جي مشاهدي جي صلاحيت ركي ٿي، تون ان ( دل ) جي خاطر خواه صفائي كري، ان مان فائدو حاصل كرڻ كان غافل آهين.

پريان سندي ڳالهڙي، مر منجهين ئي هوءِ
ٻڌائين ٻين كي، كيهو كاج سريوءِ؟

محبوب جا اسرار اهڙا آهن، جنكي دل ۾ ئي رهڻ ڏجي، انهن جو ظاهر كرڻ سنو ناهي، انهن رازن كي كولڻ مان، آخر توكي ڇا ملندو؟ "

عارف شاعر، " مبتدي ۽ متوسط " صوفيءِ كي تلقين كن ٿا تہ ،"راه سلوک " ۾ هلندي، انهن كي، ٻي دنيا جا جيكي مشاهدا حاصل ٿين، القاء كشف ۽ الهام وغيره جي صورت ۾ تہ انهن كي كپي تہ انهن مشاهدن كي هو محبوب جا اسرار سمجهن، محبوب جي رازن كي ظاهر كرڻ مان، فائدي كان وڌيک، نقصان جو انديشو آهي، هكڙو وڏو نقصان تہ اهو آهي تہ،

پنهنجي بزرگيءَ جي دعويٰ پيدا ٿئي ٿي ۽ نفس جي فريب جي صورت پيدا ٿئي ٿي، پيو نقصان اهو ته. رازن جي فاش ٿيڻ سان، محبوب جي نظر ۾، سالڪ جي اها حيثيت ته هو " اعتماد جي قابل آهي، محبوب جي رازن کي راز ۾ رکي سگهي ٿو " اها باقي نٿي رهي.

وچاران وي پٽ، تون جهل ٻاهر نڪري
اسان هنجئون هٿ ڪامئن، لوسئن منجهه ٿيو.

" سالڪ " جيڪي، آتش عشق جي ڀٺيءَ ۾ سڙي رهيا آهن، اجان سندن دل جي ڀٺيءَ ۾، عشق جي باهه، پوري طرح ٻري ڪانهي، ان ڀٺيءَ جي سوراخن مان، ٻاڦ نڪرند پئي، جنهن مان لڳي پيو ته هو اجا خام آهي، هنن سوراخن کي بند ڪرڻ ڪانپوءِ ئي اها، ڀٺي ڪندن ٿي سگهندي.

مٿين بيت ۾ هن ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته، متوسط صوفيءَ کي، سڀني شين کان يڪسو ٿي، محبوب جي محبت ۾ مستغرق ٿي وڃڻ کپي، دل جي انهن سوراخن کي بند ڪرڻ گهرجي، جتان، مادي حسن ۽ مادي محبت جا اثرات، داخل ٿي رهيا آهن، شعر جي ٻئي حصي ۾ شاعر فرمائين ٿا، ته اسان جي حالت اها آهي جو محبوب جي در تي پيا آهيون، آتش عشق ۾ سڙي خاڪ ٿي رهيا آهيون.



مولانا خير محمد نظاماڻي

# منهنجي صحافت ۽ ان جا اصول

مضمونن جو هيٺيون سلسلو محمد موسيٰ ڀٽو صاحب جي مرتب ڪيل ڪتاب "تنقيدون ۽ تجويزن" مان ورتو ويو آهي جيڪو سنڌ جي ممتاز صحافي و اهل قلم مولانا خير محمد نظاماڻي صاحب جي چونڊ اخباري ايڊوٽوريل تي ٻڌل آهي. اهي اداريا مولانا موصوف، مختلف اخبارن جي ايڊيٽر جي حيثيت سان لکيا هيا. سٺ سال کن گذرڻ جي باوجود اڄ به انهن مضمونن جي اهميت موجود آهي. **( ادارو)**

" باب الاسلام " کي روزانه ٿئي ٽن مهينن کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي ۽ " باب الاسلام " جي گذريل سماهي ۾ اگرچه ڪي ناغا ۽ جبري تعطيلون به ٿيون آهن، ليڪن انهي ۾ اسان جي سستي کان وڌيڪ اسان جي مالي پريشاني ۽ " اخباري ڪاغذ جي ڪاميابي جو قصور آهي، اسان پنهنجن پيارن ناظرين ۽ قدرن دان اخبار بينن کان انهي لاءِ معافي جا خواستگار آهيون ۽ الله تعاليٰ جي حضور ۾ عرض گذار آهيون ته آئنده اخبار لاءِ اهڙو مشڪلات جو موقعو پيدا نه ڪري، جو اسين پنهنجن پرپٽ جي دوستن ۽ اخبار جي خريدارن جي اڳيان ڪاڙيارا ٿيون!

" باب الاسلام " سنڌ ۾ سياست جو هڪ نئون دروازو کوليو آهي ۽ پاڪستان جي پر ڳڻن ۾ هڪ نئين حرڪت جو بنياد رکيو آهي، اسان کي معلوم ناهي ته " باب الاسلام " جي هن ڪمزور ۽ هيٺي آواز جي صداءِ باز گشت ڪڏهن اٿي، سنڌ ۽ باقي پاڪستان ۾ گهلڻ لڳندي، ليڪن باريڪ بين انسان حالات تي هم گير نظر ڪرڻ کان پوءِ ضرور انهيءَ نتيجي تي

پهچندو تہ آئنده اسان جي وطن سنڌ ۽ پاڪستان جي سياست جو رخ يقينا انهي طرف ٿيندو جنهن طرف جو ڏس "باب الاسلام" ڏيئي رهي آهي.

سنڌ ۽ پاڪستان جي باقي پرڳڻن ۾ هيلتائين جيڪا حرڪت هلي رهي هئي ۽ مسلمانن جي هندن سان ملڪ ۾ مناسب پائيواري حاصل ڪرڻ جي لڙائي هئي، جڻ تہ مسلمانن اجا تائين اڳتي وڌي، سياست جي ميدان ۾ پير ڪو نہ پاتو هو. ليڪن هن وقت جيڪي حالتون پيدا ٿي رهيون آهن، سي مسلمانن کي مجبور ڪنديون تہ هو سياست ۾ خاص ڪري انقلابي سياست جي ميدان ۾ قدم رکن، مسلمانن جا اصحاب نظر طبقا ٻن حصن ۾ ورهايل هئا. هڪڙا اهي جن جي نگاهہ هندستاني سياست کان وڌي، تمام اسلامي دنيا جي انگريزي مقبوضات جي آزادي ڏانهن هئي ۽ انهن جڏهن اڪثر اسلامي ممالڪ جي غلامي ۽ نيم غلامي جي اسباب تي غور ڪيو ٿي يا خود هندستان جي مسلمانن جي تباهي ۽ بربادي ڏانهن نهاريو ٿي، تڏهن انهن مسلمانن کي مارڻ ۽ برباد ڪرڻ جو ڏوهاري اڪيلو انگريز کي ٿي ڏٺو ۽ مقامي طرح مسلمانن هندن جي لتن ۾ لتاڙائڻ جو مجرم بہ انگريزي سياست کي سمجهيائون ٿي ۽ بس!

اهوئي سبب آهي، جو انهن انگريزي سياست سان مقابلي ڪرڻ ۽ انگريز کي هندستان مان ڪڍڻ کي سيني ڳالهين تي ترجيح ٿي ڏني ۽ هنن جي اها ديانتدارنہ راءِ هئي ۽ انهي ۾ هنن جي بدنيتي جو ذرو بہ دخل ڪونہ هو هنن جو انگريز جي مقابلي ۾ هندن سان تعاون بہ انهي نيت ۽ انهي مقصد جي ماتحت هو ۽ انهي طبقي تي هندو پرستي يا هندو غلامي جي تهمت رکڻ، مسلمانن جي هڪ بهترين طبقي سان بي انصافي ۽ ظلم آهي، جنجي قربانين ۽ ايثار جو دوست ۽ دشمن کي اقرار آهي.

ٻي پارٽي جيڪا مقامي هندن جي زيادتين کان تنگ هئي، انهن جي نگاه مسلمانن جي بين الاقوامي مصيبتن ۽ انگريز جي اسلامي دنيا سان زيادتين ۽ مسلمان ملڪن کي غلامي ۽ نيم غلام بنائي رکڻ ڏانهن بلڪل



ڪانہ هئي، بلڪ انهن جي تنگ نظر هيڏانهن بہ ڪانہ ٿي وئي تہ ڪو هندستان جي غلامي ۽ مسلمانن کان هندستان کسڻ ۽ مسلمانن کي هندستان ۾ هندو جي پيرن ۾ اڇلڻ جي ساري ذمہ داري بہ خود انگريز تي آهي ۽ بس!

انهي طبقي جي احساس جي حالت، هڪ کوهہ جي ڏيڏر وانگر هئي، جنهن کي فقط کوهہ جي دنيا جي ئي خبر آهي ۽ بس!

انهن ماڻهن کي هندستان کان ٻاهر جي مسئلن سان ذور بہ دلچسپي ڪانہ هئي ۽ انگريزي راج ۽ انگريزي تسلط جي پرواهہ بلڪل ڪانہ هئي، بلڪ انهن جو هندستان جي گذريل تاريخ ۽ انگريز جي مسلمانن کي برباد ڪرڻ جي مسلسل ۽ ڪامياب مهم ڏانهن بہ ذور توجهہ ڪونہ هو. بلڪ انهن کي اها بہ خبر نہ هئي تہ هندن جي طرفان جيڪڏهن مسلمانن کي اقتصادي ميدان ۾ ڪيرائڻ جون اڳرائيون ٿيون آهن تہ انهن جي پوئتان ڪهڙو هٿ ڪم ڪري رهيو آهي! انهن جي سامهون فقط هندو هو ۽ هندن جون سياسي ڪوششون هيون ۽ انهن جي ڪاميابي جي نتيجي ۾ مسلمانن جي بربادي جو خطرو هو ۽ بس !

انگريز جي سياست جي اهائي تقاضا هئي تہ مسلمانن جي هندو کان خطري واري حس کي تيز ڪجي تہ هو انگريز جي خلاف هلندڙ حرڪت ۾ هندن سان شامل ٿي، انگريز لاءِ مصيبت جو باعث نہ ٿين. بلڪ انگريز جي عداوت جو گهٽو حصو جو کين آباءُ اجداد کان ورثي ۾ مليو آهي،سو ختم ٿي وڃي ۽ مسلمان سيني طرفن کان اکيون پوري فقط "هندو خطري" کان نجات جون ڳٽتيون ڪائيندو گهمي ۽ بس!

انگريز پنهنجي پروپيگنڊا مشينري ۽ نفاق انگيز پاليسي جي ذريعي سان انهي ۾ ڪامياب ٿيو آهي ۽ پنهنجي بلا. هندو جي ڳچي ۾ وجهي بلڪل مطمئن ۽ بي فڪر ٿي چڪو آهي ۽ بس!

جيڪڏهن هن وقت، پهريون طبقو ڪامياب ٿئي ها ۽ هندو ۽ مسلمان هڪ ٿي، انگريز کي هندستان مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ها ته پوءِ هن وقت اسان جي سياست جو رخ ٻي طرف هجي ها ۽ هن وقت اسان هندو کان مال غنيمت مان مسلمانن جو پورو حصو ونڊڻ ۾ مشغول هجون ها ۽ اسان کي يقين آهي ته آزادي پسند عنصر، جو ڪنهن خاص غرض ۽ اسلامي مصلحت خاطر انگريز جي مقابلي ۾ هندو، سان تعاون ڪري رهيو هو . سو هندو جي ناحق شناسي جي حالت ۾ اڄ ضرور ساڻس سينه سپر ۽ مد مقابل نظر اچي ها. ليڪن هن وقت جڏهن ته ميدان ٻي پارٽي ماريو آهي ۽ انگريز جي هندستان ڇڏڻ کان اڳ هندستان ٻن قومن ۽ ٻن ايراضين ۾ هندو ۽ مسلمان جي نالي سان تقسيم ٿي رهيو آهي، تڏهن اسانجي سياست جو رخ ۽ اسانجي جنگ جو منهن، انگريز ڏانهن آهي. چاڪاڻ ته هندستان جي تقسيم ۽ پاڪستان يا گروپنگ جي تقسيم ڪانپوءِ هندو مسلمان جو جهڳڙو ختم آهي، پوءِ فقط انهي لاءِ لڙائي ڏيڻي پوندي ته. اسان انگريز کان بي نياز ٿيون ۽ انگريز کي پنهنجي ملڪ ۾ ڪنهن به قيمت تي وهڻ نه ڏيون.

بس " باب الاسلام " جو مقصد فقط اهو آهي ۽ مسلمانن کي هندن سان، سول سوٽ مان آزاد ٿيڻ ۽ " حقوق طلبي " کان نجات حاصل ڪرڻ کان پوءِ سياست جي ميدان ۾ آڻڻ آهن، چاڪاڻ ته موجوده حالتن ۾ مسلمانن جي سياست جي تحريڪ هينئر شروع ٿيڻي آهي، جڏهن مسلمان ساري جا سارا انگريز ڏانهن منهن ڪري ڪيس تکن لفظن ۽ خطرناڪ لهجي ۾ " ڪئيٽ پاڪستان " چوندا.

اسان محترم جي_ ايم _ سيد سان چار ڳالهيون ڪندي، جيڪي اڄڪلهه مضمون لکيا آهن، انهن ۾ ڪافي بصيرت جو سرمايو موجود آهي، اسانکي يقين آهي ته " باب الاسلام " جي قدردان ناظرين نهايت سنجيدگي ۽ ڪامل غور ۽ تدبر سان انهن جو مطالعو ڪيو هوندو !



انهي ڪانپوءِ اسان پنهنجنن پرپٽ جي دوستن ۽ قدردان محبن کي نهايت دلسوزي سان اپيل ڪنداسون ته هو اسانکي ۽ اسان جي نماڻي آواز " باب الاسلام " کي اڪيلو نه ڇڏين، بلڪ " باب الاسلام " پاڪستان جي آزادي ۽ ڪامل خود مختاري ۽ انگريزي اثر و رسوخ جي بربادي لاءِ جيڪا مهم چالو ڪئي آهي ۽ جيڪو آواز اٿاريو آهي، تنهن کي موثر، قوي ۽ ڪامياب بنائڻ ۾ اسان جو ساٿ ڏين.! دوستو! خدا اوهان جو مددگار هجي!

( روزانه باب الاسلام 1 جون 1947 )

## باب الاسلام جو آئيندو !

روزانه " باب الاسلام " جو جيڪو ڪم ڪري رهي، آهي سو اوهان جي اکين اڳيان آهي. اسان پنهنجي هن ٿورڙي وقت ۾ " مسلم سياست " کي صحيح رستي تي لڳائڻ ۽ "مسلم سياست " کي انگريز جي پيچ مان ڪڍي، هڪ آزاد سياست بنائڻ لاءِ جيڪا ڪوشش ورتي آهي، سا اوهان جي سامهون آهي. اهڙي طرح صوبي جي سرڪار، جنهن انڌ تي هلي رهي آهي، انهي جا پرخچا اڏائڻ ۽ پبلڪ جي پڪارن ۽ دانهن کي طاقت ڏيئي، عملدار شاهي جي ڪنن تي پهچائڻ ۾ " باب الاسلام " جنهن جرات، بي ريائي ۽ بي خوفي جو اظهار ڪري رهي آهي، اهو به ڪنهن کان مخفي ناهي.

هن وقت اگرچه سنڌ جي مسلمانن تي مسلم ليگ جو جادو آهي ۽ مسلمانن جي اڪثريت مسلم ليگ جي پروگرام جي پوئيان آهي، ليڪن وقت اچي پيو ، جڏهن مسلمان، مسلم ليگ جي پيش ڪيل سياست کان نااميد ٿي، مسلمان جي سچي سياست ۽ حقيقي پاليٽيڪس جي تلاش ۾ نڪرندا ۽ انهي وقت هو مجبور ٿيندا ته هو " باب الاسلام " جي پيش ڪيل پروگرام تي هلن ۽ " باب الاسلام " جي ڏسيل رستي کي اختيار ڪن ۽ انگريز سان تعاون ۽ دوستي جي بدران انگريز سان لڙائي ۽ مخالفت جو رستو اختيار ڪن .

اسان کي يقين آهي تہ هن ٿورڙي وقت ۾ ” باب الاسلام“ مسلمانن جي هڪ چڱي طبقي ۾ سياسي بصيرت ۽ حريت پروري جي روح کي جاڳايو آهي ۽ مسلمانن جو سمجهدار طبقو ليگي سياست مان پيدا ٿيل غلط نتيجن ۽ نقصانڪار اثرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ نهايت تيزي سان تيار ٿي رهيو آهي ۽ اسان وٽ روزانہ جيڪا ٽپال پهچي رهي آهي، انهي مان صاف معلوم ٿي رهيو آهي تہ مسلمانن جو زنده دل، غيرت مند، جوشيلو ۽ هوشيلو طبقو هڪ هڪ ٿي، باب الاسلام جي سڏ تي گڏ ٿي رهيو آهي ۽ باب الاسلام جي پيغام سان گهري دلچسپي وٺي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن خدا گهريو تہ اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ” باب الاسلام “ جو موثر ۽ دردناڪ آواز جو دل جي گهراين مان نڪري رهيو آهي، سو هٽي هنڌ ڪندو ۽ هڪ اهڙي انقلابي جماعت عمل جي ميدان ۾ آڻيندو ، جا انگريزي سياست جي عمارت کي تهہ و بالا ڪري ڇڏيندي ۽ انهي جي عيوض ملڪ تي اهڙي سياست کي غالب ڪندي، جا مسلمانن جي مستقبل کي چمڪائي ڇڏيندي.

ليڪن ” باب الاسلام “ جو هي انقلابي پيغام ۽ حريت وارو آواز جنهن وسعت ۽ قوت سان دور دراز هنڌن تي پهچڻ گهرجي، تنهن وسعت ۽ قوت سان اجا تائين پهچائي نہ سگهيا آهيون، انهي ۾ اسان سان گڏ اسان جا دوست ۽ همدرد بہ هڪ جهڙا قصور وار آهن، جن ”باب الاسلام “ جي اشاعت تي اجا تائين پورو ڌيان نہ ڏنو آهي ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ” باب الاسلام “ کي پهچائڻ لاءِ پورو زور خرچ نہ ڪيو آهي، بلڪ اسان نهايت ڏک ۽ ارمان سان پنهنجن پيارن دوستن ۽ ” باب الاسلام “ جي قدر دانن تي هي ميار ٿا رکون تہ هنن انقلاب جي هن آواز ۽ قوم کي سر بلند ڪرڻ جي هن پيغام کي پکيڙڻ ڏانهن هڪ معمولي توجهہ بہ نہ ڏنو آهي!

جيڪڏهن اسان جا دوست ايتري قدر سست آهن، جو فقط اسان کي شاباسن ڏيڻ ۽ واه واه ڪرڻ تي اڪتفا ڪن ٿا ۽ اخبار جي اشاعت ۾ ڪا عملي ڪوشش ڪرڻ لاءِ سرگرم نٿا ٿين تہ پوءِ ڪين يقين رکڻ گهرجي



تہ ”باب الاسلام “ جلد سندن اميد کي پورو ڪري سگهي يا مسلمانن جي انقلابي سياست لاءِ ترت ڪو ميدان تيار ڪري سگهي، سو مشڪل آهي بلڪ عين ممڪن آهي جو ” باب الاسلام “ خريدارن ۽ همدردن جي سرد مهري سبب زماني جي لهرن لوڏن جو مقابلو نہ ڪري سگهي ۽ قوم کي ڪنهن عزت واري منزل تي پهچائڻ کان اڳ پاڻ ئي ” راهي عدم“ ٿي وڃي !

اسان نهايت دلسوزي ۽ درد مندي سان پنهنجي پر پٺ جي دوستن ۽ ”باب الاسلام“ جي قدردان محبن کي اپيل ٿا ڪريون تہ دوستو! هي ويل وهڻ جي ناهي، باب الاسلام جي هڪ هڪ خريدار، قدردان ۽ شائق جو فرض آهي تہ اهو جيترا بہ گهٽي ۾ گهٽا خريدار پئدا ڪري سگهي، سي ڪري ۽ گهٽ ۾ گهٽ هر خريدار تي لازم آهي تہ هو ڏهہ ٻيا بہ خريدار پيدا ڪري ۽ اسان جي دوستن، همدردن ۽ رفيق ڪارن تي تہ اجا انهي کان بہ وڌيڪ فرض آهي! جيڪڏهن ” باب الاسلام “ جا خريدار اسان جا دوست ۽ همدرد همت جو سندرو ٻڌي بيهن تہ سندن اڳيان ڪجهہ بہ مشڪل ناهي ۽ سندن ڪوششون اهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهن ٿيون، جو اخبار جي مالي مشڪلات حل ٿي وڃڻ سان گڏ، اخبار سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي سگهي ۽ ” باب الاسلام “ جي جاري ڪرڻ مان جو مقصد مطلوب آهي، تنهن تي اسان جي قوم جو قافلو نهايت جلدي پهچي سگهي !

ڪو آهي جو اسانجي هن نماڻي آواز ڏانهن ڌيان ڏي ۽ باب الاسلام کي مالي مشڪلات مان ڇڏائڻ لاءِ اسان جي هٿ ۾ هٿ ڏي؟ خدا سچن جو ساٿي آهي. (روزانہ باب الاسلام 4 جون 1947ء)

## مڙئي مون ڏانهن !

جن ماڻهن جو پريس ۽ اخبار جي دنيا سان فقط پري جو واسطو ۽ دور جو تعلق آهي، سي سمجهندا هوندا تہ هي اخبارن وارا خوب ڪمائين ٿا ۽ لٽين ٿا. ليڪن جن ماڻهن جو اخباري دنيا سان ڳوڙهو ناطو ۽ ويجهو تعلق آهي

سي چڱي طرح ڄاڻن ٿا تہ هڪ ايمانداار اخبار نويس لاءِ ڪيڏي نہ مشڪلات آهي ۽ هڪ سچائي ۽ ديانت داري جي راه تي هلندڙ اخبار کي ڪهڙين نہ تڪليفن ۽ مالي پريشانين جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو باب الاسلام جهڙي خشڪ مذهبي اخبار جنهن ۾ ٻيو تہ درڪنار پر سينيما جي اشتهار کي بہ اسلامي شان جي خلاف سمجهي جاءِ نہ ڏني وڃي، سا ڪهڙي طرح ٽڳندي هوندي، اهو اسانکي معلوم!

غريبن جي همدرد هجڻ ڪري، دولتمند ۽ جاگيردار طبقو خلاف، وزيرن ۽ سندن چاڙتن جي ڍنڍورچيءَ حڪومت جو چاپلوسي نہ هجڻ ڪري ساري سرڪاري دنيا ۽ سڀ سرڪاري حلقا خلاف. اهڙي حالت ۾ هڪ غريباڻي اخبار ڪهڙي طرح ساهہ کڻي رهي آهي، انهي جي اسان کي خبر!

باب الاسلام جي قيمت هڪ ٽڪو آهي، انهي ٽڪي مان هڪ پئسي جي ٽڪلي هڻجي ٿي ۽ باقي هڪ پيسي ۾ ڪاغذ. ڪمپوز. ڇپائي، ايڊيٽوريل اسٽاف ۽ مئنيجنگ جو خرچ آهي.

ڇا اهو هڪ پئسو انهن سڀ لاءِ ڪافي آهي؟ نہ هرگز نہ . بلڪ اسان ڇهہ سئو روپيا هر ماه وڌيڪ خرچ ڪري باب الاسلام جو گاڏو گهلي رهيا آهيون ۽ هيلتائين ٽن هزارن کان بہ وڌيڪ رپيا باب الاسلام جي بلي خرچ ٿي رهيا آهن، جيڪي دوستن کان قرض کڻي انهي اوڙاهہ ۾ هنيا ويا آهن.

اسان جي انهي مجبوري ۽ لاچاري جي باوجود جيڪڏهن ڪي دوست باب الاسلام جي بي قاعدگي کان ناراض آهن تہ اسان انهن جي انهي ناراضگي تي هرگز رنج ناهيون، ڇاڪاڻ تہ انهن کي هر ڪو حق آهي تہ هو اسان کان پهنجي وعدي جي مطابق حساب چڪي وٺن!

اسان جي خريدار دوستن کي شايد گمان آهي تہ ڪائنٺ سال جو چندو وٺي سال ۾ اڌو گابرو عرصو اخبار بند رکي، ساري سال جو حساب چڪائي ڇڏيندااسون، سو اسان پنهنجن دوستن کي ٻڌايون ٿا تہ ڪين انهي غلط فهمي



۾ نہ رهڻ گهرجي، ڪي اخبارن وارا برابر ايئن بہ ڪندا هوندا. ليڪن اسان اهڙي قسم جي دغابازي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون.

هڪ روزاني اخبار آچر ۽ سال جا موڪل جا ڏينهن ڪاٽي سال ۾ ٽي سو پرچا مس ڪڍي ٿي، جنهن ڪري جن صاحبن ٻارهن روپيہ موڪليا آهن، تن کي انهن پئسن ۾ ضرور ٽي سئو پرچا پهچائي ڏينداسون_ پوءِ کڻي اهي اسان جي غربت ۽ ناداري ڪري، سال جي بدران سوا سال ۾ پهچن ۽ انهي کان اڳ نئين چندي جي تقاضا نہ ڪنداسون ۽ اهڙي طرح ڇهن مهينن وارن کي ڏيڍ سئو ۽ ٽن مهينن وارن کي سئو سئو پوري جو پورو ملندو. يعني، باب الاسلام جن خريدارن کي اخبار جو سال مهينن ۽ ڏينهن ۾ سنڀالڻ گهرجي ۽ ڪين ياد ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ سندن اخبار ڪهڙي نمبر کان شروع ٿي ۽ ڪهڙي نمبر تي هلي پوري ٿي.

بس انهي صفائي ۽ وضاحت کان پوءِ اخبار جي بي قاعدگي جي ڪري اسانجي دوستن کي جيڪو شڪ جاڳي ٿو . سو دور ٿي ويندو هوندو. اسان جي غريباڻي اخبار کي سندس قصور. مجبوري ۽ ناداري کلي دل سان معاف ڪري ڇڏيندا ۽ اسان کي ڇڏيندا تہ اسين پنهنجي حال مطابق ڪاغذ جا هي نا چيز چار صفحا سندن خدمت ۾ پيش ڪندا رهون.

باب الاسلام هن وقت پاڪستان ۾ " اسلامي آئين " ۽ " قرآني دستور حڪومت "جاري ڪرائڻ لاءِ هڪ عظيم الشان مهم شروع ڪئي آهي، تنهن ڪري هن وقت دوستن جو فرض آهي تہ هو هن حق جي آواز کي زوردار بنائڻ لاءِ هنجو دائرو وسيع ڪن ۽ دل کولي خريدارن جي مدد ڏين تہ باب الاسلام جو آواز ۽ " قرآني آئين" جي تحريڪ جهر جهنگ ۾ پهچي وڃي، ٻي صورت ۾ اسان تہ پنهنجن ڪمزور ذريعن ڪري فقط ايترو ڪجهہ ڪري سگهون ٿا بس!

ڇا اسلامي حڪومت جا شائق ۽ باب الاسلام جي ڪوشش جا قدر دان ايترو ڪري سگهن ٿا. جو باب الاسلام سنڌ جي پنجويهه هزار ڳوٺڙن ۽ چاليهه هزار بستين ۾ اسلام جو هي آواز پهچائي سگهجي؟

# تعارف!

اخبار جي سر ورق تي ”عوام“ جو لفظ ڏسي ممڪن آهي ته ڪن ماڻهن کي گمان ٿئي ته هي اخبار مسٽرسهروردي جي ” عوامي ليگ “ جو آله ڪار اهي، تنهن ڪري انهي غلط فهمي کي دور ڪرڻ لاءِ اسان اعلان ٿا ڪريون ته اسان جو عوامي ليگ سان ڪو به واسطو ناهي. نه فقط ايترو بلڪ روزانه ”عوام“جي ملڪ جي ڪنهن به اهڙي سياسي پارٽي سان دلچسپي ناهي، جنهن جو مقصد ماڻهن جي خدمت بدران حصول اقتدار آهي. اسان جو موجوده اسيمبلين ۾ ڪو به اعتماد ناهي، ڇاڪاڻ ته انهن جا انتخابات ڪنهن آزاد ماحول ۾، ڪن اصولن کي سامهون رکي نه ڪرايا ويا آهن. بلڪ گذريل چونڊون جن جي نتيجي ۾ هي اسيمبليون وجود ۾ آيون آهن، سراسر غير جمهوري طريقي تي ڪرايون ويون هيون.

ڪنهن کي خبر ناهي ته گذريل چونڊون عملداري دٻڙ دونس ”زور ٻهينڪ تماشا ديکهه “ ۽ عوام جي جذبات سان ناجائز راند ذريعي ڪرايون ويون هيون ۽ اهڙي قسم جي ”انتخاب“ کي جمهوري نقطه نظر سان ڪنهن به صورت ۾ انتخاب جو نالو نٿو ڏيئيس سگهجي جڏهن ته موجوده اسيمبلين جا تمام ميمبر صاحبان انهي قسم جي هٿيارن سان ”فتحيات“ ٿيا آهن، تڏهن ڪهڙي طرح چئي سگهجي ٿو ته اهي ميمبر صاحب پنهنجي تڪ جا عيوضي آهن يا موجوده اسيمبليون ملڪ جون نمائنده جماعتون آهن. جڏهن ته حال اهو آهي، رڳون سڀ ڪاريو ٿيون آهن ۽اين خانه تمام آفتاب آسمان تڏهن ڪهڙي طرح سان چئي سگهجي ٿو ته انهن جي وزارت نه ڪپي ۽ ملن جي ڪپي، ٿوه سڀ ڪڙا آهن. پوءِ انهن جو رنگ سائون هجي يا زردو.



مطلب ته روزانه ” عوام “ جو وزارتن جي ٺاهه ۽ ڊاهه ۽ ميمبرن جي باهمي اختلافن ۽ نعري بازي سان ڪو به واسطو ناهي، پوءِ چاهي اهو اختلاف صوبي ۾ هجي يا مرڪز ۾،ڇاڪاڻ ته سڀ هڪ ئي قسم جا ”قوم جا نمائنده“ آهن ۽ اسان وٽ ڪابه اهڙي ڪسوٽي ناهي، جنهن سان پرکي سگهون ته هي هن کان بهتر آهي.

اسان جي وزارتن جي متعلق هي پاليسي آهي ته هر وزارت کي ” جڙي کي جس“ چئجي، ان کان عوام کي وڌ ۾ وڌ فائدي وٺي ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ جيڪڏهن وزارت عوام جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ ماتحتن تان اهنج دفع ڪرڻ ڏانهن مناسب توجهه نه ڏي ته ان تي نڪته چيني ڪري، عوام کي پنهنجي حاڪمن جي بي راه روي کان آگاه ڪن. ليڪن اسان جي اها نڪته چيني ڪنهن پوشيده مقصد جي حصول ۽ ڪنهن نئين وزارت جي قيام لاءِ نه هوندي، بلڪ عوام کي اهڙي قسم جي ماڻهن کي آئنده لاءِ قومي سياست مان قطعا خارج ڪرائڻ لاءِ هوندي ۽ بس!

اسان جو سڀ کان وڏو مطالبو پنهنجي حڪومت کان ” امن ۽ انصاف “ جو آهي، ڇاڪاڻ ته حڪومت قائم ڪرڻ جو پهريون مقصد ڪمزورن، هيٺن ۽ بي بسن کي طاقت ورن ۽ ظالمن جي ظلمن ۽ زيادتين کان جلد ۾ جلد بچائڻ آهي.

جيڪڏهن ڪا به حڪومت پنهنجو اهو بنيادي فرض پورو نٿي ڪري ۽ ماڻهن کي امن ۽ انصاف نٿي ڏياري ته اها حڪومت ڪنهن به صورت ۾ حڪومت سڏائڻ جي لائق ناهي، بلڪ اها حڪومت ۽ اهو راج خود رهزنن ۽ ڌاڙيلن جو ناجائز تسلط ۽ قبضو آهي، جي پنهنجي طاقت جي زور تي ڍلن ۽ محصولن جي شڪل ۾ پئسا ڦري، پاڻ ته الفليون ڪن ٿا موجوده ماڻين ٿا ليڪن عوام جي مشڪلات لاهڻ ڏانهن ڪو به ڌيان نٿا ڏين ۽ مظلومن کي ظالمن ۽ ڪمزورن کي زور آورن جي رحم تي ڇڏي ڏين ٿا. انهي کان به وڌيڪ بڇڙي اها حڪومت آهي، جنهن جي حاڪمن ۽ وزيرن يا مٿ مائٹ،

دوست يار ۽ ورڪر ۽ ايجنٽ هٿ وٺي، ماڻهن تي ظلم ۽ زيادتيون ڪن ٿا ۽ حاڪم ۽ وزير پنهنجي ماڻهن جي خلاف قدم کڻڻ جي بجاءِ انهن جي مدد ڪن.

اهڙي قسم جا ” بي پرواه بادشاه “ جنهن ملڪ جا حڪمران ٿي ويندا اتي ضرور ” تنگ آيد بجنگ آيد “ جي مقبولي وانگر ماڻهن جي صبر جو پيالو لبريز ٿي ويندو ۽ خلق ظلم جي عذاب کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ خون جو غسل ڪندي، اسين پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي لاءِ ڪنهن اهڙي حالت نمودار ٿيڻ کان الله جي پناه گهرڻ کان پوءِ پنهنجن حاڪمن کي ادب سان عرض ٿا ڪريون ته اسانجي ملڪ اندر به ڪي اهڙي قسم جا رهزن ماڻهو مٿو ڪڍي رهيا آهن ۽ وزيرن ۽ عملدارن جي ڏاڍ تي خلق تي دست درازيون ڪري رهيا آهن. اهڙي قسم جي موذي ماڻهن جو هينئر کان ئي مٿو نه چيپيو ويو ته پوءِ اهو عرض عام ٿي ويندو ۽ انهي جي قرآني نتيجي کان اسين پاڻ کي بچائي سگهون، اهو نا ممڪن آهي.

اسان جي مٿئين لکڻ مان توهان سمجهي ويا هوندا ته روزنانه ”عوام“ نه ڪنهن سياسي پارٽي جي آرگن آهي ۽ نه ڪنهن وڏي ماڻهو جو آلهٔ ڪار. هي غريبن ۽ مظلومن جي ترجمان آهي ۽ سنڌ جي انهن لکن گگدامن جو آواز آهي، جن تي طاقتور ۽ شرير انسان ڪامورن جي معرفت ظلم جا جبل ڪيرائي رهيا آهن. هي انهن بي زبانن جي خاموش فرياد جي بازگشت آهي، جيڪي نه پنهنجي ظالم جو مقابلو ڪري سگهن ٿا ۽ نڪي پنهنجي مظلوميت جي دانهن ڪنهنجي در تي ڪڻي وڃڻ جي همت رکن ٿا. جيڪي وڏي ۾ وڏي مصيبت تي اکين ۾ آب آڻي، آسمان ڏانهن اکيون ڪري آسمان واري سان پنهنجي غم جي ڪهاڻي ۽ مظلوميت جو داستان دل ئي دل ۾ اورين ٿا! (روزانه ”عوام“ حيدرآباد 14 آڪٽومبر 1950ع)



محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

ٻي قسط

# نفس ۽ ماديت خلاف جنگ ۾ ذڪر جو ڪردار

### مبتدي طالب کي مشڪلات ۾ حوصلي کان ڪم وٺڻ جي ضرورت

ذڪر جي راهه اهڙي آهي، جنهن ۾ نفس جون ڪيئي قوتون رنڊڪ آهن. لاشعور ۾ موجود خيالات جون طوفاني لهرون به ان راهه ۾ قدم قدم تي رڪاوٽ بڻبيون آهن. مادي دنيا جا بداثرات ۽ نفس پرست ۽ مادي پرست ماڻهن جون طاقتور منفي شعاعون به ان راهه کي دشوار بڻائي ڇڏين ٿيون. انهن حالتن ۾ مُبتدي طالب ڪافي عرصي تائين حالات جي دٻاءَ ۾ رهندو آهي ۽ سندس ڪيفيتون هيٺ مٿي ٿينديون رهن ٿيون. هو ذڪر لاءِ آمادگي ۽ ان ۾ آسانيءَ لاءِ سِڪندو آهي. اها شيءِ ڪيس قيل قال ۽ مايوسي ڏانهن ڇڪي وڃڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي. ڪيس اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته ڪنهن به شعبي جي علم ۽ فن يا ڪاروبار ۾ ترقيءَ لاءِ ورهين تائين جدوجهد ڪرڻي پوندي آهي ۽ صبر آزمائيندڙ حالتن مان گذرڻو پوندو آهي. اهڙي طرح الله جي سنت اها آهي ته دل مان ذڪر جاري ٿيڻ لاءِ مستقل مزاجيءَ سان ان راهه ۾ هلڻو پوندو آهي، ٻي صُورت ۾ طالب لاءِ خسارو ئي خسارو آهي.

### صاحبِ ذڪر کي حاصل ٿيندڙ نعمتون

صاحب ذڪر کي هن دنيا ۾ جيڪي نعمتون عطا ڪيون وڃن ٿيون، اهي تمام گهڻيون آهن. استغنا جي نعمت آهي، رضا باالقضا جي نعمت آهي، تفڪر جي نعمت آهي، درد دل جي نعمت آهي، دين جي مظلوميت جي احساس ۽ ان ڏس ۾ پنهنجن صلاحيتن آهر پنهنجون ذميداريون ادا ڪرڻ جي نعمت وغيره.

## ذڪر کان محروم دانشورن جي دانش تي عقل جو ماتم ڪرڻ

اهڙا دانشور جن کي معاشي خوشحالي، دنيا جهان جي معلومات جي حصول ۾ تقريبات ۾ شرڪت لاءِ تہ وڏو وقت آهي،پر محبوب حقيقيءَ لاءِ دل جي گهراين سان پنڊرنهن ويهہ منٽ بہ وقت ناهي، اهڙن دانشورن جي دانش تي افسوس آهي، ڇاڪاڻ جو سڀ کان وڏي محسن ذات لاءِ اڪيلائيءَ ۾ رابطو ۾ ان جي ساٿ لاءِ طلب جو نہ هئڻ اها دانش جي توهين آهي.

## انساني شخصيت جي تعمير ۾ اسم ذات جي ذڪر جو ڪردار

انساني شخصيت جي صحيح ۽ فطري سطح تي تعمير ۾ اسم ذات جو ڪثرت سان ذڪر اهم ڪردار ادا ڪري ٿو . هي ذڪر فرد جي اندر موجود سيني جذبن جي تشفي ۽ تسڪين جو سبب بڻجي ٿو. ان ذڪر جي اهميت ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي تہ انسانيت جي سرتاج حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ورهين تائين تہ غار حرا ۾ اهو ئي ذڪر ڪندا رهيا ۽ مٿن ان ذڪر، خلوت نشينيءَ جو اهڙو رنگ غالب ڪري ڇڏيو هو . جو هڪ هڪ هفتي جي غذا، ڪارڪون ۽ پاڻي ساڻ کڻي ويندا هئا ۽ اسم ذات جي ذڪر ذريعي محبوب حقيقيءَ سان قرب جون منزلون طئہ فرمائيندا هئا. قلبي ذڪر جي ان محويت دوران ئي مٿن وحي نازل ٿي.

## اسم ذات جي ذڪر جون ڪجھ خاصيتون

الله جي اسم ذات جي ذڪر جون خصوصيتون ايتريون گهڻيون آهن جو بيان ڪرڻ انساني سگهہ کان ٻاهر آهي. ڪائنات جي خالق هستي، ڪائنات جي ساري حسن جي مرڪز هستيءِ جو اسم ذات پنهنجي اندر جيڪي تجليات رکي ٿو. ان سان فرد ۾ هڪ نئين شخصيت وجود ۾ اچي ٿي، جيڪا انسانن لاءِ شفيق هوندي آهي. اهڙي شخصيت انسانن جي درد کي پنهنجو درد سمجهندي آهي. ان ذڪر کان محرومي فرد جي باطن کي اونداهو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ دل جو ڪنور بڻائي ڇڏيندي آهي. ڪنهن درپيش صحيح ڇيو آهي تہ قرآن شريف الله جي اسم ذات جو تفصيل آهي، جڏهن تہ الله، ان قرآن جو اجمال آهي.



قرآن جو روح الله جو اسم ذات ئي آهي، ان اسم ذات جي ذڪر ڪندو رهڻ سان قرآن ۾ موجود نور تائين رسائي ٿيڻ لڳندي آهي، ان جي واضح علامت هيءَ آهي تہ اهو ذڪر ڪندڙ شخصيت محبوب حقيقيءَ لاءِ دل ۽ جان سان فدا ٿيڻ لڳندي آهي. قرآن ۾ ڏنل احڪام تي عمل پيرا ٿيڻ بابت اها شخصيت سيني کان اڳتي هوندي آهي، هن لاءِ اسلامي شريعت، حلاوت بڻجي ويندي آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن سان عشق جي حد تائين محبت سندس وظيفو بڻجي ويندو آهي.

اسم ذات جو ذڪر، فرد کي مادي دنيا کان بُلند ڪرڻ ۾ بہ بي مثال ڪردار ڪندو آهي. اهڙو شخص بظاهر توڙي مادي ۽ مالي اعتبار کان هٿين خالي ڇو نہ هجي، ظاهري علم ۽ دانش جي لحاظ کان پلي گهٽ هجي، پر هو صبر، شڪر، خود داري ۽ خود اعتمادي، باطني خوشي ۽ لذت ۽ معرفت جي بلند مقام تي فائز هوندو آهي. جتي ڪيس مادي غلاظتن ۾ ڦاٿل انسانيت جي بُري حالت ترس کائڻ تي مجبور ڪندي آهي ۽ انسانيت کي حيوانيت جي سطح تي ڏسي، هو درد ۾ بي قرار ۽ بي چين ٿي ويندو آهي. هن کي اهو غم پيو کائيندو آهي تہ محبوب حقيقيءَ جي ذڪر کان محروم ٿي، انسانيت هن دنيا ۾ بہ ڏکن ۽ غمن ۾ آهي تہ آخرت ۾ بہ سندس اهو دردناڪ انجام ٿيندو. انسانيت جو هي الميو اهڙو آهي، جو سندس دل کي غمگين ڪري ڇڏيندو آهي.

## اسان جي ملت جو الميو

الله جي محبت جي بنياد تي تعليم ۽ تربيت جي ادارن جو نهڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، بدقسمتيءَ سان اسان وٽ اهڙا علمي ادارا بہ نہ هئڻ جي برابر آهن. جيڪي ماديت پرستي جي تهذيب ۽ ان جي فڪري ۽ علمي بنيادن کي لوڏڻ، نوجوان نسل ۾ ان جي مرعوبيت کي ختم ڪرڻ، اسلام تي سندن اعتماد بحال ڪرڻ ۽ الله جي ذڪر ۽ محبت کي انساني فطرت جو سڀ کان طاقتور جذبو ثابت ڪرڻ جو لٽريچر تيار ڪري، وڏي پئماني تي ڦهلائن ۽ ملڪ جي ذهين ماڻهن کي ان طاقتور فڪر کان آشنا ڪن. ان ڏس ۾

ڊاڪٽر محمد رفيع الدين هڪ طاقتور فڪري اثاثو تيار ڪيو آهي، ليڪن بدقسمتيءَ سان هن جي فڪر کي ڦهلائڻ لاءِ ملڪ ۾ ٻه چار ماڻهو به تيار ناهن. حالانڪ اسان وٽ لکين ديندار اهڙا آهن، جو جيڪڏهن هو ان ڪم ۾ حصو وٺن ته سندن دولت ۾ هڪ سيڪڙو به گهٽتائي نه ايندي.

دنيا جون قومون پنهنجي نظرياتي بنيادن کي حياتيءَ جو سرمايو سمجهي، ان کي ڦهلائڻ لاءِ گهڻو سگهارا آهن ۽ ان مقصد لاءِ وڏا وسيلا خرچ ڪري رهيا آهن پر وري اسان جي بي حسي رحم جوڳي آهي.

**حقيقي صوفيءَ جي دل جي آئيني ۾ ماڻهن جي نفسيات جو عڪس ظاهر ٿيڻ**

حقيقي صوفي ۽ فقير کي پنهنجي نفسي دنيا جا جيڪي تجربا ۽ مشاهدا ٿيندا آهن، تن سان سندس دل جي آئيني تي معاشري جي ماڻهن جي نفسيات جا عڪس صاف طور تي نظر اچڻ لڳندا آهن ۽ هو سمجهندو آهي ته وٽس اچڻ وارو فرد جي هن کي وچ بازار ۾ خوار ڪري ته هو ايئن ڪري سگهي ٿو. اهو هن جو احسان آهي ته هو ايئن نٿو ڪري پيو.

**زندگيءَ تي پاڪيزه صحبت جا اثرات ۽ ثمرات**

دنيا ۾ فرد جي سڀ کان وڏي خوشي قسمتي هيءَ آهي ته ڪيس حقيقي درويش ملي وڃي ۽ هو زندگي پر ڪانئس فيض وٺندو رهي. صُحبت جي ان عمل سان هڪ ته پاڪيزه شعائن جي منتقليءَ سان نئين ايماني زندگي پيدا ٿيندي ۽ ترقي ڪندي ويندي.

ٻيو هي ته ذڪر ۽ فڪر جو شوق وڌندو ويندو، ٽيون هي ته باطني ڪيفيات تازيون رهنديون، جنهن سان فرد الله سان محبت جي دنيا ۾ تيز رفتاري سان هلندو رهندو. چوٿون هي ته طالب قبض، بي چيني ۽ مادي دنيا جي اثرات کان بُلند ٿيندو ويندو. پنجون هي ته زندگيءَ جو هر پهلو بدلبو ويندو. ڇهون هي ته ماڻهن سان هن جي رويي ۾ بهتري ۽ خوش گواري ايندي ويندي، ستون هي ته مٿس هي فڪر غالب ايندو ويندو ته دنيا جي لاءِ ايترو ڪرڻ گهرجي، جيترو دنيا ۾ رهڻو آهي ۽ آخرت لاءِ اوترو تياري ڪرڻ گهرجي، جيترو آخرت ۾ رهڻو آهي. اهو فڪر هن کي دنياوي مصروفيات



ڪي ضروري روزگار جي حد تائين محدود ڪرڻ تي مجبور ڪندو. اٺون هي ته دين جي مظلوميت ۽ ان جي خدمت جي سلسلي ۾ هن جي حِس بيدار ٿيندي ويندي ۽ پنهنجن صلاحيتن جي حد تائين هو ان سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

**هر نوجوان مرد ۽ عورت جو بي قابو ٿيڻ**

نفس ۽ ماديت جو روح پڙڪائڻ واري طاقتور ميڊيا ۽ انٽرنيٽ وغيره اڄ اهڙي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي، جو عام طور تي هر نوجوان مرد ۽ عورت جو نفسياتي مطالعو ٻڌائي ٿو ته هو بي قابو ٿي رهيا آهن ۽ هو پنهنجي شخصيت ۽ مزاج کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ بُري طرح ناڪام ٿيا آهن. توڙي جو هو چاهن ٿا ته بي قابو شهوت جا جذبات اعتدال جي حد ۾ رکن، پر سيني ڪوششن جي باوجود ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام آهن.

جيتوڻيڪ ان جي ڪري تمام نفسياتي بيمارين ۽ صحت جي تباهيءَ جي صورت ۾ قيمت به ڀرڻي پوي ٿي، ليڪن طاقتور ميڊيا طرفان پڙڪايل جذبات اڳيان هو بي وس آهن. ساڳي طرح مال ميڙڻ جو جنون اهڙو آهي، جنهن ۾ تمام توانايون خرچ ٿي رهيون آهن. ماڻهن کي انهن حيواني جذبن جي روڪٿام جي ڪائي صورت نٿي سُوجهي.

مغرب ۾ ٿيندڙ هڪ تجزياتي مطالعي ۾ مردن ۽ عورتن جي وڏي اڪثريت اهو اعتراف ڪيو هو ته اسان جي پنهنجي شخصيت ڏاڍي ڪمزور آهي ۽ خواهشن جا طوفان ڏاڍا طاقتور آهن اهي اسان جي شخصيتن کي اڏاري وڃن ٿا. اسين خواهشن جا اسير ٿي ويا آهيون.

حقيقت اها آهي ته مغرب وارن انسان کي حيوان جي ترقي يافته صورت قرار ڏئي، هن جي حيواني جذبن کي اپاري، انهن جي تسڪين لاءِ جنهن مادي تهذيب جو روح ڦوڪيو آهي ۽ انسانيت تي سرمايه داريءَ جي لعنت مڙهي آهي، سو انسانيت جي اصليت ۽ حقيقت کي نه سمجهڻ ۽ سندس فطري ۽ جوهري صلاحيتن کي نظر انداز ڪرڻ جو نتيجو آهي.

**انسان جي اصليت**

انسان جي اصليت هيءَ آهي تہ هن عالم ارواح ۾ محبوب حقيقيءَ جو مشاهدو ماڻيو آهي. مادي جسم سان هن دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ هو پنهنجي اصليت ڏانهن موٽڻ چاهي ٿو ۽ ٻيهر اهو مشاهدو ماڻڻ لاءِ بي چين آهي.

محبوب حقيقيءَ انسان جي اها بيچيني ڏُور ڪرڻ لاءِ سندس فطرت ۾ پنهنجي محبت جو جذبو رکي ڇڏيو آهي. جيڪو ڪڏهن ختم ٿيڻو ناهي. نفس جيڪو مادي جي پئداوار آهي, سو ان جذبي کي معطل ڪري, ان جي سمورين توانائين کي مادي سامان جي لذت ۽ تسڪين ۾ خرچ ڪرڻ گھري ٿو . جڏهن تہ انسان جي فطرت ۾ موجود محبوب حقيقي کي پسڻ وارو جذبو ڪيس محبوب جي انوارحسن ماڻڻ ڏانهن وٺي وڃڻ چاهي ٿو.اها ڪشمڪش انساني شخصيت ۾ جاري رهي ٿي.

هن دؤر ۾ انسانيت سان سڀ کان وڏو الميو اهو ٿيو آهي تہ مذهب, روحانيت ۽ فطرت جي جذبن کي علمي ۽ شعوري طور تي رد ڪري, هن جي ساري انفرادي ۽ اجتماعي نظام کي انسان جي "حيواني الاصل" هئڻ ۽ ان جي انهن جذبن ۽ خواهشن جي تڪميل واري مقصد لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

ان جي جيڪا سزا انسانيت کي ڀوڳڻي پوي ٿي, اها هيءَ آهي تہ انسان خواهشن جو قيدي بڻجي ويو آهي ۽ شديد مايوسي, افراتفري, بيگانگي ۽ خوداعتماديءَ جي بحران ۽ احساسِ تنهائيءَ جو شڪار ٿي ويو آهي.

**مُسلم دنيا جو الميو**

انسانيت کي هاڻوڪي قابل رحم حالت مان ڪڍڻ لاءِ اسلام وٽ هڪ پاڪيزہ نظام موجود آهي, جنهن سان ان بحران مان نڪرڻ جي صورت پيدا ٿي سگھي ٿي پر بدقسمتيءَ سان مُسلم امت جا مالدار ۽ خوشحال طبقا خدا کان ڏُوري ۽ سندس ذڪر کان غفلت جي ڪري, تعليم ۽ تربيت جي اهڙن جديد ادارن جي تشڪيل جي ڪم کي اهميت ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. جن سان ڪائنات جي شين ۾ ڪارفرما موجود قدرتي قوانين جي ڪارفرمائي ۽ انساني فطرت جي تجزيي سان نوجوان نسل ۾ محبوب حقيقيءَ سان محبت جي جذبات کي وڌائي ويجهائي, ان کي ارتقائي صورت ڏيڻ جو اهتمام هجي. ملڪ جي مايہ ناز فلسفي ڊاڪٽر محمد رفيع الدين ان سلسلي ۾ هڪ



معياري يونيورسٽي قائم ڪرڻ جو پروگرام رٿيو هو ۽ ان لاءِ ابتدائي نوعيت جا نصابي ڪتاب بہ تيار ڪري ورتا ها. هن جي سمورين ڪوشش جي باوجود معاشري طرفان تعاون نہ ٿيڻ ڪري, اها يونيورسٽي تہ ڇا پر ڪالج بہ قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو. ان کان بعد ڪن ٻين شخصيتن بہ اهو ڪم هٿ ۾ ڪنيو , پر بي حسي ۽ ضمير جي مري وڃڻ سبب اسان جا خوشحال طبقا ان قسم جي ڪنهن ڪم جي سرپرستي ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.

جيستائين اڄ جي نوجوان نسل جي تعليم ۽ تربيت ۾ الله سان محبت جي نصب العين جي جذبي کي شامل نہ ڪيو ويندو ۽ اهڙي قسم جا جديد تعليمي ادارا قائم نہ ٿيندا, ايستائين اسان جو معاشرو اهڙن سياستدانن, تعليمي ماهرن, ڊاڪٽرن, واپارين ۽ صنعتڪارن جا لشڪر پيو پيدا ڪندو, جيڪي دولت خاطر قوم کي دشمنن وٽ وڪڻندا پيا ۽ عوام محتاجي واري زندگي پيو گذاريندو .

**معاشرتي فساد ۾ ماڻهوءَ جي نفسيات ۽ مزاج جي خرابيءَ جو شامل هئڻ**

معاشري ۾ بي چيني, افراتفري ۽ فساد جي سببن تي غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ اهو فساد ماڻهن جي نفسيات ۽ مزاج جي خرابيءَ جي ڪري آهي.

ماڻهن جي مزاج ۾ ايڏيون هولناڪ خرابيون پيدا ٿي ويون آهن, جو اسان جو سياسي نظام ۽ تعليمي نظام انهن خرابين ۾ گهٽتائي آڻڻ بجاءِ واڌاري جو ذريعو بڻجي ويو آهي, مزاج جي اها بنيادي خرابي هيءَ آهي تہ هر فرد عزت, شهرت, دولت ۽ شان مان جي زندگي چاهي ٿو ۽ هو چاهي ٿو تہ ڪيس جو ڪجھ ملڻو آهي, اهو زندگيءَ ۾ ئي ملي وڃي. ظاهر آهي تہ اهڙي دولت ۽ ٺٽ ٺانگر جائز آمدنيءَ سان نٿي ملي سگهي, ان لاءِ لُٽ مار, رشوت شروع ڪئي وئي آهي.

**دولت پرستانہ زندگيءَ جي هڪ وڏي خِلا جو نتيجو هئڻ**

دولت پرستانہ زندگيءَ جي اها مزاجي خرابي دراصل انساني شخصيت جي باطن ۾ موجود ان زبردست خلا جو نتيجو آهي تہ لازوال حُسن جي چاهت ۽ ان حَسن جو مشاهدو فرد فطرتي ضرورت آهي. فطرت جي ان جذبي

جي تسڪين نہ هئڻ ڪري، انساني شخصيت ۾ جيترو بہ بگاڙ ۽ فساد شامل ٿي وڃي، اهو گهٽ آهي. محبوب حقيقيءَ جو اسم ذات، يعني الله جو ذڪر، فرد جي مزاج ۽ نفسيات جي ان بگاڙ کي ختم ڪري، فرد جي زندگيءَ کي بهتر بڻائي ڇڏي ٿو. الله جي ذات جيتوڻيڪ سموري صفات جي منبع هستي آهي، ان ڪري ان جو ذڪر ڪندو رهڻ سان باطن ۾ ان صفات جا عڪس اهڙو تہ ظاهر ٿيڻ لڳندا، جو تشفي، تسڪين ۽ احساس لذت لاءِ ماڻهوءَ کي مصنوعي سهاري وٺڻ جي مُنڍان ضرورت ئي نہ پوندي.

ان نڪتي کي سمجهي ڪري، ان صفات وارين شخصيتن جي تياري جو ڪم اگر شروع ٿي وڃي، تعليم ۽ تربيت جا ادارا ان ڪم کي وڏي اهميت ڏين تہ معاشري جو سارو فساد ختم ٿي سگهي ٿو.

**مغربي قومن تائين توحيد ۽ ذڪر جي دعوت نہ پهچائڻ جي نتيجي ۾ مسلمانن کي ملندڙ سزا**

مغربي قومن گذريل ٻن ٽن صدين ۾ مسلمانن تي فوج ڪشي ۽ سازش جي ذريعي کين جهڙيءَ طرح ذهني ۽ عملي طور تي غلام بڻايو آهي ۽ انهن جي وسيلن جي لُٽ مار شروع ڪئي آهي، تنهن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ اها اصل ۾ مسلمانن کي الله جي طرفان ٻين قومن جي حوالي سان پنهنجون منصبي ذميواريون ادا نہ ڪرڻ جي سزا آهي.اها منصبي ذميداري هيءَ آهي تہ هنن تائين اسلام جي دعوت پهچائي، کين الله جي عبادت، ذڪر ۽ اطاعت طرف آندو وڃي. گهٽ ۾ گهٽ هنن جي آڏو بهتر طريقي سان تہ دعوت پيش ڪئي وڃي تہ جيئن سندن لاءِ دائمي عذاب کان بچاءَ جي صورت پيدا ٿي سگهي. انهيءَ ذميداريءَ جي عدم ادائيگيءَ جي ڪري ئي مسلمانن کي سزا پئي ملي. ان عذاب کان بچڻ جي واحد صورت اها ئي آهي تہ ذڪر ۽ دعوت واري زندگي اختيار ڪري، غيرن تي خداپرستانہ زندگي ۽ اسلام جي حوالي سان حجت پوري ڪئي وڃي.



**تعليم ۽ تربيت جي سارن ادارن طرفان انساني نفس جي قوت کي سمجهڻ کان انڪار جي روش**

موجوده دور جو وڏو الميو جو ڪوڙ سارن المين جو مُنڍ آهي، سو انساني نفس جي قوت کي سمجهڻ کان انڪار ڪرڻ ۽ ان کي مهذب بڻائڻ جي ڪم کان غفلت جو مظاهرو ڪرڻ آهي.

نفسي قوتن جي فهم ۽ ادراڪ ۽ ان کي اعتدال جي حد ۾ رکڻ واري سڀ کان اهم ڪم کي تعليم ۽ تربيت جي ادارن مان ڪڍيو ويو آهي. انهيءَ جو نتيجو آهي تہ انسان، حيوانيت جي بدترين صورت اختيار ڪري ويو آهي، انساني معاشرو حيواني معاشري ۾ تبديل ٿي ويو آهي.

**انساني نفس ۾ موجود شيطان ۽ نانگ جي رهائش وارو مثال**

هڪ درويش، انساني نفس جي جسماني صورتگريءَ کي غار سان ڀيٽ ڏني آهي، ان غار ۾ نفس، شيطان ۽ ڪوڙ سارا نانگ لڪيل آهن. رسمي عبادت ۽ رسمي وردن وظيفن جي حيثيت ان غار مٿان ڏنڊا ۽ لٺيون وسائڻ جهڙي آهي، جنهن سان غار جي اندر موجود نفس ۽ شيطان کي ڪجهہ بہ نٿو ٿئي. پر "اسم ذات" (الله) جي مراقبي ۽ قلبي ذڪر سان انهن ۾ هلچل مچي ٿي، هي جيڪو ذڪر آهي، اهو نفس جي نانگن مٿان اُٻرندڙ پاڻي پوڻ جيان آهي جنهن ۾ سڙي ڀڇي وڃن ٿا.

اهو درويش وڌيڪ چوي ٿو تہ جيڪڏهن "اسم ذات" جي ذڪر جي مَلڪي کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ جان ۽ مال جي بازي لڳائڻي پوي ۽ ورهين تائين رات ڏينهن جي مجاهدن کان ڪم وٺڻو پوي تہ اهو سودو سستو آهي.

**نفس جي باري ۾ مولانا رُومي جو جائزو**

مولانا رومي فرمائي ٿو تہ نفس جو هر ساهہ وڏي واردات وارو آهي، هن جي هر ساهہ مان سئو شيطان پيدا ٿي سگهن ٿا. مولانا ٻي شعر ۾ نفس کي فرعون نفس قرار ڏي ٿو جنهن ۾ سئو فرعونن جي طاقت هوندي آهي.

**نفس جي باري ۾ حضرت مجدد جي تصريح**

حضرت مجدد الف ثاني رحہ فرمائي ٿو مُبتدي ۽ متوسط طالب جو نفس شرارت ۾ شيطان کان وڌيڪ شرارتي آهي. جيستائين طالب فنا کان

حالتِ بقا ۾ نٿو اچي. تيستائين هو خطري ۾ آهي ۽ نفس پرستي جي قوتن جي گهيري ۾ آهي.

**نفس قوت بابت جديد نفسيات جي تحقيق**

جديد نفسيات جو ڪتاب "فلسفۂ نفسيات"جيڪو 1915ع ۾ عبدالماجد دريا باديءَ نفسيات جي سوين ڪتابن جي مطالعي بعد لکيو هو. تنهن ۾ لکيو اٿس ته چئن طبقن جو سڌارو ڏاڍو مشڪل آهي. انهن ۾ اهل علم ۽ اهل دانش، حڪمران ۽ آفيسر، سرمائيدار ۽ مالدار ۽ عابد ۽ زاهد آهن.

ڇاڪاڻ جو هي طبقا علم، دانش، خير، نيڪي، مانَ مرتبو ۽ افضليت کي پنهنجي ذات ۾ شمار سمجهن ٿا ۽ دعويٰ ڪندڙ بڻجي وڃن ٿا. جنهن ڪري اصلاح جون ڳالهيون گهٽي پاڳي هنن جي مٿان گذري وڃن ٿيون.

**ڪارنيلگيءَ جو تجزيو**

برطانيه جي ممتاز ماهر نفسيات ڪانيلگيءَ لکيو آهي ته انسان شديد ۽ پيچيده نفسيات وارو آهي. هو مال سان محبت ۾ ايترو شديد آهي، جو اگر هڪ موچيءَ کي اڌ دنيا جو خزانو ڏنو وڃي ته هو ان تي مطمئن ٿيڻ بجاءِ باقي زندگي باقي اڌ دولت جي حصول لاءِ پڇندو ڊڪندو پيو.

**يونگ جو مشاهدو**

هڪ ٻئي نفسيات جي ماهر "يونگ" لکيو آهي ته ماڻهوءَ جي لاشعور ۾ منفي جذبات جي هڪ وسيع دنيا موجود آهي، اهي جذبات رکي رکي انسان جي اندران نڪرندا آهن ۽ انسانيت جي تباهي آڻي ڇڏيندا آهن. طوفانن ۽ سيلابن جي تباهي، ان تباهيءَ جي اڳيان گهٽ آهن. (عالمي جنگين ۾ قتلام جا مثال موجود آهن).

**آدم اسمٿ جو انڪشاف**

آدم اسمٿ، جيڪو موجوده سرمائيداريءَ جو مفڪر آهي، لکي ٿو ته سرمائيدارن جي نفسيات هيءَ آهي ته هنن جون ذاتي نوعيت جون محفلون ۽ دعوتون به غريبن خلاف سازشي تدبيرن ۾ بدلجي وينديون آهن.



**نفس جي انهن قوتن کان بچاءَ جي صُورت**

نفس جي انهن قوتن کان بچاءَ جي واحد صورت اها آهي ته ذڪر فڪر جي ذريعي روحاني ۽ باطني قوتن کي بيدار ڪري رحماني قوتن کي پاڻ سان گڏيو وڃي. اسم ذات جي ڪثرت سان ذڪر سان جڏهن الله جون تجليات ۽ تيز شعاعون نفسي قوتن تي پونديون رهنديون ته نفس جا خراب اثر ختم ٿيندا ويندا ۽ هي جيڪو نفس آهي سو "نفس مُطمئنہ" جي صورت اختيار ڪندو . ان کان بعد رسمي عبادتن ۾ به حقيقي رُوح پيدا ٿيندو ويندو . ان ذڪر سان نفسي خواهشن سبب جيڪا انسانيت آزاري ٿيندي آهي اها بند ٿي ويندي.

انساني تاريخ، نفس پرستي ۽ رحماني قوتن جي ٽڪراءَ سان ڀريل آهي.

انساني تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته انسان جي سموري تاريخ، نفس پرستي ۽ رحماني قوتن جي درميان ٽڪراءُ واري رهي آهي. ڇاڪاڻ ته هر دور ۾ ماڻهن لاءِ خواهشات جي طوفانن کان بچاءُ مشڪل رهيو آهي. ان لاءِ ماڻهن پاران نفس کي معبود بڻائي يا نوان نوان مادي خدا بڻائي، منڍ کان وٺي انبياء ڪرام سان ٽڪراءَ جي راهه اختيار ڪئي پئي وئي آهي. نبين سڳورن جي دعوت، ذڪر وعبادت ذريعي توحيد جي عقيدي کي پختو ڪري، هر قسم جي باطل جي نفي رهيو آهي، انبياء ڪرام جي اها ئي دعوت مالدارن ۽ نفس پرست انسانن لاءِ سڀ کان وڏو چيلينج رهي آهي.

اها هڪ المناڪ حقيقت آهي ته تمام گهڻا نبي سڳورا پنهنجن سارين توانائين جي استعمال باوجود تمام ٿورن ماڻهن کي نفس پرستيءَ جي قوتن کان بچائڻ ۾ ڪامياب ويا ۽ رحماني قوتن جي پاڇي هيٺ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ان ڪري حديث شريف ۾ آهي ته قيامت ڏهاڙي ڪوڙ سارا نبي ايندا، جن سان صرف ڳاڻ ڳڻيا ماڻهو گڏ هوندا.

رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو ته منهنجي امت جا علماء بني اسرائيل جي نبين جيان هوندا. اهڙي طرح علماءِ رباني کي به اهائي

شڪايت آهي تہ زندگي ڀر جي ڪوشش باوجود الله جي محبت ۽ ان جي ذڪر ۾ مستقل مزاجي سان هلڻ ۽ زندگيءَ تي صبغتہ الله (الله جي رنگ) کي غالب ڪري، نفسي قوتن کي شڪست ڏيڻ وارا طالب نالي ماتر هوندا آهن. انهن سان لاڳاپيل ماڻهن جي گهڻائي نالي ماتر ذڪر وارن جي هوندي آهي. ظاهر آهي تہ ان سان نفس جي هولناڪ قوت کي شڪست نٿي ڏئي سگهجي.

### شريعت تي عمل ڪرڻ سان ذڪر جي نُور جو ظاهر ٿيڻ

ذڪر ۾ هلڻ جو هڪ وڏيو پيمانو، اسلامي شريعت تي عمل ڪرڻ جي سگهہ جو پيدا ٿيڻ، اسلامي جذبي جو هئڻ ۽ خلافِ سنت عادتن جي هوريان ڏاڍان تبديلي آهي. اگر طالب، ذڪر ڪرڻ جي باوجود ڏاڙهيءَ جهڙي سنت نٿو رکي، جماعت سان نماز نٿو پڙهي، مردن عورتن جي گڏيل محفلن کان نٿو بچي، ٽي وي ۽ انٽرنيٽ تي عورتن کي ڏسڻ کان نٿو مُڙي تہ ان جو مطلب هي آهي تہ ذڪر اجان دل جي گهراين ۾ جاءِ پيدا نہ ڪئي آهي ۽ ذڪر جي نتيجي ۾ اندر ۾ هلچل پيدا ناهي ٿي.

جڏهن ذڪر جي نتيجي ۾ الله سان محبت مُستحڪم ٿيڻ شروع ٿيندي آهي تہ شَرعَ جي خلاف پراڻين سارين عادتن کان بيزاري ٿيڻ لڳندي آهي. طالب جيستائين ان مقام تي نٿو پهچي، تيستائين اهو ئي سمجهيو ويندو تہ جيتوڻيڪ ذڪر جاري آهي، پر زندگيءَ ۾ ان جا اثرات پوري طرح ظاهر ٿيڻ شروع ناهن ٿيا.

### فاسد معاشري ۾ هڪ سنت تي عمل جو ثواب

طالب کي هي نڪتو ياد رکڻ گهرجي تہ فاسد دور ۾ هڪ سنت کي جيئارڻ سئو شهيدن جي برابر آهي. سنت مطابق ڏاڙهي رکڻ سان معاشري ۾ بيشڪ ڀلو نہ لڳي، پر الله جي رسول سان محبت جي تقاضا اها آهي سندس ان سنت کي زنده رکيو وڃي.

ذڪر وارا، معاشري کان مرعوب ناهن ٿيندا، بلڪ معاشرو پاڻ هنن کان مرعوب ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ جو هو دل جي گهراين ۾ ڪثرت ذڪر



سان الله جي انوارِ حُسن جو ذخيرو سانڍيل هوندا آهن. جيستائين ڪثرت ذڪر جي ذريعي دل مان معاشري جي مرعوبيت ختم نہ ٿئي، تيستائين سنتن تي عمل پيرا ٿيڻ ۾ ڏاڪي ٻڏاڪي وارو عمل صحيح آهي، هڪ ئي مهل ٻرانگهہ مارڻ سان نقصان ٿي سگهي ٿو . ليڪن تدريج جو مطلب سنتن کان بي پرواهي نہ هئڻ گهرجي.

### اسلام جي نظر ۾ دل وڏي اهميت واري آهي

هن دور ۾ فڪر ونظر ، مزاج ۽ ذهنيت ۾ جا تبديلي آئي آهي، ان سان جديد طبقات کي ديني اعتبار کان سنڀالڻ ۽ کين الله جي ذڪر ۽ الله جي محبت ڏانهن آڻڻ ۾ گهڻي ڏکيائي ٿي رهي آهي. ان جو هڪ وڏو سبب انساني شخصيت جي تبديليءَ ۾ دل جي اهميت کان انڪار آهي، اولهہ وارن ٽن سئو سالن تائين ان جو انڪار ڪري، پنهنجي تهذيب ۽ علوم جو بنياد عقل تي رکي ڇڏيو . هنن جو خيال آ تہ دل جو ڪم جسم کي رت پهچائڻ کان سواءِ ٻيو ناهي. اهو ئي فڪر گذريل ڏيڍ سئو سالن کان اسلامي دنيا ۾ بہ عام ٿيو آهي، هر اها ڳالهہ، جا عقل ۽ پنجن حواسن کان ٻاهر آ، تنهن کان انڪار جي روش غالب آهي. حالانڪ اسلام جي ساري عمارت، دل ۽ ان جي صلاحيتن ۽ ان جي خوابيده قوتن سان سلهاڙيل آهي، اسلام حقيقي فهم ۽ حقيقي علم جو مرڪز دل کي ئي قرار ڏي ٿو . اسلام جي نظر ۾ تقويٰ جو مقام بہ دل ئي آهي. اسلام قرآن جي نزول جو مرڪز بہ حضور صہ جن جي دل کي قرار ڏي ٿو. اسلام جي نظر ۾ ايمان ۽ اُن جي گهرائين جي جڳهہ بہ دل ئي آهي.

اسلام جي نظر ۾ قرآن مان فيض پرائڻ بہ دل جو ڪم آهي. اسلام، ديني اعتبار سان زندگيءَ جي ساري صحت ۽ سلامتيءَ کي دل سان ڳنڍيل قرار ڏي ٿو . اسلام جي نظر ۾ دل جي خرابي ۽ ڪنورتا سان ساري زندگي فساد سان ڀرجي وڃي ٿي. اسلام دل جي ان فيصلائتي اهميت جو اظهار بہ ڪري ٿو تہ الله ۽ فرد جي وچ ۾ پوڻ واري شيءِ دل ئي آهي. اسلام ، ايمان جي محبت جو مرڪز بہ دل کي ئي قرار ڏي ٿو . ان جي نظر ۾ خوشي ۽ اطمينان

دل ۾ ئي ٿيندو آهي. اسلام هي اعلان ٻہ ڪري ٿو تہ ڪنهن بہ شخص جي سيني ۾ ٻہ دليون ناهن، دل هڪ ئي آهي ۽ اها هڪ ئي مهل ٻن محبتن جو مرڪز نٿي ٿي سگهي. ان ۾ هڪ ئي محبت سمائجي سگهي ٿي، ياالله جي يا دنيا جي! اسلام هي نقطو بہ ٻڌائي ٿو تہ الله جي طرفان دلين تي مهر لڳڻ سبب حقيقي علم جي صلاحيت ڪسجي وڃي ٿي. اسلام، ڪفر ۽ گناهن جي بيماريءَ جو مرڪز بہ دل کي قرار ڏئي ٿو. قرآن هي بہ چوي ٿو تہ اکيون انڌيون ناهن هونديون، بلڪ سنن ۾ جيڪي دليون آهن، اهي انڌيون هونديون آهن. هت ان سلسلي ۾ قرآني آيتون ڇاٽائڻ مشڪل آهي، اهي اسان جي مختلف ڪتابن ۾ خاص طور "اقبال ڪا فلسفۂ عشق واسرار رموز" ۽ "اصلاح نفس ڪا لائحہ عمل" ۾ موجود آهن.

## دل کي عقل جو حصو قرار ڏيڻ جي غلط روش

مغربي نظام تعليم ۽ ان جي تهذيب جي چئو طرف غلبي سبب اسان جي دانشورن، جديد اهل علم ۽ مفڪرن جي وڏو تعداد دل جي صلاحيتن کان انڪار جي سلسلي ۾ مغرب جي ان تحقيق کان متاثر ٿي، نہ فقط دل جي صلاحيتن جي بيداريءَ جي ڪم جو منڪر ٿيو، بلڪ هو عقل کي ئي فهم، جذبات ۽ سمورن ڪارنامن جو مرڪز سمجهندو رهيو. موجوده دور ۾ قرآن جي تشريح ۾ بہ ڪن مفڪرن ۽ شارحن طرفان دل بجاءِ عقل ۽ عقليت جي صلاحيتن تي سڄو زور ڏنو ويو ۽ دل جي صلاحيتن کي عقل جي جزوي حصي طور پيش ڪيو ويو.

مغربي فڪر جي ان غيرمعمولي غلبي جي ڪري، قرآن ۽ سنت جي فهم جو جيڪو تسلسل صدين کان سلف صالحين ذريعي مُنتقل ٿي رهيو آهي، اهو غيرمعمولي طور تي متاثر ٿيو ۽ دل جي اصلاح جي ذريعي الله سان محبت پيدا ڪرڻ، دل جي اصلاح ذريعي ايمان جي ارتقائي صُورت پيدا ڪرڻ، دل جي صلاحيتن کي اُڀاري سيرت ۽ ڪردار ۾ پاڪيزگي پيدا ڪرڻ، دل کي ذڪر جي انوار سان پري، محبوب حقيقي جي دشمنن سان مقابلو ڪرڻ، دل جي ذريعي نفس جي بُتن سان مهاڏو اٽڪائڻ، دل ذريعي



اخلاص، للهيت، تقويٰ، بي نفسي، دنيا کان بي نيازي ۽ زهد جهڙيون وصفون پيدا ڪرڻ، بدقسمتيءَ سان اهي سارا ڪم بُري طرح متاثر رهيا ۽ جديد طبقن ۾ اهو ذهن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ٿي تہ دل ۽ دل جون صلاحيتون ۽ ان جي بيداريءَ جهڙيون صلاحيتون اهي سڀ صوفين جا مفروضا آهن، هنن امت جي توانائين کي معطل ڪرڻ لاءِ دل جي ذڪر کي وظيفو ۽ مشغلو بڻائي ڇڏيو.

## دل جي باري ۾ جديد سائنسي تحقيق

آمريڪا جي ڪن جديد ماهرن پنهنجي تحقيق سان اها ڳالهہ ثابت ڪئي آهي تہ اسين صدين کان عقل کي علم، تحقيق ۽ معلومات جو جيڪو مرڪز سمجهيو هو، ۽ ان لاءِ اسان جيڪي ادارا ٺاهيا هئا سين ۽ لکين ڪتاب لکي ڇڏيا سين، سي سڀ غلط آهن. انساني شخصيت ۾ تہ اصل شيءِ عقل ناهي، بلڪ دل آهي. دل ۾ عقل جهڙا توانائيءَ جا مرڪز هزارين آهن. دل جي صلاحيتن کي بيدار ڪري، انهن توانائي جي مرڪزن تائين پهچي سگهجي ٿو. اهڙي طرح انسانيت کي ڪيترن نون علمن سان واقف ڪري سگهجي ٿو ۽ انساني شخصيت جي اصليت ۽ ان جي گهراين ۽ جذبات جي مرڪز تي آسانيءَ سان ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو. ان ڏس جي معلومات "بيداري" (اردو) جي هڪ مضمون ۾ تفصيل سان اچي چڪي آهي. انٽرنيٽ تي بہ مواد موجود آهي.

حاصل مطلب هي آهي تہ مغرب دل جي غيرمعمولي صلاحيتن کان هاڻي آشنا ٿيو آهي. اجان ڪيس ابتدائي معلومات حاصل ٿي آهي، جڏهن تہ قرآن ۽ سنت، انساني زندگيءَ ۾ حقيقي تبديلي ۽ علم ومعرفت ۽ محبت وغيره جي حوالي سان دل جي غيرمعمولي اهميت سان ڀريل آهي. اسان جا سلف صالحين دل جي انهن صلاحيتن کان ڪم وٺي، صدين تائين ماڻهن کي اسلام تي قائم رکڻ ۽ نفس پرستيءَ جي بتن کان بچائي، خالص خدا پرستي جي راهہ تي گامزن رکڻ ۾ بهتر طور تي ڪامياب رهيا آهن.

اولهہ جي نقل ڪرڻ ۾ اسان قيمتي وقت وڃايو آهي ۽ پنهنجن نون نسلن کي عقليت جي تحريڪ جي اثر هيٺ ماديت ۽ دنيا داريءَ جي راهہ تي گامزن ڪري، سندن زندگيون برباد ڪيون . هاڻي اڪ پٽڻ جي ضرورت آهي. اسم ذات جي قلبي ذڪر جي ذريعي دل جي سڀني صلاحيتن کي جياري، انساني جوهرن، حقيقي فهم ۽ بصيرت ۽ حقيقي علم ۽ معرفت ذريعي انسانيت جي رهنمائيءَ جو فرض سرانجام ڏجي.

اهي اسلامي تحريڪون، جن دل بجاءِ پنهنجي فڪر جو بنياد عقل ۽ عقليت کي بڻايو آهي. الله سان محبت ۽ معرفت جي جذبات کان لنوائي، عقلي دليلن تي ئي اسلامي جدوجهد جي عمارت قائم ڪئي آهي، انهن کي بہ ستر اسي سالن جي تجربن ۽ مشاهدن کان مدد وٺي همت، حوصلي ۽ بصيرت کان ڪم وٺي، پنهنجي وسيع لٽريچر تي نظر وجهڻ گهرجي ۽ اهڙو طاقتور لٽريچر تيار ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ عقليت سان گڏ دل جي اهميت ۽ ان جي صلاحيتن جي بيداريءَ جو پورو اهتمام هجي. جڏهن ان سلسلي ۾ مغرب پنهنجي فڪر تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ تيار آهي تہ اسلامي تحريڪون ئي ان ڏس ۾ آخر جمود جو شڪار ڇو هجن. تقليد کان مٿي اٿي، وسعت فڪر ونظر کان ڪم وٺڻ جي ضرورت آهي.

**طالب کي ذڪر جي ذريعي نفس جو سمنڊ جهاڳڻو پوي ٿو**

الله جو طالب عرصي تائين ڪثرت ذڪر سان نفس پرستيءَ جي سمنڊ ۾ ٽٻي هڻي ٿو. هن کي ان سمنڊ ۾ مانگر مڇن سان بہ واسطو پوي ٿو تہ ڪناري جي طوفاني لهرن سان پڙ! انهن سڀني سان مقابلو ڪري، هو ان سمنڊ مان هيرا موتي ڪڍي اچي ٿو.

اگر طالب جي ان سمنڊ ۾ ٽٻي اڻپوري آهي تہ هو خطري جي حالت ۾ آهي، ٻين کان وڌيڪ ڪيس پنهنجو فڪر ڪرڻ گهرجي. اگر ان دوران هن کي ڪجهہ بهتر خواب ۽ ڪجهہ اڳواٽ ڳالهيون معلوم ٿيڻ لڳن ۽ ٻين تي تصرف ۽ توجهہ جي سگهہ بہ پيدا ٿي وڃي تہ اهڙو طالب بزرگيءَ جي نالي تي خودپسندي ۽ خودنمائي جي خطرن ۾ پوڻ لڳندو آهي. اگر هو جلد ئي پاڻ



سنڀالي صحيح روحاني استاد جي تابع ٿيڻ وڃي ٿو تہ ان جي بچاءَ جي صورت پيدا ٿئي ٿي. ٻي صورت ۾ بزرگيءَ جي نالي تي هن لاءِ دنيا ڪشادي ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪيس فقر جي عظيم دولت کان محروم ڪيو وڃي ٿو يا ڪشف وغيره جي حوالي ڪيو وڃي ٿو.

ڪثرت ذڪر جي نتيجي ۾ دل ۽ دماغ تي پهرو لڳي وڃي ٿو. جنهن ڪري دنيا جي غيرضروري خيالات، وسوسن ۽ منفي جذبات جي روڪٿام جي صورت پيدا ٿي وڃي ٿي. ڪثرت ذڪر جو هي اهڙو ثمر آهي، جو صوفيءَ کي هن دنيا ۾ ئي سڀ کان وڌيڪ خوش قسمت بڻائي ڇڏي ٿو.

**مُبتدي، متوسط ۽ مُنتهي طالب جو ذڪر ۽ ان جي نوعيت**

ذڪر جي باري ۾ اهو نڪتو بہ سمجهڻ تمام ضروري آهي تہ مُبتدي، متوسط ۽ مُنتهي صوفيءَ جو ذڪر هڪٻئي کان مختلف آهي. مبتدي طالب اگر روزانو ذڪر کي اڌ ڪلاڪ کان هڪ ڪلاڪ تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب وڃي ۽ اهو ذڪر سندس معمول بڻجي وڃي تہ هن جي زندگي خوشين واري ٿي ويندي ۽ ڪيس "حالت توسط" ۾ اچڻ ۾ دير نہ لڳندي. متوسط صوفيءَ جو ذڪر هي آهي تہ هو نفس کي دل جي ذڪر سان مسلسل ڪمزور ڪندو رهي. منتهيءَ جو ذڪر هي آهي تہ هو نفلن ۽ تلاوت قرآن سان تعلق مضبوط ڪندو رهي، پنهنجو گهڻو وقت خدمت دين ۽ خدمت خلق ۾ خرچ ڪري.

ذڪر جي ان ترتيب کي آڏو رکيو وڃي. متوسط صوفيء جو گهڻو وقت ذڪر ۾ ان ڪري گذرڻ ضروري آهي، جو گهڻي ذڪر جي نور کانسواءِ نفس جي ڪاريهر قوتن مان جند نٿي ڇُٽي. نفساني قوتن جي موجودگي ۾ خدمت دين سان ڏيکاءُ، پاڻ پڏائڻ، انا، غرور ۽ مال جي هوس جهڙا جذبا اندر مان پوري قوت سان اُڀرڻ لڳن ٿا.

ٻي سزا هيءَ هوندي آ تہ هن کي "فقر محمدي" (يعني درويشانہ ۽ فقيرانہ زندگي) جي ذرن کان محروم ڪيو ويندو آهي ۽ عام مريدن بجاءِ مالدارن

جي ماحول ۾ ويهڻ سندس معمول بڻجي ويندو آهي. گاڏين، بنگلن ۽ وڏ ڪان وڏ دولت جو فڪر مٿس مڙهيو ويندو آهي.

ٽين سزا اها هوندي آ ته سندس چوڌاري اهڙن ماڻهن جو گهيرو ٿي ويندو آ، جن جي تهذيب نفس ۽ اصلاح نفس سان گهڻي دلچسپي ناهي هوندي، هو فقط بزرگ جي برڪتن مان فائدو وٺڻ گهرندا آهن. زندگيءَ جي رُخ کي بدلائڻ جهڙن ڪمن سان هنن کي دلچسپي ناهي هوندي. وڏو نازڪ معاملو آ. خدا اسان کي ان سزا کان بچائي ۽ هر وقت خوداحتسابي جي توفيق ڏي، اسان کي پنهنجن ڪمزورين جي مشاهدي ۽ انهن کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اسين هن کان سندس فضل خاص جي التجا ڪريون ٿا.

### مُبتدي طالب تي ٿيندڙ ذهني دٻاءُ

مُبتدي طالب، اڪثر نفس جي ان دٻاءَ ۾ رهندو آهي ۽ اهي وسوسا ٿيندا اٿس ته ذڪر جي راهه تمام ڏکي ۽ صبر واري آهي، جنهن ڪري دنيا دار دوستن کي ڇڏڻو پوندو، مادي دنيا جي مزن کان محروم ٿيڻو پوندو . ڪن طالبن کي نفس جي طرفان اهو وسوسو ٿيندو آهي ته هو ڇا به ڪري، پر اصلاح مشڪل آهي، ڇو جو ورهين کان ذڪر جي دنيا ۾ شامل ٿيڻ جي باوجود به منفي خيالن ۽ جذبن مان جان ناهي ڇُٽي. نماز ۾ به خشوع ۽ خضوع پيدا نه ٿيو، بي چيني گهٽ نه ٿي آهي.

نفس جي انهن وسوسن ۽ دٻاءَ جي ڪري اڪثر مُبتدي طالب نفس جي فريب جو شڪار ٿي، ذڪر کان پڇي ويندا آهن. پر ان جي ڪين جيڪا سزا سَهڻي پوندي آهي، سا اها آهي ته هو نفس پرستيءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پوندا آهن، جنهن مان نڪرڻ جي راهه ناهي سُوجهندي. پر مُبتدي طالب کي همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺي، جهڙو تهڙو به الله جي محبت جي راهه ۾ هلڻ گهرجي. سندس مستقل مزاجيءَ کي ڏسي، هڪ وقت اهڙو ايندو جو محبوب ڪيس ان بحراني صُورت مان ڪيڍي وٺندو .

متوسط صوفيءَ تي نفس طرفان اهو حملو ٿيندو آهي ته هاڻي بزرگيءَ جي مقام تي فائز ٿي، ٻين جي تربيت جو ڪم ڪري سگهان ٿو . جيئن ته



ڪيس بهتر خواب ۽ ڪجهه ڪشف ٿيڻ لڳندو آهي، ماڻهن ۾ ڪجهه مشهور به ٿي ويندو آهي، ان سان هو نفس جي وڪڙ ۾ ڦاسي، بزرگ بڻجي ويهندو آهي، ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته بزرگيءَ جي آڙ ۾ ماڻهن کي هو پنهنجو غلام بنائڻ لڳندو آهي، مختلف طريقن سان دولت ڪمائڻ ۽ لئه سان رهڻ لڳندو آهي. انهن حالتن ۾ صوفيءَ کي تمام وڏي صبر ۽ حڪمت کان ڪم وٺڻ جي ضرورت آهي. جيتوڻيڪ ڪيس سرسري سلوڪ طئه ڪرائڻ وارن بزرگن کان اجازت به ملي وڃي، تنهن جي باوجود به هو بزرگيءَ ذريعي مال ۽ حيثيت جي راهه تي نه هلي، ڇو جو آخرت ۾ ته فرد کي پنهنجو حساب ڏيڻو آهي، اتي خلافت ڏيڻ وارو بزرگ ڪم نه ايندو .

### ماديت جي عالمگير تحريڪ پاران نفس جي خطرناڪيءَ ۾ اضافو

نفس جي قوت اڳ ۾ ئي گهٽ خطرناڪ نه هئي، ليڪن هن دور ۾ ماديت جي عالمگير تحريڪ نفس جي ان وقت ۾ جيڪو اضافو ڪيو آهي، اهو هاجيڪار آهي.

عالمي شاهوڪار وٽ ايڏي جهجهي دولت آهي،جو هو قومن جون قومون خريد ڪري رهيو آهي ۽ ملڪن کي ذهني، تهذيبي ۽ معاشي طور تي غلام بڻائي، پنهنجو محڪوم بڻائي رهيو آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا ساري جي ساري هن جي حمايت ۾ آهي. اسان جي ملت جا لکين ذهين ماڻهو آهن جن کي هو دولت سان خريد ڪري، ماديت، جنسي آزادي ، دين مذهب ۽ شريعت خلاف هٿيار جي طور تي استعمال ڪري رهيو آهي. نوجوان نسل ماديت جي وهڪري ۾ ڪکن پنن وانگر لڙهندو پيو وڃي. ان حال ۾ نفس ۽ ماديت جي عالمگير قوت کان بچاءَ جي اڪيلي صورت اها ئي آهي ته ذڪر ڏانهن نوجوانن کي آڻڻ ۽ ان کي ادارن جي صورت ڏيڻ. ذڪر جا اهي حلقا ماديت جي سيلاب ۾ نوح جي ٻيڙيءَ جي حيثيت رکن ٿا. لااله جو ذڪر باطل جي سارين قوتن جي نفيءَ جي مزاج کي مستحڪم ڪري ٿو ته اسم ذات جو قلبي ذڪر دل جي سمورن تالن کي کولي ان ۾ الله جي انوار حسن کي

ڀري ڇڏي ٿو . جنهن سان فرد ماديت ۽ نفس جي عالمگير قوتن خلاف مضبوط ديوار ٺهجي وڃن ٿا.

موجوده دور ۾ ذڪر جي حلقن کي مضبوط ڪرڻ بنا مسلم امت جي بچاءَ ۽ تحفظ جا سارا رستا بند آهن.

**طالب جا تلخ تجربا ۽ مُشاهدا**

محبت جي راهه ۾ طالب کي عرصي تائين هڪ ته اهو مشاهدو ٿيندو آهي ته ذڪر لاءِ هن جي اُڃ ئي ناهي اُجهندي، جيئن لطيف سائينءَ چيو آهي:

تن ۾ نئونس پريڻ جي، پيئان نه ڍاپان

هو جيترو ذڪر ڪندو آهي، اوتري وڌيڪ طلب پيدا ٿيندي اٿس، ان ڪري طالب کي سالن تائين راتان ڏيهان هلڻو پوندو آهي، طالب کي ٻيو جيڪو مُشاهدو ٿيندو آهي، اهو هي ته هن تي محبوب جي طرفان قبض، بيچيني ۽ هيبت جا تير لڳاتار وسندا رهندا آهن. جنهن سان هن جي دل، دنيا کان ڪجي ويندي آهي. محبوب جي ذڪر کان علاوه هن جون ٻيون مصروفيتون محدود ٿي وينديون آهن، بلڪ اهي سندس تابع ٿي وينديون آهن.

ٽيون مشاهدو طالب کي اهو ٿيندو آهي ته هو نفس جي مڪر ۽ فريب جي وڏي چمار ۾ قاتل آهي، روز ڪيس خودنمائي، خودپسندي، تڪبر، رياءَ، حرص، حَوس، مال ۽ مادي حسن سان محبت جا لڳاتار حملا ٿيندا رهن ٿا. نفس جي انهن قوتن جي مشاهدي کان هو ڪڏهن ڪڏهن عاجز ۽ بي وس ٿي، محبوب جي طرف فريادي نظرن سان ڏسڻ لڳندو آهي ته هو پنهنجي فضل خاص سان ڪيس ٻڏڻ کان بچائي.

طالب کي چوٿون تجربو جسماني نظام جي بگاڙ جهڙوڪ پيٽ جي خرابي، اعصابي ۽ دماغي ڪمزوري جهڙن تڪليفن جو ٿيندو آهي. انهن سڀني ڳالهين مان مقصد طالب جي نفس جي قوت کي فنا ڪرڻ هوندو



آهي. ان جي هڪ وڏي حڪمت عملي هيءَ به هوندي آهي ته طالب کي مشاهداتي حالات مان گذاري،حالت صحو ۽ حالت بقا ۾ آندو وڃي. ته جيئن هڪ ته هو نفس جي شر کان بچڻ جو اهتمام ڪري، ٻيو اهو ته سچن طالبن جي صحيح طور تي تربيت ڪري، ڪين نفس جي انڌيرن مان گذرڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي، ٽيون اهو ته هو هر معاملي ۾ الله جي فضل تي انحصار ڪرڻ واري سليقي وارو ٿي وڃي.

**الله جي طالب جو مثال**

الله جي طالب جو مثال مڇيءَ جهڙو آهي، جنهن جي زندگيءَ پاڻي ۾ هوندي آهي پاڻيءَ کان ٻاهر هوءَ تڙپي تڙپي مري ويندي آهي. خاص ڪري الله جو متوسط طالب ته ذڪر جي ماحول کان ٻاهر رهي نٿو سگهي، ان سان سندس قلب تي تير وسندا آهن ۽ وسوسن جو هجوم ڪيس گهيري وٺي ٿو. جنهن ڪري ذڪر جو سفر تيزيءَ سان طئه ڪرڻ تي مجبور ٿئي ٿو. منتهي صوفيءَ جي ذڪر سان طبعي مُناسبت پيدا ٿي وڃي ٿي. تنهن هوندي به اگر ڪمن ۾ مصروفيت جي ڪري ڏينهن ۾ ڪلاڪ ڏيڍ جي ذڪر ۾ گهٽتائي ايندي ته ان جا حالات به بدلجڻ شروع ٿيندا ۽ سندس نفس به ڳَر ڪڍڻ لڳندو.

**خلافتن جي تقسيم ۾ سخاوت سان سنجيده حلقن ۾ تشويش**

اڄڪلهه اڪثر بزرگن طرفان خلافتون ڏيڻ ۾ جيڪا فياضي ٿي رهي آهي، تنهن سنجيده حلقن ۾ مذهب کان متاثر جديد طبقن ۾ تصوف ۽ تصوف وارن بابت غلط تاثر اُڀاريو آهي. ان سان تصوف جو ادارو بي توقير ٿيو آهي.

تصوف ۽ اهل تصوف جي موجوده حالت ڏسي، جيتوڻيڪ تصوف جي وڪالت ڪرڻ، اسان جهڙن ماڻهن لاءِ وڏو امتحان آهي، پر روايتي تصوف جي طرف نه، اسان ته انهن فقراء سان تعلق ڳنڍڻ طرف سڏيون ٿا، جي شهرت جي جديد طريقن کان بي نياز آهن. جيڪي گمنام رهي، الله جي

بندن جي تربيت ۽ تزڪيي جو ڪم ڪري رهيا آهن، جيڪي دولتمندن کان خوف ۾ رهندا آهن تہ متان هو سندن فقيرانہ رنگ کي متاثر ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿين. ان ڪري هو دولتمندن کان دور رهندا آهن.

**انسانيت کي پچرندڙ ٽاندن کان بچائڻ جي صورت**

عالمي ڪفر جي طاقتن اڄ دنيا جو جيڪو نقشو بڻايو آهي، اهو اهڙو آهي، جنهن ۾ انسانيت کي پيڙيو ويو آهي. هن جي مذهب ۽ انسانيت کي ختم ڪري، وجداني، نفسياتي ۽ مزاجي، بيمارين جو شڪار بڻايو ويو آهي. انسان جو انسانن سان وفاداري وارو رشتو ڇنيو ويو آهي. جنهن سبب مغرب جو انسان، انسان کان مايوس ٿي ڪتي جهڙي جانور سان رشتو رکڻ تي مجبور ٿيو آهي.

معاشي طور تي حالت اها آهي جو زمين اندر قدرت جو خزانن جي دريافت، مادي وسيلن ۽ اناج جي گهڻائيءَ جي باوجود ڪروڙين، اربين انسان ٻن ويلن جي مانيءَ جا محتاج ٿي ويا آهن ۽ علاج جي سهولتن کان محروم آهن.

انسانيت جي اها حالت ايمان ۽ ذڪر وارن لاءِ دعوتِ فڪر آهي تہ هو گهٽ ۾ گهٽ ننڍي پئماني تي ئي سهي اهڙو معاشرو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪن، جنهن الله جي ذڪر جي اثر هيٺ ماڻهو هڪٻئي لاءِ ايثار ۽ قرباني جو مظاهرو ڪن. جتي فقط الله ڪارڻ دوستيون ۽ ٻيا رشتا رکيا وڃن. ان معاشري ۾ تجارت ۽ معاشرت خالص اسلامي اصولن تي قائم هجي. ان طرح جو معاشرو اگر جُڙي پوي تہ اهو پوري دنيا جي انسانيت جو ڌيان ڇڪائي سگهي ٿو ۽ اهو اڄوڪي پچرندڙ ٽاندن تي رهڻ واري زندگي کان نجات جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو.